# پنهنجي پاران

هينئون ڪتاب جيئن نالي مان ظاهر آهي، انسان ڪائنات ۽ تخليق ڪائنات جي موضوع تي آهي ۽ پنهنجي موضوع تي نهايت قيمتي ڪتاب آهي.

انسان ۽ ڪائنات جي تخليق جو مسئلو فلاسفرن وٽ شروع کان وٺي موضوع بحث رهيو آهي، پر انسان جو عقل جيئن ته مادي نوعيت جو آهي بلڪ اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته انساني عقل خالص مادي مان ٺهيل آهي. مادي مان ٺهيل عقل، مادي کان مٿانهين حقيقتن کي سمجهي سگهي، انتهائي مشڪل آهي، جيئن ته انسان جي فطرت ۾ حق ۽ ڪوڙ کي سمجهڻ جي وڏي صلاحيت رکي وئي آهي، ان ڪري انسان جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ فطرت ۾ موجود صلاحيتن کي بيدار ڪرڻ جي ضرورت به رهي آهي. پر انسان ڪائنات ۽ تخليق ڪائنات جو مسئلو بنيادي طور سان وحي سان تعلق رکي ٿو . دنيا ۾ موجود سمورا مذهب وحي جي ذريعي ئي وجود ۾ آيا آهن. جيتوڻيڪ اسلام کان سواءِ ٻين مذهبن جي بنيادي ڪتابن ۾ تمام گهڻي ڦيرڦار ٿي آهي، ان ڪري انهن جي عقيدن ۽ تعليمات ۾ بگاڙ اچي ويو آهي. ان جي باوجود سمورن مذهبن ۾ خدا ۽ انسان جي روحاني قوتن جو اقرار موجود آهي،پر موجوده دور ۾ سائنسي ترقي جي ذريعي انسان، ڪائنات جي اهڙين قوتن ۽ رازن تائين پهچي چڪو آهي، جنهن سائنسدانن کي ڪائنات جي غيرمعمولي ۽ عظيم الشان وسعت حيرت زده ڪري ڇڏيو آهي ۽ سائنسدان اها گواهي ڏيڻ کان سواءِ نه رهي سگهيا آهن ته هيڏي وڏي ڪائنات ڪنهن طاقتور هستي جي خلقڻ کان سواءِ ٺهي نٿي سگهي.



هينئين ڪتاب ۾ ان سلسلي ۾ ڪافي معلومات پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ انسانيت لاءِ خالق ڪائنات جي پيغام کي پڻ جديد علمي نهج ۽ جديد ذهني سطح مطابق پيش ڪرڻ جي ڪاوش ڪئي وئي آهي.

موجوده دور ۾ اسان جي سنڌي نوجوانن کي اهڙن ڪتابن جي وڌيڪ ضرورت آهي ته جيئن سندن ذهن ۽ مزاج جي جوڙجڪ مثبت طور سان ٿي سگهي.

”تنظيم فڪر و نظر“ جي مقصدن ۾ سڀ کان اهم ۽ وڏو مقصد اهو ئي پيش نظر رهيو آهي ته پنهنجي نوجوانن جي بهتر ۾ صحتمند بنيادن تي ذهني اوسر ڪجي ۽ ان مقصد لاءِ اسلامي عقيدن ۽ اسلامي تعليمات کي جديد علمي اسلوب ۽ رنگ ۾ پيش ڪجي . انشاء الله ان ڏس ۾ اسان جي پاران لڳاتار ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو جاري رهندو . اميد ته سنڌي نوجوانن جي پاران تنظيم جي ڪتابن کي سٺي موٽ ملندي.

**جليل احمد**
**سيڪريٽري**
**تنظيم فڪر ونظر**
**سکر**

# تعارف

زير نظر ڪتاب پهريون ڀيرو 1986ع ۾ ”انسان، ڪائنات ۽ قانون فطرت“ جي نالي سان شائع ٿيو هو . ان کان پوءِ ان ۾ 1992ع ۾ قيمتي واڌاري ڪري، ”انسانيت جي نالي الله جو پيغام“ جي نالي هيٺ سنڌ نيشنل اڪيڊمي جي پاران ڇپيو هو .

هي ڪتاب اصل ۾ جديد فردن کي جديديت جي پس منظر ۾ اسلام جي سمجهاڻي لاءِ جوڙيو ويو هو. مقصد اهو هو ته اسلام جي پيغام کي اهڙي نموني سان پيش ڪجي، جنهن سان جديد دور جي پيدا ڪيل علمي ۽ استدلالي مونجهارن ۽ خدا ۽ اسلام بابت غلط فهميون دور ٿي سگهن ۽ اسلام جي تعليمات تي فڪري طور سان اعتماد بحال ٿي سگهي ۽ انسان ۽ ڪائنات ۾ پوشيده حيرت انگيز قوتن جي مطالعي ومشاهدي ذريعي خالق ڪائنات تائين رسائي حاصل ٿي سگهي.

اسلام اهڙو دين ۽ مذهب آهي، جنهن ۾ بي پناه وسعت موجود آهي، ان ۾ هر دور جي حالتن سان منهن ڏيڻ ۽ هر دور جي علمي ۽ استدلالي سطح مطابق پيش ٿيڻ ۽ عقل جي هر قسم جي مونجهارن کي دور ڪرڻ جي پوري صلاحيت موجود آهي، ڇاڪاڻ ته ڪائنات جي خالق هستيءَ ڪائنات جي سيني شين ۽ خود انسان ذات ۾ پنهنجي ذات سان ڪشش جو اهڙو ته نه ختم ٿيندڙ لاڙو رکيو آهي، جو ڪائنات ۽ انسانيت جو نظام انهيءَ ڪشش جي لاڙي جي نتيجي ۾ ئي قائم رهي سگهي ٿو ۽ ان ۾ توازن پيدا ٿي سگهي ٿو، ٻي صورت ۾ انساني معاشرو فساد جو منظر ئي پيش ڪري سگهي ٿو.

انسان ۽ ڪائنات ۾ موجود حيرت انگيز قوتون،جيڪي جديد سائنسي تحقيق ذريعي ڪجهه ظاهر ٿي سامهون آيون آهن، انهن



حيرت انگيز قوتن ۽ تحقيق جي حوالي سان جديد فردن کي غور وفڪر جي ذريعي حق ۽ صداقت جي راه تي آڻڻ، هن ڪتاب جو اهم مقصد آهي، الحمدلله ان ڏس ۾ هي ڪتاب انتهائي قيمتي نوعيت جو ڪتاب آهي. بس ضرورت فقط اها آهي ته دل جي اکين تان ٻيا ئي جو پردو لاهي، سمجهڻ ۽ غور فڪر جي ڪوشش ڪئي وڃي.

**محمد موسيٰ ڀٽو**

# مهاڳ

انساني زندگيءَ جو اهو تضاد بہ هڪ عجيب شيءِ آهي تہ جيئن اونداهيءَ ۾ ڪا شيءِ نہ ڏيکاربي آهي تيئن تيز روشنيءَ ۾ بہ ڪا شيءِ نہ ڏسي سگهندا آهيون. اڄ علم ۽ فن ايڏي تہ روشني پکيڙي ڇڏي آهي جو انسان انهيءَ تيز روشنيءَ جي ڪري صحيح رستو ڏسڻ کان ئي بيوس ٿي پيو آهي. اڄ اسان جنهن دؤر مان گذري رهيا آهيون اهو بظاهر هڪ هنگامي ۽ نفسا نفسي جو دور آهي پر انهيءَ اضطرابي ۽ طوفاني دور جي پويان بعض اٽل حقيقتون بہ نمايان ٿي رهيون آهن. انسان انهن کي جيترو بہ نظر انداز ڪندو اهو اوترو ئي پريشان ٿيندو. بلڪ حقيقت اها آهي تہ اٽل حقيقتن کان سواءِ پاسيرو ٿيڻ سبب اڄ انسانيت تباهہ ۽ برباد ٿي رهي آهي.

انسان ڪافي عرصي تائين پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن جي عبادت ڪندو رهيو پر زماني جي ترقيءَ سبب جڏهن بتن کي معيوب سمجهيو ويو تہ ان کان پوءِ انسان پنهنجي لاءِ نظريا ۽ فلسفا گهڙيا، ان جي پوڄا ڪرڻ ۾ لڳي ويو. نظريا ۽ فلسفا تبديل ٿيندا ئي رهيا، پر انهيءَ جي باوجود بہ اهي بدليل حالتن ۾ انسانن جي رهنمائي نہ ڪري سگهيا. اڄ بہ جيڪي نظريا ڪر ڪنيو بيٺا آهن، تن انسان ذات کي تباهيءَ جي ڪناري تي بيهاريو آهي.

سوال هي آهي تہ آخر اهي اٽل بنيادي حقيقتون ڪهڙيون آهن جن سان دنيا ۾ امن، چين، سلامتي ۽ ڀلائي قائم ٿي سگهي ٿي. ان جو جواب اهو آهي تہ اهو قانون ئي آهي. رستي تي ٽريفڪ حادثن کان ان ڪري محفوظ رهي ٿي جو انهن کي سڄي ۽ کٻي پاسي جو پورو علم هوندو آهي. ڪائنات جو سمورو نظام شروع کان وٺي انهيءَ ڪري هڪ جهڙو ۽ يڪسان هلندو رهي ٿو جو اهو هڪڙي قانون ۾ جڪڙيل آهي. انسانن کان سواءِ ڪائنات جي هر شيءِ هڪ قانون مطابق ئي عمل ڪرڻ تي مجبور آهي. انهيءَ قسم جي هدايت ۽ رهنمائي انهن جي اندر رکي ويئي آهي، اسين پنهنجي ٻوليءَ ۾



انهيءَ هدايت کي هدايت جو ”قدرتي قانون“ چئون ٿا. سج، چنڊ، تارا قسمين قسمين جمادات ۽ نباتات وغيره اهي سڀئي شيون قدرت جي اٽل قانون جون پابند آهن. اهي هن قانون جي پڃڪڙي ڪري ئي نٿيون سگهن. انهن کان پوءِ حيوان آهي جن جي اندر بظاهر پنهنجي ارادي ۽ شعور سان حرڪت ڪرڻ جي ٿوري گهڻي جهلڪ نظر اچي ٿي. پر حقيقت ۾ حيوان بہ پنهنجي هر عمل ۾ جبلت جا تابع آهن. هدايت جي انهن طريقن ۽ صورتن کي ”قانون فطرت“ چوندا آهن.

پر انسان ان کان مختلف آهي. جيئن ٻين جي رهنمائي جو انتظام انهن جي پيدائش وقت ئي ڪيو ويو آهي تيئن انسان جي هدايت لاءِ اهو طريقو اختيار نہ ڪيو ويو آهي جيئن ٻڪريءَ جو ڦر پيدائشي طور نباتاتي غذا سان رغبت رکي ٿو ۽ گوشت وات ۾ نٿو وجهي يا شينهن جي ٻچي کي جبلي طور معلوم آهي تہ سندس غذا گوشت آهي نہ ڪ گاهہ ۽ پن وغيره. اهو ئي سبب آهي تہ هو بک وگهي مري تہ سگهي ٿو پر گاهہ هرگز نہ ٿو کائي. ان جي برعڪس انسان جي ٻار کي اهو بہ معلوم نہ هوندو آهي تہ ڪيس ڪهڙي شيءِ وات ۾ وجهڻ گهرجي ۽ ڪهڙي شيءِ نہ وجهڻ گهرجي. انهي علم نہ هجڻ سبب هو ڪڏهن نقصانده شيءِ وات ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

جيڪڏهن حيوان وانگر انسان کي بہ مڪمل طور جبلت وسيلي ئي رهنمائي ملڻ لڳي ها تہ هو بہ ماڳهين حيوانن جي سطح کان بلند نہ ٿي سگهي ها. ۽ اهو حيوانن جي ئي شڪل ٿي پوي ها. اڄ بہ پنهنجي اگهاڙپ کي ڍڪڻ لاءِ پن وغيره استعمال ڪري ها ۽ غارن ۾ زندگي پيو بسر ڪري ها. ۽ تعمير ۽ ترقيءَ جا مرحلا اڳتي وڌائي ڪين سگهي ها. ۽ تهذيب ۽ تمدن ۽ معاشرت ۾ اڄ جيڪا ترقي ٿي آهي اها نہ ٿي سگهي ها.

ان ڪري انسان کي آزادي ڏني وئي آهي ۽ کيس اختيار ۽ ارادو ڏنو ويو آهي، پر انسان جي آزادي ۾ تعمير ۽ ترقي ۽ ڏاهہ ڏوهہ ۾ بہ امڪان موجود آهن، زندگي گذارڻ جي لاءِ انسان جي اڳيان بہ واٽون آهن. هڪ راهہ تہ اها

آهي جيڪا جذبات، مفادات ۽ خواهشات جي واٽ آهي، ٻي واٽ حق، ايثار، انصاف ۽ قرباني جي آهي.

جيئن ڪائنات جي هر شيءِ ۾ حرڪت جو هڪ نتيجو مقرر آهي. يعني سبب ۽ اسباب جو طريقو لاڳو آهي، اهڙي طرح انساني عملن جا نتيجا بہ مقرر قاعدن موجب نڪرندا آهن. جيڪڏهن ٻين سان معاملات وقت انصاف، ايثار ۽ قرباني جو مظاهرو ڪيو ويندو تہ ان سان سڀني کي فائدو رسندو پر جيڪڏهن معاملات دوران تعصب، مفاد ۽ ذاتي خواهشن کي آڏو ۽ مقدم رکبو تہ ان مان بيچيني، بدامني ۽ تباهي ۽ بربادي ئي ظاهر ٿيندي، انسان اجتماعي طور تي جهڙي قسم جو عمل ڪندو، ان جو نتيجو بہ اهڙي ئي قسم جو ڀوڳيندو.

مطلب تہ ڪائنات جي هر شيءِ انساني معاشري ۾ حرڪت ۽ عمل جو هڪ مقرر نتيجو پيدا ٿيندو اچي ٿو. جنهن ۾ ڪو بہ فرق نٿو اچي. البت ايترو سو ضرور آهي تہ ڪائنات جي هر شيءِ انهيءَ قاعدي مطابق حرڪت ڪرڻ تي مجبور آهي، جيڪا انهيءَ لاءِ مقرر ڪئي ويئي آهي. پر انسان جي حالت ان کان مخلتف آهي، انسان پنهنجي عمل ۾ آزاد آهي. پر نتيجي ظاهر ٿيڻ ۾ ڪيس ڪو اختيار ڪونهي. هو جيڪو بہ عمل ڪندو اهو عمل سنو هجي يا خراب، سماج ۾ ان جو اهڙو ئي نتيجو ظاهر ٿيندو.

هتي اهو سوال پيدا ٿو ٿئي تہ آخر معاشري کي اصلاح ۽ نيڪ عملن يعني انصاف، ايثار ۽ قربانيءَ تي اڀارڻ ۽ اڪسائڻ لاءِ بنيادي تصور ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ ان جي لاءِ اسين "وحدت" جو لفظ استعمال ڪريون ٿا. وحدت ڇا آهي؟ ان لاءِ اوهين جسم جي مثال تي غور ڪريو تہ ڳالھ چٽي ٿي ويندي.

جسم جي اندر زندگي جي لهر جيڪا تنتي سرشتي وسيلي سڄي جسم تي اثر انداز ٿيندي آهي، سا هر خليي جي پرورش ڪري ٿي. زندگي جي انهيءَ لهر تي جسم جي تندرستيءَ ۽ طاقت جو دارو مدار هوندو آهي.



جڏهن خليو طاقتور ٿي ويندو آهي، تڏهن پنهنجي واڌو طاقت کي جسم جي مرڪزي قوت جي ذريعي ٻين خلين ڏانهن موڪليندو آهي. ان مان ٻيا خليا يعني سمورو جسم طاقت حاصل ڪندو آهي. گويا هر خليو جسم مان طاقت حاصل ڪندو آهي، تہ ان کي طاقت بہ ڏيندو آهي ۽ جسم خليي مان طاقت حاصل بہ ڪندو آهي تہ ان کي ڏيندو بہ آهي ساڳيو حال فرد ۽ جماعت جو پڻ آهي. جماعت جي اندر زندگيءَ جي جيڪا لهر ان کي متحرڪ ۽ منظم ڪندي آهي، سا فرد کي فرد جي حيثيت ڏيندي آهي. جيئن تہ هتي انساني جسم جو ذڪر اچي ويو آهي تنهن ڪري ان بابت تازه ترين معلومات پيش ڪجي ٿي.

# انساني جسم ۾

## پوشيده حيرت انگيز قوتون هڪ نظر ۾

هن ڪائنات جي سڀ کان وڏي حقيقت ۽ خالق ڪائنات جو شاهڪار خود انسان جي پنهنجي ذات آهي. جيتوڻيڪ انسان جسماني بناوٽ جي لحاظ کان ايڏو طاقتور ناهي پر ان جي بناوٽ تي غور ڪبو تہ اندازو ٿيندو تہ هن جهڙي مشين اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ ناهي نہ سگهيو آهي ۽ نہ وري ڪو ناهي سگهندو. وري حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ زمين جي تختي تي بيشمار انسان موجود آهن، پر انهن مان ڪو شخص ٻئي جهڙو نہ آهي. هر هڪ ماڻهو پنهنجي شڪل و صورت ۽ ٻين اڪيچار ڳڻن ۾ هڪ ٻئي کان مخلتف آهي. خود انسان جي پنهنجي اندر بہ هڪ وسيع ڪائنات موجود آهي، جنهن کي هو ڪوشش جي باوجود اڃان تائين سمجهي ڪين سگهيو آهي. ان جو اندازو اوهان هن مان لڳائي سگهو ٿا تہ مرد جي پيدائشي مادي يعني نطفي جي مڪعب سينٽي ميٽر ۾ 2 1/2 ڪروڙ مني جا جزا هوندا آهن ۽ عام حالتن ۾ هڪ پيري ۾ ڪيترين ئي مڪعب سينٽي ميٽر جيترو مادو هوندو آهي. جنهن مان ماهرن جي اندازي مطابق 50 ڪروڙ جرثوما (جيئرا مني جا جزا) هوندا آهن. انهن اڌ ارب جرثومن مان هر هڪ ۾ مڪمل انسان بنجڻ جي صلاحيت موجود هوندي آهي. پر ٻئي پاسي انهن مان رڳو هڪڙو جرثومو عورت جي بيضي ۾ داخل ٿئي ٿو جيڪو انسان جي تخليق جو باعث بنجي ٿو. اهڙي ريت هر بالغ عورت جي مخصوص حصي ۾ چار لک ڪچا بيضا موجود هوندا آهن. پر انهن مان رڳو هڪ بيضو پڪو ٿي پنهنجي مقرر وقت تي ظاهر ٿيندو آهي. جيئن مرد جو ڪو هڪڙو جرثومو اچي ان ۾ داخل ٿئي ۽ هڪ مڪمل حياتيءَ جو يونٽ بنجي، حمل



جي صورت اختيار ڪري.

جسم ننڍين ننڍين خلين جي ميلاپ سان ٺهيو آهي. هڪ وچٿري قد بت واري انسان ۾ اهي خليا هڪ ارب کن ٻڌايا وڃن ٿا. هڪ ئي خليي مان اهي اربين ڪربين خليا ٺهن ٿا ۽ ڪروڙين خليا روزانو ختم ٿيندا رهن ٿا ۽ انهن جي جاءِ انهي مهل ئي نوان خليا والارين ٿا. اندازو ڪيو ويو آهي تہ هر سيڪنڊ ۾ رت جا ڏهہ لک ڳاڙها خليا ختم ٿين ٿا ۽ ايترا ئي نوان خليا جنم وٺن ٿا. انساني جسم اندر انهن سڀني قسمن جي خلين جو پاڻ ۾ نهايت گهرو تعلق آهي، جنهن ڪري اهي پوري پوري ذميواريءَ سان پنهنجو ڪم سر انجام ڏيندا رهن ٿا. هر هڪ خليي کي اها خبر آهي تہ سڄي بدن جي ڀلائيءَ لاءِ هن کي ڪهڙو ڪم سر انجام ڏيڻو آهي.

خلين جو مثال هڪ بند شهر جو آهي. باشندن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ شهر جي اندر بجلي گهرن وانگي جنريٽر ڪم ڪندا رهن ٿا. اتي فيڪٽريون آهن. جن ۾ (پروٽين) لحميات تيار ٿيندا آهن. انهيءَ تيار سامان يعني ڪيميائي جزن کي جسم جي سڀني حصن تائين پهچائڻ لاءِ هڪ مواصلاتي نظام پڻ قائم آهي اتان خطري يا نقصان جي صورت ۾ دفاعي اقدام ۽ احڪام پڻ صادر ٿيندا آهن. خلين جون شڪلون ٿولهہ ۽ خاصيتون مختلف هونديون آهن. انهن ۾ نازڪ خليا بہ هوندا آهن جن جي ٿولهہ ملي ميٽر جي ڏهين لکي ڀاڱي جيتري هوندي آهي. پهرين تحقيق اها هئي تہ ستن سالن جي عرصي ۾ خليا ختم ٿي ويندا آهن ۽ ٻيا خليا پيدا ٿيندا آهن پر هاڻي معلوم ٿيو آهي تہ فقط يارهن مهينن ۾ ئي ڪربين خلين تي مشتمل اهو سمورو نظام بدلجي ويندو آهي.

خلين تي معاملو ختم نٿو ٿئي بلڪ خلين جي اندر هڪ ٻيو مڪمل نظام حيات آهي جنهن کي گذريل 35 سالن ۾ ڳولي لڌو ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ (GENETICS) يعني علم جنيات جي هڪ بنهہ ڌار نئين سائنس اڀري آهي. ڏاڏي، پڙ ڏاڏي ناني، پڙ ناني ماءُ پيءُ جا اهي جين

(GENE) ٻار ۾ منتقل ٿيندا آهن. جنهن جي ڪري هو ڪاري يا گوري شڪل جو ٿي پوندو آهي. هن جون اکيون نيريون ڀوريون يا ڪاريون ٿي پونديون آهن ۽ سندس وار ڪارا، ڀورا يا سونهري ٿي پوندا آهن. ٻار تائين اهي اثرات سندس ڪيترين اڳوڻين پيڙهين جا جين آڻيندا آهن انهن هزارن جنين جي اندر مٿيون سموريون خاصيتون لڪيل هونديون آهن. هڪ خليي جي اندر به اهي خاصيتون هونديون آهن. انهن جنين مان پروٽين جا ڪي خاص قسم پيدا ٿيڻ ۾ به مدد ملندي آهي. جيڪي جسم جي خاص خاص حصن لاءِ نهايت ضروري هوندا آهن. جين (GENES) اصل ۾ هڪ عجيب و غريب ڪيمياوي سالمن (MOLECULESS) مان ٺهن ٿا جن جي شڪل ٻن سانپن جهڙي هوندي آهي. سوٽلي جي تاندورن وانگر ويڙهيل هر هڪ جانور انسان توڙي ٻوٽي جون سڀ خاصيتون جيڪي آئنده ظاهر ٿيڻيون هونديون آهن. سي انهن ويڙهيل تاندورن ۾ سمايل (CODED) هونديون آهن. هن ڪيميائي سالمي کي (DNA) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ان کي جيڪڏهن هن حياتي جو سڳو به چئجي ته به غلط نه ٿيندو ان جا اربين يونٽ هڪ خليي ۾ موجود آهن.

(DNA) نه فقط نسل ۽ جنسيات جي ڪنجي آهي، بلڪه اها ئي قوت آهي جيڪا خليي ۽ جنسيات کي ڪنٽرول ڪري ٿي. ڀريائين هر شخص جي زندگي جو مقصد (DNA) جي ٽيپ ۾ ريڪارڊ ٿيندو آهي جيڪڏهن تفصيل لکجي ته وڏي سائيز جي هڪ لک صفحن ۾ مس پوري ٿيندي. DNA جنهن کي ڏسڻ لاءِ هڪ ننڍڙي خوردبين به ناڪافي آهي. اهڙي معمولي مشين ۾ معلومات ۽ هدايت جو ايڏو عظيم ذخيرو جمع ڪرڻ الله تعاليٰ جي ذات جو ڪرشمو آهي. انهيءَ ڄاڻ کان پوءِ اڄ سائنسدان ماچيس جيترو ڪمپيوٽر تيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. جنهن ۾ ڪروڙها ڪتابن جو مواد سمائجي وڃي.

جسم جا سيئي عجائبات بيان ڪرڻ ته ممڪن نه آهي، فقط ڪي



حيرت انگيز حقيقتون هيٺ ڏجن ٿيون :-

اوهان کي اهو ٻڌي عجب ٿيندو ته انساني دماغ ۾ 25 اربن کان به وڌيڪ نيورون هوندا آهن. جيڪي هر وقت ڪم ۾ مصروف هوندا آهن. ايستائين جو اهي ننڊ جي حالت ۾ به پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن. سڄي دنيا جا ٽيليفون به ايترو ڪم نه ٿا ڪري سگهن جيترو ڪم هي ڪندا آهن. رڳو دل کي ئي ڏسو جيڪا پاڻ ته ننڍڙي آهي، يعني اٽڪل اڌ پونڊ جيتري پر ان ۾ به پمپ لڳل آهن. هڪ ڦڦڙن ڏانهن رت موڪلڻ لاءِ ته جيئن اتان آڪسيجن جذب ڪري سگهي ۽ ٻيو ان صاف ٿيل رت کي بدن ۾ دورو ڪرائڻ جي لاءِ. هڪڙي ماڻهوءَ جي سراسريءَ زندگي ۾ دل 3 لک ٽن رت پمپ ڪري ٿي. ان کان علاوه اها پنهنجي لاءِ بجلي به پاڻ ئي پيدا ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو 70 سال جيئرو رهي ته سندس دل 4 ڪرب ڀيرا ڌڙڪي ٿي.

هڪ ماڻهوءَ جي سراسري ڄمار ۾ ڦڦڙ 50 ڪروڙ دفعا ڦنڊبن ۽ سسن ٿا. انسان جي ٺاهيل ڪا به مشين نه ته ايڏي مشقت برداشت ڪري سگهي ٿي ۽ نه وري بنا مرمت جي ايترو عرصو ڪم جاري رکي سگهي ٿي. اهڙي ريت انساني اک ۾ هڪ ڪرب کان به وڌيڪ روشني قبول ڪرڻ وارا اوچا هوندا آهن. اهو ڳاڻيٽو انهن تارن جيترو آهي، جيڪي مِلڪي وي نالي ڪهڪشان ۾ موجود آهن. جيڪڏهن انساني بدن جي رت جي شريانن کي ماپجي ته انهن جي ڊيگهه ست هزار ميلن کان لک ميلن تائين ڊگهي ريلوي لائين جيتري وڃي ٿيندي.

جسم 30 ڪروڙ ڪيميائي جزن مان ٺهيل آهي. ان جي وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي ته جيڪڏهن اوهان انگ اکر گڏ ڪري انهن جزن کي لفظن ۾ لکڻ شروع ڪريو ته انهن مان ڏهه هزار ٿلهن ڪتابن واري هڪ لائبريري بڻجي ويندي.

اهو تفصيل لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڇاڪاڻ ته انساني عقل انساني

جسم جي پيچيده فني نظام کي سمجهڻ کان قاصر آهي. سائنس اسان جي ذهن ۽ علم ۾ چڱو موچارو اضافو ڪيو آهي. پر ڇا سائنسدان اها دعويٰ ڪري سگهن ٿا ته اهي انسان جي اصليت بابت کوجنا ڪري چڪا آهن؟ انساني جسم بابت انهن وچورن سان گڏ هي هتي ڪائنات جي ڦهلاءَ متعلق ڪجهه معلومات ڏجي وڃي ٿي.



# ڪائنات جي شين ۾

## ڪارفرما فطري قانون

هاڻي اچو ته ڪائنات تي به ٿورو غور ڪريون. هڪ ڪروڙ ارب خليين مان ٺهيل انسان کي هزارين ورهيه اڳ پنهنجي اڳيان ۽ پويان بابت ڪا به ڄاڻ ڪانه هئي. دنيا ۽ ڪائنات بابت هن جو تصور اوترو ئي هو جيترو ڪيس اهي بظاهر نظر ايندڙ هيون. هر بلند شيءِ جيئن جبل، سج، چنڊ آهن يا نقصان پهچائيندڙ شيءِ جيئن زلزلو، ڪِوڙ، ٻوڏ، طوفان وغيره کان ڊڄندو هو ۽ ڊپ مان هو ان جي آڏو جهڪندو هو ۽ انهن کي خدا سمجهندو هو. الله تعاليٰ لڳاتار پنهنجا رسول موڪلي انسان کي سمجهايو ته زمين جي هر شيءِ صرف تنهنجي فائدي لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي. همت ڪري اڳتي وڌ ۽ انهن کي پنهنجو مطيع بناءِ. نئين دور ۾ انسان انهن شين جي ايتري ڄاڻ حاصل ڪري ورتي آهي، جو هو زمين، سمنڊ ۽ هوا جي حدن کان ٻاهر نڪري خلا ۾ داخل ٿي ويو آهي. جتي نه هوا آهي، نه پاڻي. ۽ جتي زمين جي ڪشش به نالي ماترا آهي. هن نظام شمسي جي سڀني تارن تائين به رسائي حاصل ڪري ورتي آهي ۽ هاڻي هو نظام شمسيءَ کان به اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. اڳي انسان جن جن شين کي پوڄيندو هو سي سڀ هاڻي ڪيس معمولي نظر اچن ٿيون. زمين تي ٽڙيل بي شمار شيون ۽ فضا ۾ نظر ايندڙ بي انداز تارا هاڻي هن جي نظر ۾ ايڏا خطرناڪ نه رهيا آهن. هو لا محدود خلا ۾ انهن شين کان گهٽيون وڏيون شيون ۽ حقيقتون دريافت ڪري چڪو آهي ۽ ان سلسلي جي وڏيڪ ڳولا ڦولها ۾ لڳو پيو آهي.

زمين، چنڊ ۽ سج کي اڳي اسين ڪل ڪائنات سمجهندا هئاسين. ان بابت هاڻي معلوم ٿيو آهي ته ڪائنات جي ڦهليل نظام ۾ انهن جي حيثيت

هڪ ذري کان وڌيڪ نہ آهي. زمين کان آسمان تائين پکڙيل وسعتن جي مشاهدي دوران انسان کي خدا جي عظمت جا بي شمار نشان نظر آيا آهن. زمين جنهن نظام شمسيءَ جو هڪ حصو آهي, اها ايڏي تہ وسيع آهي, جو ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ هي انگ اکر اسان جي مدد ڪري سگهن ٿا. زمين جو ڪل قطر 12 هزار ست سو 54 ڪلوميٽر آهي, جڏهن تہ جوپيٽر (Jupter) جو قطر هڪ لک 24 هزار 7 سو 54 ڪلوميٽر آهي. ۽ نظام شمسيءَ جي مرڪز سج جو قطر 14لک ڪلو ميٽر آهي. يعني زمين کان هڪ سو نو ڀيرا وڏو. قطر جي اها ڊيگهہ تہ ڪجهہ بہ نہ آهي, جڏهن تہ ان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن هڪ لک کي 95 ڪربن سان ضرب ڏجي تہ ان جي ضرب اپت جيترا ڪلوميٽر اسان جي ڪهڪشان جو قطر آهي, جيڪو ويڪر ۾ 20 هزار + 95 ڪرب ڪلوميٽر آهي. ان کي (Milky way) يعني کير جهڙو ڪهڪشان چيو ويجي ٿو. انهيءَ ڪهڪشان ۾ هڪ لک ملين يعني سو ارب تارا موجود آهن. اسان جو سمورو نظام شمسي انهيءَ ڪهڪشان جي هڪڙي ننيڙي ڪنڊ ۾ آهي. هيلتائين انسان اهڙي هڪ سو ارب ڪهڪشائن جو پتو لڳائي چڪو آهي.

هيءَ تہ هو ڊيگهہ ۽ ويڪر جو اندازو. هاڻي مفاصلن جو اندازو بہ تہ ڪري ڏسو. زمين سج کان فقط 15 ڪروڙ ڪلوميٽر پري آهي. جڏهن تہ نيپچون (Neptune) سج کان 4 ارب 49 ڪروڙ 50 لک ڪلوميٽر پري آهي. پلوٽو (Pluto) ۽ سج جي وچ ۾ مفاصلو 5 ارب 91 ڪروڙ ڪلوميٽر آهي. هي مفاصلو ان وقت بلڪل معمولي نظر ايندو جڏهن اهو معلوم ٿيندو آهي تہ ملڪي وي (Milky way) جو مفاصلو 92 هزار X هڪ هزار X هڪ ارب ڪلوميٽر آهي. ڪهڪشان جا مفاصلا جيڪي هاڻي معلوم ٿيندا پيا وڃن سي تہ مورڳو لفظن يا انگن ۾ پوري طرح لکي ئي نہ ٿا سگهجن. انهيءَ مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اضافت جي حساب پٽاندڙ ڪائنات ايڏي تہ وسيع جاءِ والاري ٿي جو مڪعب سينٽي ميٽرن ۾



اها معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪ جو انگ لکي ان کي پويان 84 ٻڙيون ڏيٽيون پونديون, وري ساڳي ئي حساب کي مڪعب ڪلوميٽرن ۾ لکڻ لاءِ هڪ جي انگ کان پوءِ پويان 69 ٻڙيون ڏيٽيون پونديون. تڏهن وڃي مس مس حساب پورو ٿيندو. تنهن هوندي بہ ڪائنات بي انت ۽ لامحدود آهي جنهن جي ڪناري جي تہ ڪا ڪل ئي ڪانہ ٿي پئجي سگهي, ڊيگهہ ويڪر ۽ مفاصلن جي ايڏن عميق انگن اکرن مان توهان الله جل شانه بابت سوچيو تہ هو ڪيڏو نہ عظمت جو صاحب آهي. ڌيان ڪري ڏسو تہ ڇا اسين خدا تعاليٰ کي واقعي ايڏو عظيم سمجهون ٿا؟

هاڻي ٿورو اڳتي اچو ۽ وقت بابت بہ اندازو لڳائي ڏسو. جديد زماني جي ريڊيائي ماهرن هڪ ڪهڪشاني نظام ڏٺو آهي, جنهن بابت سندن اندازو آهي تہ ان جي روشني 4۔ ارب نوري سالن کان بہ وڌيڪ عرصو اڳ اتان نڪتي هوندي, جيڪا اسان تائين اڄ پهتي آهي.

تارن جو مفاصلو ماپڻ لاءِ موجوده انگ اکر ڪافي نہ آهن, جنهن جي ڪري مجبورن نوري سال جو اصطلاح ايجاد ڪيو ويو آهي. نور يعني روشني هڪ سيڪنڊ ۾ 3 ۔ لک ڪلوميٽر سفر پورو ڪري ٿي. اهڙي ريت اها هڪ سال ۾ اٽڪل 95 ڪرب ڪلو ميٽر سفر پورو ڪري ٿي. ان مفاصلي کي نوري سال چئبو آهي. هاڻي 4 ۔ اربن کي 95 ڪربن سان ضرب ڪريو تہ توهان کي ڪهڪشان جي هڪڙي ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين مفاصلو معلوم ٿي ويندو. يعني تہ اها روشني جيڪا ڪهڪشان کان هلي آهي سا اسان وٽ ڪيتري وقت ۾ پهتي آهي. هينئر هڪ اهڙي ڪهڪشان بہ ڏٺي وئي آهي, جنهن جي روشني اسان تائين 10 ارب نوري سالن ۾ مس پهتي آهي يعني ان روشنيءَ 10 ارب + 95 ڪرب ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪيو آهي.

سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ ڪائنات ۾ ڪهڪشان جو هڪ اهڙو مرڪز آهي جنهن جي چوڌاري سمورا تارا چڪر لڳائي رهيا آهن. سندن

ھڪڙو چڪر 30 ڪروڙن سالن ۾ پورو ٿئي ٿو. اسان جي سج جي عمر 5 ارب سالن جي لڳ ڀڳ آھي جڏھن تہ ڪائنات جي عمر اٽڪل 15 ارب سال آھي.

اربين ڪھڪشائن ۽ انھن جي چوڌاري گھمندڙ تارن ۽ سيارن جي وچ ۾ جيڪو نظام قائم آھي يا جيڪا حڪمت ۽ ڪاريگري موجود آھي ۽ زمين تي رھندي اسين جڏھن ايڏي ڏورانھين دنيا کي ڏسي رھيا آھيون ۽ ان جا فاصلا ماپي رھيا آھيون تہ، ان جي رفتار جو حساب لڳائي رھيا آھيون تڏھن اسان لاءِ اھي ڳالھيون لامحدود عظمت، سندس بي پايان قدرت ۽ اڻ کٽ حڪمت جو اندازو لڳائڻ لاءِ ڪافي ھئڻ گھرجن ۽ اسان کي اھو پڻ ڏسڻ گھرجي تہ ايڏي بيحد و بي حساب ڦھليل ڪائنات ۾ سموريون شيون پاڻ ۾ ڪشش ثقل جي قانون ۾ ڪيئن نہ جڪڙيل آھن. ايتري قدر جو وڏي ۾ وڏو گولو يا گرھہ بہ پنھنجي دائري کان تر جيترو بہ ٻاھر نٿو نڪري ۽ ھر ننڍي شيءِ مڪمل نظم ۽ رٿا بندي مطابق مصروف آھي، اسين جيئن جيئن مشاھدو ڪندا ويندا اسين تيئن تيئن اسان جون ايمان بہ ويتر ويندو وڌندو.

ڪائنات جو اھو مختصر نقشو ذھن ۾ رکو پوءِ سوچيو تہ آھي ڪو اھڙو حساب دان؟ جيڪو ڪائنات جي انھن عميق تھن جو پورو پورو اندازو لڳائي سگھي ۽ زمان ۽ مڪان (Space) جو چيڙو معلوم ڪري سگھي؟ ڳولا ۽ ڦولھا ۽ تحقيقات ڪندي انسان جيترو بہ اڳتي وڌيو آھي، اوترو ئي کيس اھو شديد احساس ٿيو آھي تہ ھو اڃان تہ بنھہ ٿورو ڄاڻي سگھيو آھي. الله تعاليٰ قرآن ۾ ورجائي ورجائي مختلف نمونن ۾ انسان جو ڌيان انھيءَ ڳالھہ ڏانھن ڇڪايو آھي تہ ھو ڪائنات جي انھن سڀني حقيقتن تي غور ڪري. انھي غور ۽ فڪر جي نتيجي ۾ ڪائنات جي خالق جي عظمت ۽ قدرت جو جيڪو شعور کيس حاصل ٿيندو ۽ سندس قلب ۾ جيڪا ڪيفيت پيدا ٿيندي سا ئي حقيقي ايمان لاءِ صحيح بنياد جو ڪم ڏيندي. جيڪي حقيقتون مٿي بيان ڪيون ويون آھن سي جديد دور جي اعليٰ



سائنسدانن جي مشاھدي ۾ آيل آھن. تنھن ڪري انھن کي غلط سمجھڻ جو اسان وٽ ڪو سبب ئي ڪونھي. اسان جي فقط اھا گذارش آھي تہ اوھان انھن حقيقتن تي مٿاڇري نظر وجھي ائين نہ لنگھي وڃو پر خدا جي بي انت عظمت ۽ لامحدود قدرت تي يقين پنھنجي دل جي گھراين ۾ پيدا ڪريو.

# DNA قدرت جو عظيم ڪرشمو

DNA ۾ موجود معلومات جي خبر پوڻ، سائنس جي تاريخ جو هڪ عظيم الشان واقعو آهي. ان معلومات جي آڌار تي سائنس، جيڪا ڪافي عرصي کان خدا جي منڪر هلي ٿي آئي، سا هاڻي خدا جي اقرار ڏانهن وڌي رهي آهي.

اڄ سائنسي دنيا تسليم ڪري پئي ته چارلس ڊارون جي ڏنل ارتقائي نظرئي (Theory of Evolution) انسان ذات جا ڏيڍ سؤ سال اجايا وڃائي ڇڏيا. انهيءَ نظرئي مطابق مادي ۾ ڪنهن نامعلوم طريقي سان زندگي پيدا ٿي پيئي هئي!! ۽ پوءِ ان ۾ ارتقاءَ جو عمل شروع ٿيو. پهريائين ان ننڍن جانورن جون شڪليون اختيار ڪيون پوءِ پولڙي جي شڪل ورتائين ۽ نيٺ انسان جي صورت ۾ نمودار ٿيو.

DNA جي نئين کوجنا خدا ڏانهن وڌڻ جو رستو واضح ڪيو آهي.

سن 2000ع ۾ عجيب عجيب تجربا ڪيا ويا. روشنيءَ جي رفتار کي جڏهن ڪيئي ڀيرا وڌيڪ تيز ڪيو ويو ته سائنسدان اهو ڏسي حيران ٿي ويا ته Effect يعني اثر پهريائين ظاهر ٿيو ۽ Cause يعني سبب، پوءِ ظاهر ٿيو. مطلب ته اثر Effectپنهنجي سبب Cause کان اڳ پيدا ٿيو.

ان تي هڪڙي اخبار لکيو ته "هاڻي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته ڪنهن سبب کان اڳ، ان جي تاثير پيدا ٿيڻ ممڪن آهي."

هيستائين ته اهو خيال عام هوندو ته ڪنهن به نتيجي يا اثر يا حاصلات يعني Effect جو پيدا ٿيڻ، ان جي ڪنهن علت يا وجه يا سبب يعني Cause جي موجودگيءَ کان پوءِ ئي ممڪن آهي. پر هاڻوڪا تجربا ثابت پيا ڪن ته ڪنهن Effect يا واقعي جي پڇاڙي، ان جي شروعات کان اڳ به ممڪن آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته واقعو خود پنهنجي وجود ۾ پاڻ هڪ Creation آهي ۽ اهو ڪنهن ٻئي عمل جو ردعمل ڪونهي. هيستائين جيڪو چيو پئي ويو ته هر عمل، ڪنهن ٻئي عمل جو



ردعمل هوندو آهي يا There is reaction to every action سو هاڻي غلط ثابت ٿي چڪو آهي. 25 جون سن 2000ع ۾ اهو به ثابت ٿيو ته هڪڙي قديم جهرڪيءَ جو فاسل (Fossil) جيڪو لکين سال اڳ جو هو ۽ لکن سالن کان پوءِ لڌو ويو هو، سو به ساڳئي ئي هاڻوڪي جهرڪيءَ جوئي هو. يعني لکين سان اڳ کان وٺي هينئر تائين، ان جهرڪيءَ ۾ ڪا به ارتقاء (Evolution) نه ٿي آهي، هاڻي وري 2001ع ۾ انساني جينوم (Genome) پراجيڪٽ مڪمل ٿيو آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي حياتياتيءَ ميڪ اپ (Biological Makup) جو مڪمل نقشو تيار ڪيو ويو آهي.

انهيءَ معلومات جي آڌار تي دانشورن ۽ سائنسدانن جو وڏو انگ هاڻي Creationist ٿيندو پيو وڃي. هو اعتراف ڪري رهيا آهن ته دنيا ڪنهن عظيم قوت جي تخليق ذريعي ئي وجود ۾ آئي آهي. ۽ دنيا درجي بدرجي ترقيءَ جا ڏاڪا طئي ڪري هاڻوڪي حالت کي ڪانه پهتي آهي.

## DNA زندگيءَ جو ڪوڊ

DNA جي اندر سمايل معلومات جڏهن سائنسدانن کي سمجهه ۾ آئي، تڏهن سڀ کان اڳ اهو تسليم ڪيو ويو ته زنده شيون اهڙي ته مڪمل ۽ پيچيده ترتيب ۽ ترڪيب جون مرڪب آهن، جو اهي حادثاتي طور تي ڪنهن به طرح وجود ۾ اچي نٿيون سگهن.هاڻي DNA جي اندر لکل ٽن بلين $3x10^9$ يا ٽن ارب ڪيمياوي حرفن Chemical Symbols کي ڊيڪوڊ (Decode) ڪرڻو آهي ۽ انساني DNA ۾ موجود 85 سيڪڙو ڊيٽا (Data) کي صحيح ترتيب ۽ سلسلي (Sequence) ۾ آڻڻو پوندو. ايڏي اهم ۽ ڪامياب پراجيڪٽ جي ليڊر ڊاڪٽر Dr.Francis Collins جو چوڻ آهي ته ان ڏس ۾ اسان جو اهو اڃا پهريون قدم آهي جيڪو DNA اندر لکل معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي.

## DNA جي دنيا

DNA اسان جي جسم جي 100 ٽريلين (يعني $10^{14}$ يا 100 کرب خلين يا سيلن (Cells) مان هر هڪ سيل جي نيوڪليئس (Nucleus) ۾ بيحد حفاظت سان رکيل هوندو آهي. هر سيل جو قطر Diameter ڏهه مائيڪرون (Micron) هوندو آهي، مائيڪرون $10^6$ کي چوندا آهن. يعني هڪ ميٽر جو ڏهه لکون حصو يا هڪ ملي ميٽر جو هزارون حصو. ايڏي ننڍڙي (Cell) جي وچ ۾، نيوڪليس جي اندر DNA محفوظ رکيل هوندو آهي. ان DNA ۾، انساني بدن جي بناوت ۽ ٺاهه ٺوهه بابت ايڏي ته وسعت، گيرائي ۽ گهرائي سان ذري پرزي معلومات تمام تفصيل سان لکيل هوندي آهي جو ان جو رڳو وجود ئي الله رب العزت جي ڪاريگريءَ جو زبردست مثال آهي ۽ اهو به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. انسان فقط پنهنجي سمجهڻ خاطر، ان معلومات کي رڳو سلسليوار ترتيب سان سهيڙڻ تي ئي ڦونڊجي پيو آهي. ان علم کي هڪ وڏي علمي شعبي سان ڳنڍيو علم جينيات (Genetics) جو نالو ڏنو ويو آهي. 21 هين صديءَ جي هي علمي شاخ، اڃان ريڙهيون پائي هلڻ جي عمر ۾ آهي. ان ميدان ۾ اڳتي الائي ڇا ڇا ۽ ڪهڙا ڪهڙا عظيم انڪشاف ٿيڻا آهن.

## DNA ۾ زندگي

اڄ مثال طور 25 سالن جي عمر ۾ اسين پنهنجو پاڻ کي آئيني ۾ ڏسون ٿا، ته اسان کي پنهنجو تندرست ۽ سهڻو بدن، حسين ۽ خوبصورت منهن مهانڊو، دلڪش شڪل صورت، صحتمند دل دماغ، عقل ۽ علم سان ڀرپور ذهن وغيره نظر اچن ٿا. اهي سڀ بهترين ڳالهيون، ترقي ڪندي ڪندي هن عاليشان حالت کي ڪونه پهتيون آهن. پر حقيقت ۾ اهي سموريون ڳالهيون ۽ ان جي باري ۾ سمورو علم 25 سال 9 مهينا اڳ ۾ ئي ان ۾ لکي ڇڏيو ويو هو. جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ اول اول هڪ بارآور بيضي (Fertilized Egg)



جي Cell جي شڪل ۾ داخل ٿيو هو ۽ اتي وڌڻ ويجهڻ شروع ڪيو هئائين.

نه رڳو ايترو پر اسان جو قد، بت ڊيگهه، ويڪر، وزن، نڪ، ڪن، وات، اکيون، اکين جي بيهڪ، منهن مهانڊو، وار، وارن جو رنگ، اکين جو رنگ، چمڙيءَ جو رنگ، رت جوگروپ وغيره نطفي جي قائم ٿيڻ کان وٺندي پوئين پساهن تائين، روز بروز مهيني بهميني، سال بسال، جيڪو به بدن ۾ ٿيڻو آهي، جيڪا به تبديلي اچڻي آهي، تنهن جو سربستو احوال مڪمل سلسلي ۽ سٽاءُ سان ان ۾ موجود هوندو آهي. مثال طور DNA ۾ درج هوندو آهي ته ماڻهوءَ جي رت جو دٻاءُ ڪڏهن وڌندو۽ ڪڏهن گهٽجي ويندو. مٿي ۾ اڇا وار ڪڏهن پوندا، پهريون اڇو وار ڪڏهن ظاهر ٿيندو، ڪڏهن نظر جهڪي ٿيندي، ڪڏهن پري جي نظر يا ڪڏهن ويجهي نظر ڪمزور ٿيندي. وغيره وغيره.

## انساني سيل اندر زبردست انسائڪلوپيڊيا

اسين معلومات جي ذخيرن کي Encyclopedia جي طرز تي ٺهيل ڪتابن جي شڪل ۾ ڏسندا آهيون. پر DNA ۾ معلومات جو هڪ تمام وڏو ڀنڊار يا اٿاهه خزانو موجود آهي. اچو ته ڀيٽ ڪري ڏسون. هڪڙي DNA ۾ موجود معلومات کي جيڪڏهن اسين ڪتابي شڪل ڏيون ته اها معلومات Encyclopedia Britanice جي ڏهن لکن صفحن تي مس لکي پورو ڪري سگهنداسين. جڏهن ته موجود انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا فقط 25000 صفحن تي لکيل ۽ 23 جلدن ۾ آهي.

ٿورو تصور ته ڪري ڏسو ته انساني بدن جي 100ٽريلين سيلن مان هر هڪ سيل جي نيوڪليئس اندر هڪڙو ماليڪيول هوندو آهي جنهن جو نالو DNA آهي. ان جي سائيز هڪ ملي ميٽر جي هزاروين حصي جيتري مس هوندي آهي ۽ ان ۾ ايڏي ته گهڻي معلومات درج آهي، جيڪا دنيا جي

سڀ کان وڏي انسائيڪلوپيڊيا يعني انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا کان 40 هوٽي وڏيڪ آهي. جيڪڏهن ان جا جلد تيار ڪجن ته انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جيڏا 920 جلد ٺهي پون. ان ۾ مختلف معلومات جا 5 بلين ($5\times10^9$) جز (Pieces) محفوظ آهن. جيڪڏهن هڪڙي جز ڪي پڙهڻ لاءِ فقط هڪڙو سيڪنڊ خرچ ڪجي ۽ لڳاتار 24 ڪلاڪ پڙهندو رهجي ته ان ڪي هڪڙو پيرو پڙهڻ لاءِ به 100 سال لڳي ويندا. 920 جلدن ڪي جيڪڏهن هڪ ٻئي مٿان رکجي ته 70 ميٽر اوچو منارو ٺهي پوي. ايڏي اٿاهه معلومات DNA جي هن ذرڙي اندر سمايل آهي، جيڪو پروٽين، چربي ۽ پاڻي جي ٿورن ماليڪيولن جو ٺهيل آهي. G.G.Thomson لکيو آهي ته "اسان جي ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ڪل جاندار شيون هڪ هزار ملين آهن. انهن سڀني شين جي مڪمل معلومات کي جيڪڏهن DNA جي شڪل ۾ پيش ڪجي ته هڪ چانهه جي چمچي اندر ماپي ويندي، پر اجان به ڪجهه جاءِ بچي پوندي.

## سيل ۾ دانائي

انساني جسم جا سمورا 100 ٽريلين سيل عجب حڪمت ۽ دانائيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. اهي سيل Cell ظاهري طرح بيجان ايٽمن جا جهڳٽا آهن ۽ ڏسڻ ۾ بي روح قسم جون شيون لڳن ٿيون ۽ هوندئن به جيڪڏهن سمورن عنصرن (Elements) جا ايٽم ڪنهن جاءِ تي گڏ ڪريون ۽ مناسب ترتيب سان ٺاهي رکون ته به انهن مان ڪا سمجهه يا دانائي يا دماغ ته حاصل ڪري نٿا سگهون، جيڪو ڪنهن عمل کي ڍنگ، ترتيب يا ڪنهن سسٽم سان سر انجام ڏيئي سگهي. هر عقلمندي جي ڪم لاءِ ضروري آهي ته ڪنهن عقلمند يا داناءُ انسان ان کي سرانجام ڏنو هجي، اهو عمل پلي ڪمپيوٽر جي ذريعي ئي ڪٽي ڪيل هجي. ساڳئي طرح DNA به پنهنجي جوڙيندڙ وٽان عقل، دانائي، سمجهه، حڪمت ۽ دور



انديشي حاصل ڪري آيو آهي.

## DNA جي ٻولي

اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ الف کان ي تائين 52 اکر آهن. انگريزي ٻولي A کان Z تائين 26 حرفن مان ٺهيل آهي پر DNA جي ٻوليءَ ۾ فقط چار اکر يا حرف آهن. A.T.G.C هر حرف انهن خاص بنيادن (Bases) مان هڪ آهي. جنهن کي Nucleotides چئبو آهي. اهڙيون لکين Bases آهن، جيڪي DNA ۾ قطار در قطار هڪ ترتيب سان زنجير جون ڪڙيون ٺاهي بيٺيون هونديون آهن ۽ اهي سڀئي گڏجي DNA جو ماليڪيول (Molecule) ٺاهينديون آهن. A.T.G.C مان ڪي به ٻه پاڻ ۾ ملي بنيادي جوڙا ٺاهيندا آهن، جنهن کي Base Pair چئبو آهي. Base Pair هيٺان ۽ مٿان پاڻ ۾ گڏجي Gene ٺاهيندا آهن. هر جين جيڪا ڪنهن DNA Molecule جو حصو هوندي آهي، سا انساني بدن جي ڪنهن نه ڪنهن حصي جي باري ۾ پاڻ وٽ مڪمل معلومات محفوظ رکندي آهي، اها جين، انهيءَ جسماني حصي جون سڀئي ظاهري خاصيتون، وضع، قطع، قد، ڪاٺي، شڪل صورت، خدوخال، منهن مهاندو، رنگ روپ وغيره جيڪي به ڪنهن ماڻهوءَ جون انفرادي خاصيتون ٿي سگهن ٿيون، سي سڀ پاڻ وٽ درج ڪيل صورت ۾ رکندي آهي. هر انسان جون هزارين انفرادي خاصيتون هونديون آهن، بدن جي ڊيگهه، ويڪر، اکين جو رنگ، نڪ، چپ وات جي سونهن، پيرن جي بيهڪ، ڪنن جو ننڍو وڏو هئڻ، اهي سڀ ڳالهيون جين ۾ موجود پروگرام مطابق ٺهيل هونديون آهن، ۽ بدن جو هر هڪ حصو جين جي اندر ڏنل نقشي مطابق وڌندو ويجهندو رهندو آهي.

هڪڙي انساني سيل جي DNA ۾ ٻه لک (2,00,000) جين هوندا آهن، اهي جين مخصوص Nucleotides جي بلڪل انفرادي ترتيبي زنجير مان ٺهيل هوندا آهن. انهن Nucleotides جو تعداد، مدار رکي ٿو

پروٽين (Protein) جي انهن قسمن تي، جنهن مان هو وجود ۾ آيل هوندا آهن. پروٽين جا اهي قسم هڪ سو (100) کان وٺي 1,86,000 تائين ٿي سگهن ٿا. هر جين ۾ انساني جسم ۾ موجود 2,00,000 قسمن جي پروٽينن جو ڪوڊ به موجود هوندو آهي ۽ اهو نظام به ان ۾ رکيل هوندو آهي، جنهن جي تحت سيئي پروٽين پاڻ مرادو ضرورت آهر جسم ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن.

اها ته هر ماڻهوءَ کي خبر هئڻ گهرجي ته ڪو به جين (Gene) ويچارو، DNA جو فقط هڪڙو معمولي حصو هوندو آهي، پر لکن جينن (Genes) اندر محفوظ ٿيل معلومات يا ڪوڊ DNA ۾ موجود ڪل معلومات جو فقط 3 ٽي سيڪڙو هوندو آهي، باقي 97 سيڪڙو علم جو اهو دفتر اسان لاءِ اجا راز آهي، جنهن کان اسين اجا تائين بي خبر آهيون!! تسليم ڪيو ويو آهي ته اهو 97 سيڪڙو علم جنهن تائين اجان انسان جي رسائي ممڪن ٿي نه سگهي آهي، سو انساني سيلن جي بقا ۽ انهن جي Mechanisms جي باري ۾ آهي، جيڪي انساني جسم ۾ بيحد پيچيده عاملن کي ڪنٽرول ڪن ٿا ۽ اهو علم تمام ضروري معلومات جو ڀنڊار آهي. رڳو 3 سيڪڙو معلومات جي خبر پوڻ تي ئي انساني عقل حيرت ۾ غلطان آهي. سندس مفڪر ۽ دانشمند واٽڙا ٿي ويا آهن! باقي 97 سيڪڙو لڪل علم جي ڳولا ڦولا ۾ ان تائين پهچڻ ته اجا وڏو سفر آهي، جيڪو جاري آهي!!!

جين (Gene) پاڻ به ڪروموسومس (Chromosomes) جي اندر هوندا آهن. جنسي سيلن کان علاوه، هر انساني سيل ۾ 46 ڪروموسوم هوندا آهن. هر هڪ ڪروموسوم هڪڙي وڏي معلومات سان ڀريل ڪتاب وانگر هوندو آهي. اهڙي طرح هڪ انسان جي باري ۾ سموري معلومات چڻ 46 ڪتابن ۾ بند هوندي آهي ۽ انهيءَ بيحد وسيع معلومات جي خزاني کي ڪاغذن تي ڇاپيو وڃي ته جيڪر انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جي جلدن جهڙا 920 جلد تيار ٿي وڃن. هر انسان جي DNA ۾ A.T.G.C. حرفن جو



سلسلو (Sequence) ڌار ڌار هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو روءِ زمين تي جيترا به انسان آهن يا جيترا به انسان هئا سي سڀ قيامت تائين ساڳئي طرح رهندا ۽ اهي سڀ جا سڀ هڪ ٻئي کان مختلف ۽ ڌار ڌار به آهن ۽ هئا.

ٿورو سوچي ته ڏسو ته سڀني انسانن جي عضون جا نالا الڳ الڳ نه آهن. يعني اک، ڪن، نڪ، چپ، وات، دل دماغ وغيره سڀني انسانن ۾ هڪجهڙائي هوندا آهن. تنهن هوندي به هر شخص ڪن خاص، انفرادي ۽ ٻين کان ڪي قدر ڌار وصفن سان پيدا ٿيندو آهي. سمورا انسان شروعات ۾ هڪڙي ئي سيل جي لڳاتار ورهاست جي عمل ذريعي ئي وڌن ٿا ۽ هڪ جهڙي ئي بنيادي بناوت هئڻ جي باوجود هڪ ٻئي کان ڌار ڌار هوندا آهن. اسان جا سمورا عضوا هڪ پلان (Plan) پٽاندڙ وڌن ويجهن ٿا، بلڪل ائين جيئن اسان جي جينن ۾ لکيل هوندو آهي. سائنسدانن جيڪو خاڪو مڪمل ڪيو آهي ان مطابق جسم جي مختلف عضون کي ڪنٽرول ڪندڙ جينن (Genes) جو تعداد مختلف آهي. مثال طور اسان جي چمڙيءَ کي جيڪي جين ڪنٽرول ڪن ٿا، تن جو تعداد 2559 آهي. اهڙيءَ طرح دماغ کي 29,930، اکين کي 1794، گگ کي 186، دل کي 6216، سيني کي 4001، ڦڦڙن کي 11581، جيري کي 2309، آنڊن کي 3838، دماغ جي مشڪن کي 1911 ۽ رت جي سيلن کي 2292 جين ڪنٽرول ڪن ٿا.

DNA جي حرفن يا اکرن جو ترتيبي سلسلو انساني بناوت جي باري ۾ هر طرح جي تفصيل طئي ڪري ٿو. ننڍي کان ننڍي ۽ معمولي کان معمولي تفصيل به ان جي ماتحت هوندي آهي.

نه رڳو نڪ، چپ، وات، اکين، منهن ۽ ظاهري حسن ۽ جمال بابت تفصيل، سيل اندر لکيل هوندي آهي، پر DNA انساني جسم ۾ موجود 206 هڏن، 600 مشڪن (Museles) ۽ ڏهه هزار Auditory Muscles (ڪن سان لاڳاپيل مشڪن) جو نيٽ ورڪ ۽ 20 لک Optic Nerves (اکين

جي تنتي نيٽ ورڪ ۾ تنتون) ۾ 100 بلين Nerve cells ۾ جسم جي سمورن 100 ٽريلين سيلن جي مڪمل ڊزائين به پنهنجي اندر ۾ سانديو وينو آهي.

علم جي انهيءَ مها ساگر ۾ معلومات جي انهيءَ بحر بيڪران جو اندازو ته لڳايو ۾ علم جي ڪائنات جي سڀ کان پيچيده مشين انسان جي جسم، عقل، فهم، ادراڪ جي اوسر ۾ وڌڻ جو علم، هڪ بامقصد انداز ۾ نهايت ننڍڙي DNA ۾ قطارون قطارون ڪري پئيڪ (Pack) ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت ۾ اها به هڪ حقيقت آهي ته جيڪڏهن انهيءَ ترتيبي سلسلي ۾ پيل حرفن جي Sequence ۾ ذرو ترجيترو به نقص پيدا ٿي پوي ته عين ممڪن آهي ته اوهان جون اکيون منهن ۾ هئڻ جي بدران گوڏن ۾ ظاهر ٿين يا توهان جا نڪ، ڪن، چپ، هٿ پير، مٿو يا چيلهه ڪنهن بي جاءِ تي پيدا ٿي پون. اهو 46جلدن ۾ محفوظ پروگرام آهي,جيڪو توهان جي حسن ۾ جمال ۾ توهان کي هر طرح مڪمل انسان بنائڻ جو ضامن آهي. اتي جيڪڏهن ڪو همراهه چوي ٿو ته DNA جو اهو نهايت منظم سلسلو ڪنهن اتفاقي حادثي مان نڪتو آهي، يا ڪو اوچتو واقعو يا Coincidence ٿيو آهي ته اها ڳالهه ڪو ڪم عقل، احمق به ڪونه مڃيندو.

اتفاقن جو امڪان يا احتمال، علم رياضيءَ Mathematics ۾ Probablity جي حساب سان ڪڍيو آهي. اها اهڙي نسبت هوندي آهي جيڪا ڪنهن غالب حالت ۾ ٻين سيني ممڪن حالتن جي وچ ۾ هوندي آهي. اڄ ڪلهه علم رياضي به حساب لڳائي ٻڌايو آهي ته فقط اتفاق يا Coincidence سان DNA جي 200,000ء جينن مان ڪنهن هڪڙي جين جي ترتيب به، ان مخصوص سلسلي ۾ هموار ٿيڻ جو امڪان ٻڙي جي برابر آهي. Frank Salibury جيڪو پاڻ به نظرئي ارتقاء کي مڃڻ وارو سائنسدان آهي، چوي ٿو ته ”هڪ وچٽري درجي جي پروٽين ۾ 300 کن



Amino Acids هوندا آهن. انهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ DNA ۾ اٽڪل 1000 Nucleotides جي هڪ ڪڙي هوندي آهي. جيئن ته هڪڙي DNA جي ڪڙيءَ ۾ چئن قسمن (A.T.G.C) جا Nucleotides هوندا آهن، تنهن ڪري 100 Link واريون ڪڙيون چئن قسمن جون هونديون آهن. آلجبرا جي ذريعي Logarithm استعمال ڪرڻ سان 4 جو مطلب 10 هوندو آهي. يعني 10 کي 10 سان 600 ڀيرا ضرب ڪريو. يعني هڪ کان پوءِ 600 ٻڙيون ڏيڻ سان انگ ٺاهيو. اهڙي انگ جو ته تصور ئي ڪري نٿو سگهجي.

ان جي وڌيڪ وضاحت هن طرح ڪري سگهجي ٿي، ته جيڪڏهن اهو ڪٺي مڃجي ته گهربل Nucleotides ڪنهن جاءِ تي موجود آهن ۾ انهن کي جهلي بيهاريندڙ سمورا Molecules ۾ Enzymes به موجود آهن، تڏهن به انهن Nucleotides جي صحيح ترتيب Sequence ۾ اچڻ جو امڪان $10^{600}$ مان هڪ ڀيرو آهي يعني DNA جي پاڻمرادو وجود ۾ اچڻ جي Probablity $10^{600}$ مان فقط هڪ آهي. ان کي ناممڪن چئجي ته به گهٽ آهي.“

Francis Crick کي DNA تي ريسرچ ڪرڻ تي نوبل انعام ڏنو ويو آهي. هي سائنسدان پاڻ به وڏو ۾ پڪو Evolutionist آهي، پر هو چوي ٿو ته:

”ڪو به انصاف پسند انسان، انهيءَ معلومات جي روشنيءَ ۾ جيڪا هينئر اسان وٽ موجود آهي، فقط ايترو چئي سگهي ٿو ته هڪ خاص معنيٰ ۾، انساني زندگي جي شروعات هن وقت هڪ ڪرشموئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.“

ٻارن ۾ Leukemia يا Haemophilia جون بيماريون DNA ڪوڊ ۾ هلڪي خرابي جي ڪري ٿينديون آهن. ڪينسر جا سيئي قسم به انهيءَ نازڪ توازن جي خراب ٿيڻ سان ٿيندا آهن. جيڪي تڪليفون ٻاهرين اثرن يعني Radioactive Raditions يا بجلي جي مقناطيسي لهرن Electromagnetic fields جي خراب اثرن جي ڪري ٿينديون آهن.

سي بہ حقيقت ۾ DNA جي ڪنهن Base Pair ۾ توازن نہ هئڻ جي ڪري ٿينديون آهن. اهي خرابيون A.T.G.C حرفن اندر بہ ٿي سگهن ٿيون. مثال طور هڪ بلين 618 ملين 457 هزار 632 بنيادي جوڙن (Base Pairs) مان ڪنهن بہ بنيادي جوڙي ۾ خرابي ٿي سگهي ٿي.

ايڏي وڏي تعداد ۾ Base Pairs جي هر سيل ۾، DNA جي هر دم ٽٽندڙ ٺهندڙ ۽ ورڇجي ويندڙ سيلن (Cells) جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ جو نظام بہ هوندو آهي، پر اهو خود DNA ڪوڊ جي اندر ئي موجود هوندو آهي.

## DNA ۾ پنهنجو نقل پاڻ تيار ڪرڻ جو عمل

DNA جي حيرت انگيز دنيا ۾ پنهنجو نقل پاڻ تيار ڪرڻ يا پاڻ جهڙو ٻيو وجود تيار ڪرڻ (Self Replication) جو عمل بيحد تيزيءَ سان جاري رهندو آهي. سيني کي خبر آهي تہ انساني جسم جي شروعات ماءُ جي پيٽ ۾ هڪ سيل پوڻ سان ٿيندي آهي، پوءِ اهو سيل ورڇجڻ شروع ڪندوآهي ۽ نوان سيل ٺهڻ لڳندا آهن. اهي هڪ مان ٻہ، ٻن مان چار ۽ اهڙي طرح 4.8.16.32.64 جي نسبت سان جنم وٺڻ لڳندا آهن.

هڪڙو سيل تقسيم ٿي ٻيو سيل بنائيندو آهي. هر سيل کي پنهنجو DNA کپندو آهي. پر جي ڪڙي، سيل ۾ هڪڙي هوندي آهي. ان ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هر تقسيم ٿيندڙ سيل، پنهنجو همشڪل پاڻ پيدا ڪندو آهي. هر سيل خاص سائيز جو هوندو آهي ۽ پاڻ (تقسيم ٿي) ٻيو سيل بنائڻ جو فيصلو بہ پاڻ ڪندو آهي. سيل ۾ اهو شعور ۽ اهو ايقان ڪٿان آيو؟ سيل جي تقسيم دوران DNAجي تقسيم جو ڳجهو عمل بہ ڏاڍي دلچسپ نموني مڪمل ٿيندو آهي.

DNA جو ماليڪيول، جيڪو شڪل ۾ هڪ چڪردار ڏاڪڻ جهڙو هوندو آهي، تقسيم ٿي ٻن حصن ۾ DNA وانگر کلي پوندو آهي. ٻنهي طرفن کان غائب اڌورا حصا پنهنجن ويجهن پاسن وٽ موجود ماده مان مدد وٺي انوکي طرح تڪميل کي رسندا آهن ۽ هڪڙي مان ٻيو وجود ۾ اچي



ويندو آهي. تقسيم دوران هر مرحلي تي خاص قسم جا پروٽين ۽ Enzymes ماهر روبوٽن Robots وانگر ڪم ڪندا آهن. ان سلسلي ۾ وڌيڪ تفصيل سان ذڪر ڪري سگهجي ٿو پر ان لاءِ ڪافي سارا صفحا گهرجن.

اينزائيم Enzymes انهيءَ ساري عمل دوران هوشيار ڪمدارن وانگر هر قدم تي چيڪنگ ڪندا رهندا آهن، تہ متان ڪا غلطي ٿي ويئي هجي تہ يڪدم درست ڪري ڇڏجي. منٽ منٽ ۾ Base Pairs300 پيدا ٿيندا رهندا آهن ۽ ان دوران چوڪسي ڪندڙ Enzymes بہ ضروري ترميم، درستي ۽ ردبدل ڪندا ويندا آهن، تہ جيئن نون پيدا ٿيندڙ DNA ۾ غلطي جو ڪو بہ امڪان نہ رهي. انهيءَ ڪم لاءِ DNA جي حڪم تي مرمت ڪرڻ وارا Enzymes وڌيڪ انداز ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن. اهڙي طرح DNA ۾ پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ، پنهنجو نسل وڌائڻ ۽ آئنده نسلن کي محفوظ رکڻ ۽ انهن کي قائم رکڻ جو مڪمل پروگرام ڪوڊ ٿيل هوندو آهي. سيل پيدا بہ ٿيندا رهندا آهن تہ مرندا بہ ويندا آهن. توهان جي بدن ۾ جيڪي سيل ڇهہ مهينا اڳ موجود هئا، انهن مان اڄ هڪڙو بہ باقي ڪونهي. انهن جي عمر بہ تمام گهٽ هوندي آهي، منهنجا سڀ سيل مري ويا آهن پر آئون زنده آهيان ڇو تہ هر سيل بروقت پنهنجي همزاد پيدا ڪرڻ جو عمل مڪمل ڪري ڇڏيو هو. اهو عمل ايڏي تہ مهارت سان مڪمل ٿيندو رهندو آهي، جو ڪنهن بہ غلطيءَ جو امڪان ٽن بلين Base Pairsمان فقط هڪ ٿي سگهي ٿو ۽ اها غلطي بہ تمام تيزيءَ سان ٽيڪنيڪل انداز ۾ درست ڪري ڇڏبي آهي. سڀ کان دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ اهي Enzymes دراصل مختلف قسمن جا پروٽين آهن، جن جي پيدا ٿيڻ جي ترتيب ۽ سلسلو بہ ان DNA ۾ ئي ڪوڊ ٿيل هوندو آهي ۽ انهيءَ DNA جي حڪم هيٺ، انهن جو سرشتو هلندو آهي ۽ انهن جي اوسر ۽ واڌ ويجهہ جي نظرداري بہ انهن کي ئي ڪرڻي هوندي آهي.

ارتقاء جو فلسفو چوي ٿو ته انسان درجي بدرجي، ڪن مفيد اتفاقن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو آهي پر ٻئي پاسي Enzymes ۽ DNA جو هڪ ئي وقت ۾ وجود ۾ اچڻ ۽ هڪ ٻئي سان سندن نرالو سڀنڌ. ڪنهن زبردست تخليق ڪار (Creator) جو ڪارنامو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو تخليقڪار ڪير آهي؟ اها هستي الله جي آهي. انهيءَ حقيقت کي دنيا جا دانشور هوريان هوريان پروڙيندا پيا وڃن. سائنس وٽ ان جو ڪو به جواب ڪونهي ته DNA اندر اها معلومات ڪٿان آئي آهي؟ هر زندهه شيءِ، جيت جنتر، چرند پرند ۽ انسان حيوان جا DNA ڌار ڌار ڇو آهن؟ خود DNA جو وجود ڪٿان آيو؟ ان جي شروعات ڪيئن ٿي؟ انهن ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ DNA آهي. پر معلوم ٿيو آهي ته DNA جو جهان ئي ٻيو آهي، جنهن ۾ Enzymesکي وري DNA هلائي ٿو.

مطلب ته زندگي پيدا ڪندڙ سمورا عنصر ”ماليڪيول“، سيل، DNA، Enzymes ۽ هزارين قسمن جا پروٽين، سڀ جا سڀ هڪ جاءِ تي آڻي گڏ ڪجن ته به زندگي نٿي ملي. نيٺ هار مڃڻي پوي ٿي ته زندگي فقط DNA Enzymes, جي تخليق ڪار جي ڪري ئي ممڪن آهي ۽ اهو تخليق ڪار (Creater) ڪير آهي؟ قرآن ٻڌائي ٿو ته اهو الله ئي حقيقي معبود آهي. اهي ماڻهو هن جي علم مان ڪنهن به شيءِ جو احاطو نٿا ڪري سگهن، پر (فقط اوترو) جيترو هو (پاڻ) چاهي، هو تمام بلند ۽ وڏو آهي.“ (آيت الڪرسي).



# قدرت جو قانون

انسان جو علم ۽ تجربو ٻڌائي ٿو بلڪ شاهدي ڏئي ٿو ته الله تعاليٰ ڪائنات ۾ جيڪي طبعي قانون ڪروڙين سال اڳ مقرر ڪيا هيا انهن ۾ ايڏو سارو وقت گذرڻ جي باوجود اڄ تائين تر جيتري به تبديلي ڪانه آئي آهي ۽ اهي قانون برابر پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. ڪا به قوم انهن جي آڏار تي پنهنجي لاءِ رٿا بندي تيار نٿي ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته قدرت جا ٺاهيل فطري قانون ئي عام طور تي دنيا ۾ ڪار فرما هوندا آهن. انهن عام فطري قانونن تي يقين هئڻ جي ڪري ئي اڄ انسان چنڊ ۽ مريخ تائين ڪروڙين ميلن جو مفاصلو طئي ڪري چڪو آهي. انجي ابتڙ جيڪڏهن انسان انهيءَ بي يقيني واري خيال ۾ مبتلا هجي ها ته الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل قانون اوچتو ٽٽندا آهن ته پوءِ ڪائنات جي تسخير لاءِ هوند ڪا به رٿا بندي تيار نه ٿي سگهي ها ۽ گمان ۽ شڪ ۾ ڦاٿل انسان ڪڏهن به ڪا جرئت واري وک اڳتي وڌائي ڪين سگهي ها.

حقيقت هن ريت آهي ته ڪائنات جي هر هڪ شيءِ تي الله تعاليٰ جي ٺاهيل طبعي قانونن مطابق ئي ڪم ڪري رهي آهي، هي سج، هي چنڊ، هي تارا، هي هوائون ۽ سمنڊ سڀئي قدرت جي ٺاهيل طبعي قانون مطابق ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪنهن کي اها مجال نه آهي جو انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙي ڪري سگهن، جيڪڏهن سج پنهنجي مقرر ڪيل رفتار ۾ هڪ سيڪنڊ جي هزاروين حصي جيتري به ڪمي بيشي ڪري يا هڪ ساعت لاءِ هوا پنهنجو رخ بدلائي ڇڏي ته هوند ڪائنات جو سمورو نظام درهم برهم ٿي وڃي.

### جوڙا جوڙا

اسين ڏينهن رات جيڪي شيون ڏسندا رهندا آهيون تن تان اسين بنا سوچ ويچار جي ائين ئي لنگهي ويندا آهيون، جيتوڻيڪ ان جي اندر اصل

حقيقت جا اهڃاڻ موجود هوندا آهن. الله تعاليٰ نسل جي واڌاري لاءِ نر مادي پيدا ڪري انهن جي وچ ۾ ميلاپ کي هڪ بنيادي قانون جي شڪل ڏني آهي عورت ۽ مرد جي وچ ۾ جنسي تعلق انساني پيدائش جو ڪارڻ آهي، وڻن ۽ ٻوٽن بابت به اسان کي ڄاڻ آهي ته انهن ۾ به نر ۽ مادي موجود هوندا آهن ۽ انهن ۾ به ميلاپ جو اهو ساڳيو ئي اصول هلندڙ آهي. ايتري قدر جو بيجان مادن ۾ به ميلاپ ۽ ڳانڍاپي جو طبعي قانون موجدو آهي مختلف شيون جڏهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان گڏجن ٿيون، تڏهن ئي انهن منجهان قسمين قسمين نيون شيون وجود ۾ اچن ٿيون خود مادو به واڌو ۽ ڪاتو بجلي جي قوت وارن جزن مان ٺهيو آحي جڏهن ايٽم جا اڻ لکا ذرڙا ڌار ڌار ڪيا ويا ته ان ۾ به واڌو ۽ ڪاتو طاقت جا جزا ظاهر ٿيا. ان مان ثابت ٿيو ته هر شيءِ ۾ هر جنس ۾ نر ۽ مادي جو وجود هئڻ الله جو هڪ اٽتر قانون آهي خدا جي قدرت موجب ڳاٽ ۽ هڪ ٻئي سان ميلاپ وسيلي ئي هي ساري ڪائنات وجود ۾ آئي آهي ۽ ان ۾ حڪمت ۽ ڪاريگريءَ جون اڻ ڳڻيون ڳالهيون موجود آهن ڪو به عقلمند انسان خدا جي طرفان پيدا ڪيل جوڙي جوڙي واري انهيءَ حڪمت ۽ قانون کي نه ته اتفاقي حادثو چئي سگهي ٿو ۽ نه وري اهو ميجي سگهي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه بنا ڪنهن قانون جي ٿي رهيو آهي. هي اهي حقيقتون آهن جن تي غور و فڪر ڪرڻ ۽ تجربي ۽ مشاهدي ڪرڻ سان قلب مان ايمان جا چشما ڦٽي نڪرن سگهن ٿا. اي ڪاش! اسين انهن تي غور و فڪر ڪريون ۽ ڪائنات جي خالق جو مشاهدو ماڻي، پنهنجي ايمان ۾ اضافو آڻيون.

### ڌرتي

ساڳئي ريت الله تعاليٰ ڌرتي کي پيدا وار جو ذريعو بنايو آهي جنهن جي وسيلي بي شمار مخلوقات کي روزي ملي ٿي پيداوار جو دارومدار زمين جي صلاحيت تي آهي پر ان صلاحيت کي ڪار آمد بنائڻ لاءِ ان جي پويان ڪيڏو نه زبردست قدرت جو نظام ڪم ڪري رهيو آهي. يعني ته ڪڪرن،



دريائن، واهن ۽ کوهن مان پاڻي اچي ٿو. سج جي تپش ۾ موسمن جي ڦير گهير فضائي گرمي ۽ ٿڌڪار هوائن جي گردش وغيره جي ڪري بجلي جي وهڪري تي اثر پوي ٿو جيڪو ڪڪرن مان مينهن وسائڻ جو ذريعو بنجي ٿو. ان سان گڏوگڏ مينهن جي پاڻي ۾ هڪ قسم جو ڀاڻ به شامل ٿي ويندو آهي ڏسو ته سهي زمين کان وٺي آسمان تائين انهن مختلف شين جي وچ ۾ ڪهڙو نه تعلق ۽ ڳانڍاپو قائم آهي. اٿين اهي شيون مختلف قسمن جي مقصدن جي تڪميل ڪري رهيون آهن ۽ هزارين لکين سالن کان وٺي اڄ تائين اهڙي طرح لاڳاتار جاري رهڻ، اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي اسان کي ڏسين ٿيون ته خدا جو هر هڪ ڪم هڪ قانون ۽ طريقي مطابق جاري آهي.

### طوفان نوح ع

طبعي قوانين جي اٽل هجڻ جو وڏيڪ اندازو حضرت نوح عليه السلام جي واقعي مان به ملي ٿو جڏهن الله تعاليٰ باغي ۽ نافرمان قوم کي پاڻي جي طوفان ذريعي تباهه ڪيو پئي ته ان وقت جي هو چاهي ها ته پنهنجن نيڪ ۽ صالح ٻانهن کي معجزاتي طريقي سان بچائي سگهي ها پر جيئن ته هو عام طور تي پنهنجن طبعي قانونن جي ڀڃڪڙي کي پسند نه ٿو ڪري، تنهن ڪري هن طوفان نوح کان گهڻو اڳ حضرت نوح کي پنهنجي طبعي قانونن موجب هڪ ٻيڙي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته الله تعاليٰ ڪهڙي ريت پنهنجا اٽل قانون قائم رکي ٿو. يعني ته هڪ پاسي باغي ۽ نافرمان قوم کي هلاڪ ڪرڻ لاءِ طوفان کي وسيلو بنايائين ۽ ٻئي پاسي پنهنجي نيڪ ۽ صالح ٻانهن کي بچائڻ لاءِ ٻيڙي کي ذريعو بنايائين. مطلب ته ٻئي ڪم پنهنجي طبعي قانون مطابق پورا ٿيا. البت اهو معجزو هو جو الله تعاليٰ اڳ ۾ ئي پنهنجي نبيءَ کي ڄاڻائي ڇڏيو ته طوفان ايندو ۽ ان کان بچڻ لاءِ توهين هيءَ واٽ اختيار ڪريو.

مٿين مثالن مان اسين اهو پڌرو ڪرڻ چاهيون ٿا ته الله تعاليٰ هن ڪائنات ۾ هڪ اهڙو طبعي قانون مقرر ڪيو آهي، جو سواءِ ڪن اتفاقي

حالتن جي ڪڏهن بہ نٿو بدلجي. اهو قانون عام طور تي ساڳئي طرح هڪ مقرره طريقي تي هلندو پيو اچي. عام حالتن ۾ الله تعاليٰ پاڻ بہ ان جي خلاف ورزي نٿو ڪري. جيئن تہ اسين اڳي پڌرو ڪري چڪا آهيون تہ اهڙا واقعا ڪڏهن ۽ تمام گهٽ ٿيندا آهن ۽ انهن جي آڌر تي ڪا بہ رٿا بندي نٿي ڪري سگهجي. هاڻي اسين انسانن جي دنيا ڏانهن موٽي اچون ٿا, ڇو تہ اهو ئي اسان جي مضمون جو اصل موضوع آهي.



# اعمال ۽ ان جا نتيجا

جڏهن الله تعاليٰ انسان کي خلقيو تڏهن سندس عام زندگي کي بہ ٻين حيوانن جيان پنهنجي قانون جو مطيع بڻائي ڇڏيائين. مثال طور حيوانن کي اڃ ۽ بک لڳي ٿي تہ انسان کي بہ اڃ ۽ بک لڳي ٿي. پيدا ٿيڻ ۽ نسل جي واڌ ويجهہ ۽ بقا لاءِ جيڪي اصول حيوانن لاءِ مقرر آهن, سي ساڳيا انسانن سان بہ لاڳو ٿين ٿا. البتہ حيوانن ۽ انسانن ۾ هڪڙو فرق ضرور آهي اهو هي تہ انساني عقل ترقي پذير آهي تہ حيواني عقل محدود آهي. ٻيو هي تہ انسان کي چڱي مٺي جي شناخت ڏني وئي آهي. جڏهن تہ حيوانن کي انهيءَ کان محروم رکيو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ انسان کي اختيار ۽ ارادي جي آزادي پڻ ڏني ويئي آهي. اها نعمت فقط انسان کي ئي حاصل آهي. ايتري قدر جو الله تعاليٰ جي هڪ اعليٰ مخلوق ملائڪن کي بہ سندن آزاد مرضي سان ڪجهہ ڪرڻ جو اختيار نہ ڏنو ويو آهي. اهي مڪمل طرح خدا جي ارادي جا تابع آهن ۽ ان کان تر جيترو بہ انحراف نٿا ڪري سگهن.

الله تعاليٰ جتي انسان کي آزادي ۽ اختيار ڏنو آهي, اتي ڪيس وحيءَ جي وسيلي انهن قانونن جي ڄاڻ پڻ ڏني آهي, جن جو تعلق ڏاهہ ۽ ڏاهہ سان آهي. هن انسان کي واضح طور تي ٻڌايو آهي تہ سندس ڪهڙا عمل فائديمند آهن ۽ ڪهڙا عمل تباهي جو ڪارڻ آهن. هن اهو پڻ ٻڌايو آهي تہ انسان کي عمل جي سلسلي ۾ آزادي آهي پر عملن جي نتيجي کي بدلائڻ جو اختيار ڪونهي. عملن جو نتيجو هر حالت ۾ خدا جي قانون موجب ئي ظاهر ٿيندو اهو ئي نُڪتو آهي جيڪو اسين پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهيون ٿا. ڇو تہ معاشري جي ڀلائي ۽ برائي جو دارومدار انهيءَ ڳالهہ تي ئي آهي تہ عملن جي قدرتي نتيجي کي جزا ۽ سزا جو قانون يا مڪافات ڪوٺجي ٿو اسلام جو دارومدار انهيءَ قانون تي ئي آهي.

انسان کي ڇڏي باقي چوڏاري پکڙيل وسيع ڪائنات ۾ جن قانونن جي

ڪارفرمائي آهي تن بابت نہ ڪنهن کي ڪو شڪ آهي نہ وري اعتراض. جيئن تہ اسان کي معلوم آهي تہ سائنس جو سارو دارومدار ئي الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل انهن طبعي قانون تي آهي جيڪي پختا ۽ مضبوط آهن. جن بابت هر علم وارو مڃي ٿو تہ اهي انسانن جا پنهنجا ٺاهيل نہ آهن. قرآن مجيد جو چوڻ آهي تہ جيئن چوڌاري ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جو حڪم ۽ قانون جاري آهي، تيئن انسانن جي معاشرتي زندگيءَ لاءِ بہ قانون ۽ احڪام اڳ ۾ ئي مقرر ڪيل آهن. جيڪي نبين سڳورن جي وسيلي بني نوع انسان تائين پهچايا ويا آهن. فرق رڳو ايترو آهي تہ طبعي قانون ۾ انسانن جي مرضيءَ ۽ پسند ناپسند کي ڪو دخل ناهي. جڏهن تہ معاشرتي قانون اسان پنهنجي مرضي سان اختيار ڪري يا نہ ڪري سگهون ٿا. تنهن هوندي بہ جيئن طبعي قانون پنهنجي نتيجي جي اعتبار کان اٽل ۽ اڻ ٽٽا آهي. تيئن معاشرتي ۽ تمدني قانون بہ مستقل ۽ اڻ تبديل ٿيندڙ آهن. انهن اصولن موجب سچائيءَ جو بدلو هر حالت ۾ چڱائي آهي. جڏهن تہ ڪوڙ مان شر ۽ خرابي ئي پيدا ٿئي ٿي. زمين تي فساد، ظلم، حق تلفي وغيره جا نقصان بہ يقيني آهن تہ ڀلائي، رحمدلي، غريبن سان مدد، عدل، انصاف، معاف ڪري ڇڏڻ ۽ ٻين جا حق ادا ڪرڻ جا فائدا بہ اوترا ئي يقيني آهن.

طبعي قانونن وانگر انهن ۾ بہ بلڪل ڦير گهير نٿي ٿئي. فرق صرف ايترو آهي تہ طبعي قانونن جي خلاف ورزيءَ جو نتيجو بروقت نڪري ٿو جيئن جيڪڏهن ڪنهن ٻيڙيءَ ۾ وزن گهڻو هوندو تہ اها ٻڏڻ ۾ ويرم ئي نہ ڪندي يا جيڪڏهن ساهہ بالڪل روڪي ڇڏبو تہ انهيءَ مهل ئي موت واقع ٿيندو پر اخلاقي معاشرتي ۽ تمدني قانونن جي خلاف ورزي جا نتيجا عام طور تي جلد نٿا نڪرن. يعني تہ الله تعاليٰ معاشرتي عملن ۽ انهن جي نتيجن نڪرڻ جي وچ ۾ ڪجهہ وقفو ۽ مفاصلو رکيو آهي انهن جو مڪمل نتيجو اڪثر ڪري دير سان سامهون ايندو آهي جيئن زمين ۾ ٻج ڇٽڻ کان پوءِ ان ۾ تازگي تہ جلدي اچي ويندي آهي پر ٻوٽو تہ فقط انهي وقت ڏسڻ ۾



ايندو آهي جڏهن اهو زمين جو مٿاڇرو چيري اپري ٻاهر نڪرندو آهي. اهڙي طرح هر عمل جو رد عمل تہ انهي وقت کان ئي شروع ٿي ويندو آهي پر نتيجي نڪرڻ ۾ ڪجهہ دير لڳندي آهي. اهو مهلت جو عرصو انهي ڪري رکيو ويو آهي تہ جيئن انسان جي آزادي کسجي نہ وڃي ۽ کيس پنهنجي غلط عمل جي تلافي ڪرڻ لاءِ موقعو ملي سگهي.

طبعي قانون جي پائيداري ۽ پختگي جي يقين هئڻ جي ڪري يورپي قومون ڪائنات جي تسخير جي ڪم ۾ لڳي ويون. جيئن جيئن کين الله جي طبعي قانونن جو علم ٿيندو ويو تيئن تيئن هر انهيءَ ميدان ۾ اڳتي وڌنديون ويون پر انهن پنهنجا معاشرتي مسئلا خدا جي طرفان ٻڌايل قانونن مطانق طئي نہ ڪيا. ان جي بجاءِ انهن پنهنجن ذاتي ۽ قومي مفادن ۽ پنهنجن تجربن ۽ عقل مطابق حل ڪيا. انهن ڪنهن بہ آسماني هدايت کي پنهنجي سامهون نہ رکيو. جيئن تہ انساني عقل ٿورو ۽ محدود آهي تنهن ڪري نہ تہ اهو سڀني انسانن جي وچ ۾ حقيقي مساوات جو نظام ٺاهي سگهي ٿو ۽ نہ وري انسانن جي مختلف طبقن ۽ ٽولن جي وچ ۾ سڀني مصلحتن تي نظر رکي سگهي ٿو. ان معاملي ۾ انسان جا پنهنجا جذبات ۽ مفاد وک وک تي رڪاوٽ بنجن ٿا ۽ انصاف تي ٻڌل مساوات قائم ڪرڻ کان کيس روڪين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو تسخير ڪائنات مان يورپ يا مغربي قومن جيڪي بي شمار فائدا، آسائشون ۽ راحتون حاصل ڪيون آهن. سي الله تعاليٰ جي ٻڌايل معاشرتي ۽ تمدني قانون کان بغاوت سبب رحمت جي بدران فتني ۽ فساد جو باعث بنجي ويا آهن.

هڪ طرف اهي مغربي قومون آهن تہ ٻئي پاسي وري اسين آهيون جيڪي ايمان جي دعويٰ تہ ڪريون ٿا پر ڪائنات جي تحقيق ۽ تسخير جي ڪم کي مرڳو ڇڏيو ويٺا آهيون نہ رڳو اهو پر خدا جي ڏنل معاشرتي ۽ تمدني قانونن بابت بہ شڪ ۽ گمان ۾ مبتلا آهيون ۽ انهيءَ غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿي پيا آهيون تہ خراب ڪم جو نتيجو بہ چڱو نڪري سگهي ٿو.

جڏهن ته ڪنهن به عمل جا ٻه متضاد (ابتڙ) نتيجا ڪڏهن به نٿا نڪري سگهن. خراب ڪمن جا نتيجا بُرا ئي نڪرن ٿا. چڱن ڪمن مان چڱايون ئي ظاهر ٿين ٿيون انسان جي هر ڪم جو نتيجو هميشه انهيءَ قانون موجب ئي نڪرندو آهي جيڪو الله تعاليٰ ان لاءِ مقرر ڪيو آهي انهيءَ ڪي خدا جو نظامِ عدل چيو وڃي ٿو ۽ خدا جو اهو نظام بالڪل اڻ ٽر ۽ نه بدلجندڙ آهي.



# خدا ۽ ٻانهي جي وچ ۾

## تعلق جي نوعيت

طبعي قانون جيڪي انسان سان گڏوگڏ سموري ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهن ۽ اهي معاشرتي قانون جيڪي الله تعاليٰ خاص انسانن لاءِ ٺاهيا آهن، تن تي نتيجي جي اعتبار کان يقين پيدا ڪرڻ جي بحث کان پوءِ هاڻي ٿورو اڳتي هلو.

اها ڳالهه خاص طور تي ڌيان طلب آهي ته هڪ پاسي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته سڀني جاندارن کي رزق ۽ روزي رسائڻ سندس ذميواري آهي. ٻئي پاسي وري اسين ڏسون ٿا ته دنيا ۾ ڪروڙين انسان اهڙا به آهن جن کي مناسب ۽ متوازن غذا نصيب ڪانه ٿي ٿئي، ۽ لکين انسان ويائن ۽ بک وگهي مري وڃن ٿا. ڇا ان مان اهو نتيجو نه ٿو ڪڍي سگهجي ته (معاذ الله) الله تعاليٰ جي اها دعويٰ غلط آهي ته هو سڀني کي روزي رسائيندڙ آهي؟ حقيقت هن ريت آهي ته ائين سوچڻ اسان جي اڻ ڄاڻائي آهي. الله تعاليٰ زمين تي هر جاندار جي روزي جو سامان خلقي ڇڏيو آهي ۽ زمين اندر سڀ مخلوقات جي ضرورتن جو سامان موجود آهي. اسان کي رڳو ڌرتيءَ جي پيٽ ۾ لڪيل خزانا ڪڍي ڪم آڻڻ آهن. جيڪڏهن انهيءَ ڪم ۾ اسين سُستي ڪنداسين ۽ انهن خزانن کان ڪم نه وٺنداسين ته پوءِ اهو ڏوهه اسان جو پنهنجو ئي چئبو. ڳالهه هي آهي ته رزق جا جيڪي به وسيلا خدا جي زمين ۾ پوشيده ۽ پکڙيل آهن، جن کي الله تعاليٰ سڄي بني نوع انساني جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي، تن جي غلط ورڇ، مختلف طبقات ۽ ٽولن جي هٺ هٺي، قومن جي تنگ نظري، ماڻهن جي خود غرضي ۽ غلط رٿابنديءَ جي ڪري اهي ناڪافي نظر اچن ٿا. پر حقيقت ۾ اهي وسيلا ايترا ته وسيع آهن جو سڀني انسانن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. عيب فقط اهو آهي ته انهن جي ورڇ جو انتظام بي انصافي تي ٻڌل آهي. هاڻي اهو

اسان جو ڪم آهي تہ اسين انهن جي انصاف واري ورڇ ڪيون ۽ انسان ذات لاءِ چڱائيءَ جو ماحول پيدا ڪريون.

زمين توڙي آسماني قدرتي حادثن بابت اها ڳالهہ چٽي سگهجي ٿي تہ انسان پنهنجي سموري ذهني ۽ فڪري ترقيءَ جي باوجود انهن جا اصل ڪارڻ معلوم نہ ڪري سگهيو آهي. جڏهن انسان انهن سببن جي پوري ڄاڻ حاصل ڪري وٺندو تڏهن ئي هو ٻوڏن، زلزلن ۽ وبائن وغيره تي ڪنٽرول ڪري سگهندو. موجوده زماني ۾ ان معاملي ۾ انسان ڪجهہ نہ ڪجهہ اڳتي وڌيو آهي. ٻوڏن کان بچڻ لاءِ دريائن تي بند ٻڌڻ، مينهن ۾ گهٽ پاڻيءَ جي ڪسر ڪي پوري ڪرڻ لاءِ ٽيوب ويل لڳرائڻ، پاڻيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو ذخيرو ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا بند قائم ڪرڻ وغيره اهي سيئي انتظام ڪيا پيا وڃن، جن جي ڪري پيداوار ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ اچي رهي آهي. هڪ پاسي پيداوار وڌندي پئي وڃي تہ ٻئي پاسي ڪڪڙين ۽ آنن جي وڏي پيماني تي پيداوار جا طريقا ڪڍيا پيا وڃن. اهڙيءَ طرح مڇيءَ جي نسل وڌائڻ لاءِ پڻ تيزيءَ سان ڪم ٿي رهيو آهي. سمنڊ جي تهہ ۾ قدرت جي طرفان رکيل رزق جي سامان ڏانهن بہ توجهہ ڏنو پيو وڃي. خدا تعاليٰ اهي سمورا ڪم انسانن جي هٿان ڪرائي رهيو آهي.

ڪائنات جي خالق هن سڄي نظام ۾ انسانن کي مرڪزي حيثيت ڏئي ويهاريو آهي. خدا تعاليٰ انسان کي عقل ۽ حڪمت سان گڏوگڏ کيس آزاد مرضي پڻ ڏني آهي تہ جيئن هو سندس طرفان سڄي ڪائنات ۾ پيدا ڪيل پوشيده ۽ پڪڙيل رزق کي استعمال ۾ آڻي ۽ ان روزيءَ کي عادلانہ طريقي سان سڀني قومن ۾ ورهائي ڏئي. جيڪڏهن سيئي قومون هڪ ٻئي سان گڏجي عقل، حڪمت، هنر ۽ تدبير استعمال ڪن تہ هوند رزق جو ايڏو تہ زبردست انتظام ٿي وڃي جو جيڪر دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ روزيءَ جو ڪو مسئلو ئي پيدا نہ ٿئي، جو تہ گهٽ پيداوار وارو علائقو ٻئي سرسبز علائقي مان روزي حاصل ڪري سگهي ٿو. بلڪ دنيا جون سموريون نعمتون



(جيڪي ڳاڻيٽي ۾ حد حساب کان ٻاهر آهن) تن جي عدل مطابق ورڇ کان پوءِ تہ ڪا قوم محروم رهي نہ ٿي سگهي. شرط فقط اهو آهي تہ ماڻهن جون دليون خود غرضي، تعصب، نفرت يا وري رنگ ۽ نسل تي ٻڌل ننڍ وڏائيءَ کان پاڪ هجن.

خدا جو اهو طريقو نہ آهي تہ هو هر جاندار مخلوق ۽ هر شخص جي وات ۾ پاڻ گرهہ ڪٽي وجهندو رهي. بلڪ هن سڀني جي ضرورتن جو سامان پيدا فرمائي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري زمين، سج، هوا، پاڻي ۽ ٻج وغيره اهي سيئي شيون هن ئي پيدا فرمايون آهن. پر زمين کيڙي منجهس ان پوکڻ يا اٽو ٽاهڻ، اٽي کي ڳوهي ماني پچائڻ، کائڻ يا ٻين کي کارائڻ اهو ڪم انسانن جو آهي ۽ رزق جي انهن وسيلن جي منصفانہ ورڇ ڪرڻ بہ انسان جي ذميواري آهي.

الله ۽ سندس پيدا ڪيل مخلوق جي وچ ۾ ڪيس تعلق کي اسين حضرت عمر ؓ جي هن قول مان چڱي طرح سمجهي سگهون ٿا تہ ”جيڪڏهن فرات دريا جي ڪناري تي ڪو ڪتو بہ بک وگهي مري ويو تہ چئبو تہ آئون پنهنجي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويس يا پوڙهيءَ مائيءَ جي هن قول مان تہ جيڪڏهن حضرت عمر ؓ کي منهنجين حالتن جي خبر نہ آهي تہ پوءِ هو خلافت جي لائق ڪيئن ٿيو“ ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ حضرت عمر ؓ کي خود ذاتي طور هر شخص سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ گهرجي يا کيس گهر ويٺي خوراڪ پهچائڻ گهرجي. بلڪ مطلب اهو آهي تہ اهڙو نظام قائم هجي جنهن ۾ هر ڪنهن جي حاجت يا ضرورت جي پورائيءَ جو انتظام هجي. مطلب تہ ڪنهن تي بہ ظلم نہ ٿئي ۽ خدا جي رزاقيت جو هڪڙو مفهوم اهو آهي تہ هن رزق جا سمورا وسيلا مهيا ڪري ڇڏيا آهن، هاڻي انهن کي ڪتب آڻڻ يا انهن مان فائدو وٺڻ ۽ ٻين کي نفعو پهچائڻ اسان جو ڪم آهي.

## خداشرجوسرچشمونہ آهي

اها ڳالهہ اسان سڀني کي معلوم آهي تہ الله تعاليٰ وٽ ڪو بہ شر نہ آهي هن وٽ تہ خير ئي خير آهي. پر اها هڪ حقيقت آهي تہ اسين روزانو پنهنجي اکين سان ڏسون پيا تہ چوريون ٿين ٿيون، ڌاڙا لڳن ٿا، ظلم ۽ بدمعاشي سڄي دنيا ۾ پکڙي پئي آهي. مطلب تہ چوڌاري شر ئي شر ڦهليل نظر اچي ٿو. تنهن هوندي بہ اهو چوڻ بهرحال غلط ٿيندو تہ انسان کان اهي سمورا برا ڪم الله تعاليٰ پاڻ ڪرائي ٿو. ڇو تہ سندس حڪم بنا پن بہ چري ڪو نہ ٿو سگهي. ڳالهہ فقط ايتري آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي نيڪي ڪرڻ جو حڪم تہ برابر ڏنو آهي پر اسان کي خير جا ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪو نہ ڪيو اٿس. جڏهن اسين پنهنجي آزاد مرضيءَ کي غلط نموني استعمال ڪري نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سستي ڪريون ٿا تہ پوءِ ان جي نتيجي ۾ شر پيدا ٿئي ٿو. نہ تہ هونئن ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ ڀلائي چاهيندڙ خدا، انسان کي شر ۽ برائي ڪرڻ تي مجبور ڪري.

اصل ڳالهہ هن ريت آهي تہ دنيا ۾ اسباب ۽ نتيجن جو جيڪو ڄار پکڙيل آهي، اهو خدا تعاليٰ جي طرفان پکيڙيل آهي. تنهن ڪري دنيا جي سمورن معاملن توڙي ڇرپر يا خير ۽ شر کي الله تعاليٰ پاڻ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. پر جيئن تہ هن اسان کي اهو اختيار ڏنو آهي تہ اسين جيڪڏهن چاهيون ٿا تہ خير ڏانهن وک وڌايون ۽ چاهيون تہ اڳتي نہ وڌون ۽ خير جي ڪمن ڏانهن نہ وڌڻ جي حالت ۾ گويا اسين شر ڏانهن وڌون ٿا. تنهن ڪري دنيا ۾ جيڪو شر نظر اچي ٿو اهو خود انسان جو پنهنجو پيدا ڪيل آهي. تلوار وڍي ٿي. باهہ ساڙي ٿي. پاڻي وهي ٿو. هي سڀ ڳالهيون خير ئي خير آهن. پر جيڪڏهن اهي شيون پنهنجو فرض ادا ڪرڻ کان نابري واري ويهن ۽ اهي ڪم نہ ڪن جيڪي انهن جي فطرت ۾ رکيا ويا آهن تہ پوءِ ظاهر آهي تہ دنيا جو سڄو نظام درهم برهم ٿي ويندو. ساڳي طرح جيڪڏهن ڪو ظالم تلوار سان ڪنهن کي ناحق قتل ڪري ٿو يا ڪو بي رحم ڪنور باهہ



ڏيئي ماڻهن جا گهر ساڙي ٿو يا ڪو پنهنجي غلطيءَ وچان پاڻي ۾ ٻڏي مري ٿو تہ پوءِ بذات خود انهن شين جي اصل خاصيتن يعني وڍڻ، ساڙڻ ۽ ٻوڙڻ جو اهو شر موجود ڪونہ هو بلڪہ انسان پنهنجي غلط استعمال سببان انهن ۾ شر پيدا ڪيو. تنهن ڪري دنيا جو سمورو رونشو فقط عمل جي آزادي جي غلط استعمال سببان پيدا ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ زميني ۽ آسماني آفتن ۽ حادثن جي ڳالهہ الڳ آهي. جن تي انسان کي بظاهر ڪو بہ اختيار نہ هوندو آهي پر گهڻو ڪري انهن جو تعلق بہ قومن جي اجتماعي طرز عمل جي نتيجن سان هوندو آهي.

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ ڪائنات ۾ هر قسم جي چر پر سندس حڪم سان ٿئي ٿي. ان مان مراد الله جو اهو قانون آهي، جيڪو پوري ڪائنات ۽ ساري انساني دنيا تي جاري ۽ ساري آهي. الله تعاليٰ هر جو هڪ نتيجو مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ان انسان کي ارادي ۽ عمل جي آزادي تہ ڏني آهي پر انسان پنهنجي عمل جو نتيجو پنهنجي عمل مطابق نٿو ڪڍي سگهي. عملن جا فقط اهي ئي نتيجا نڪرندا، جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان مقرر آهن، سواءِ ان جي تہ الله تعاليٰ پنهنجو خاص اختيار استعمال ڪري معجزاتي طور تي انهن مقرر ڪيل نتيجن کي ظاهر ٿيڻ کان روڪي ڇڏي، جيئن تہ اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ ائين ڪو اتفاقي ٿيندو آهي. الله تعاليٰ جي قدرت ۽ اختيار جي معنيٰ اها ئي آهي تہ عملن جي نتيجن ڪڍڻ ۾ انسان کي ڪو اختيار نہ آهي جي اهو اختيار ڏنل هجي ها تہ جيڪر دنيا جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها ۽ الله تعاليٰ جي شريعت نہ فقط معطل ٿي وڃي ها بلڪہ بي معنيٰ نظر اچي ها. تنهن ڪري خود عقل چاهي ٿو تہ عملن جا نتيجا انسان جي وس کان ٻاهر هئڻ گهرجن.

انسان پنهنجي اڪيچار تعلقات جي آڌار تي ٻين انسانن سان مختلف قسمن جا لاڳاپا قائم ڪندو آهي. انهن مان هڪ لاڳاپو محبت ۽ نفرت جو پڻ آهي جنهن جو مدار عام طور تي حق ۽ باطل تي نہ هوندو آهي

پر ذاتي پسند ۽ نا پسند يا نفساني خواهشن يا قبائلي تعلقات وغيره تي هوندو آهي. ان سلسلي ۾ هو پنهنجي اڻ ڄاڻائي جي ڪري الله تعاليٰ سان معاملي کي به ائين ئي سمجهي ٿو. حالانڪ انسان ذات سان الله تعاليٰ جو تعلق عدل ۽ انصاف جي بنياد تي قائم آهي، هن جو ڪنهن به قبيلي يا ڪنهن فرد سان ڪو به رشتو ڪونهي. هن جو تعلق طبعي ۽ اخلاقي قانونن تي ٻڌل آهي. دنيا ۾ هو سڀني سان عدل واري هلت هلي ٿو. هن کي ڪنهن به انسان سان پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ نه محبت آهي ۽ نه ئي وري نفرت. هن کي فقط خير ۽ ڀلائي سان محبت آهي ۽ رڳو شر ۽ بديءَ کان نفرت آهي. جنهن انسان ۾ خدا جي قانون سان ٺهڪندڙ خصلتون ۽ نيڪيون جيتري قدر وڌيڪ هونديون، سو سندس نظرن ۾ اوترو ئي وڌيڪ پيارو هوندو آهي ۽ جنهن ۾ جيترو شر ۽ برائي هوندي يا هن ۾ سندس قانون جي بر خلاف عادتون هونديون سو اوترو ئي سندس نظرن ۾ برو ۽ ڪريل هوندو آهي.

اڄ مغربي قومون ترقيءَ جي چوٽيءَ تي پهتل آهن، دراصل اهو ان ڪري آهي جو هنن قدرت جي قانون مطابق پنهنجي زندگين کي ٺاهي بيهاريو آهي. ٻئي پاسي مسلمان پنهنجي زندگي جي هر شعبي ۾ پٺتي پيل آهن. سو به رڳو ان ڪري جو مسلمانن پنهنجي زندگين کي نه ته قدرت جي اخلاقي ۽ معاشرتي قانونن مطابق بنايو آهي ۽ نه وري طبعي قانونن سان هم آهنگ ڪيو اٿن. مغربي قومن سان خدا کي ڪا محبت ڪانهي ۽ نه وري مسلمانن سان ڪا دشمني آهي اهو ته هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو عمل آهي جنهن موجب هر ڪنهن کي ڦل ۽ بدلو ملي رهيو آهي.

الله ۽ بندي جو تعلق فقط ايترو آهي ته جيڪڏهن انسان سندس مرضي ۽ قانون مطابق هلندو ته ڪشادگي، خوشحالي، سڪون، اطمينان ۽ سک سانت سان پيو زندگي گذاريندو، پر جي هو انهن شين جي ابتڙ هلندو ته عيش ۽ آسائش جي نون نون سامانن جي هوندي به خون خرابي، فتني فساد ۽ بي اطميناني کان بچي نه سگهندو. اڄ ساري دنيا تي خوف ۽ هراس جا



جيڪي ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن، اهي سڀ خدا تعاليٰ جي احڪامن جي خلاف ورزيءَ جا ئي نتيجا آهن.

عام طور تي خيال ڪيو وڃي ٿو ته جڏهن الله تعاليٰ هر شيءِ جي لاءِ هڪ ئي قانون مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ نتيجو به ان مطابق ئي ظاهر ٿئي ٿو ته پوءِ الله تعاليٰ پاڻي وينو ڇا پيو ڪري؟ ائين ته هو پاڻ بالڪل معطل ٿيو وڃي ۽ ڪائنات جو سڄو نظام ميڪانڪي قسم جو ٿي پوي ٿو. ان اعتراض کي ختم ڪرڻ لاءِ اسين هڪ ته شروعاتي مضمون ۾ عرض ڪري چڪا آهيون ته الله تعاليٰ هڪ عظيم ۽ وسيع نظام جو مالڪ آهي. هو هن عظيم الشان ڪائنات جو جوڙيندڙ ۽ هلائيندڙ آهي، هو پنهنجي انهيءَ تخليق ۾ لڳاتار اضافو به ڪري رهيو آهي. انسان دنيا ته ان جي ڀيٽ نهايت ئي مختصر ۽ بالڪل معمولي آهي.

ٻيو هي ته ڇا الله تعاليٰ جي ڪم ۾ رڌل هجڻ جو مطلب اهو آهي ته هو هر گهڙي پنهنجن ئي مقرر ڪيل قانونن کي اٿلائيندو پٿلائيندو رهي ۽ جڏهن ۽ جيئن من ۾ اچيس ته وٺي حڪم صادر ڪندو رهي ۽ جيڪڏهن عملن جا نتيجا مقرر ٿيل قانونن کان سواءِ ائين پيا ظاهر ٿين ها ته پوءِ عملن ۾ ڀروسي جو بنياد ئي اچي پٽ پوي ها. جڏهن ته ايمان جي تقاضا اها آهي ته اوهين يقين رکو ته هر ڪم جو نتيجو اهو ئي ظاهر ٿيندو جيڪو الله تعاليٰ پاڻ ئي ٻڌايو آهي ۽ الله تعاليٰ انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ هر وقت نگران ۽ سر گرم آهي ۽ اهو ڪندي نه ته هو ٿڪجي ٿو ۽ نه وري ڪيس ڪا مشڪلات آڏو ٿي اچي، ڇو ته سندس ڪم ته قانون بنائي ڇڏڻ آهي. ان کان پوءِ ڪائنات جو ذرو ذرو سندس حڪم مطابق ڪم ۾ جنبي وڃي ٿو ۽ سبب ۽ علتن جي اصول موجب عملن جون ڪڙيون هڪ ٻئي سان پاڻهي ملنديون ٿيون وڃن. اسان اهو ٿا سمجهون ته جڏهن الله تعاليٰ اٿل پٿل ڪري، عملن جا فيصلا ڪري ٿو تڏهن ته هو ڪنهن ڪم ۾ رڌل ۽ مصروف آهي پر جيڪڏهن هو اڳ ۾ پنهنجي مقرر ڪيل قانون مطابق حڪم ڪري

ٿو تہ گويا اهو ڪو بہ ڪم نہ آهي. ۽ هو معطل آهي. حقيقت هن ريت آهي تہ ڪم تہ ٻنهي حالتن ۾ هڪ جهڙو ٿئي ٿو توڙي جو ڪٿي نتيجو مقرر قانون جي خلاف ئي ظاهر ڪيو وڃي يا ڪنهن مخصوص طريقہ ڪار مطابق .

**ڇا الله تعاليٰ قادر ۽ عادل آهي؟**

هي هڪ اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب معلوم ڪرڻ لاءِ عام طور تي اهو ڏنو وڃي ٿو تہ هن دنيا ۾ مظلوم پيٺا وڃن ٿا جڏهن تہ ظالم اڳرائي اڳرا آهن. مظلومن جي زندگي غمن ۽ ڏکن سان ڀريل آهي. جڏهن تہ ظالم کي دنيا پر جون راحتون ميسر آهن. هڪ طرف محلات ۽ ماڙيون ۽ بنگلا آهن. عيش عشرت جو سامان آهي. ضرورت جي هر ڪا شيءِ گهڻي مقدار ۾ موجود آهي. ٻي طرف حالت اها آهي تہ سر ڍڪڻ لاءِ اجهو بہ ميسر ڪونهي. سردي کان بچڻ لاءِ ڪپڙا بہ ڪونهن. باهہ ٻارڻ جو سامان ڪونهي ۽ جيڪڏهن اهي شيون آهن بہ سهي تہ ٿوريون ۽ اڻ پوريون. وڏا وڏا ڏوهاري پوليس ۽ ڪورٽ کي رشوت ڏيئي يا ڇٽو ڇوٽ ڪرائي جان ڇڏرايو وڃن ٿا جڏهن تہ مظلوم ويچارو بي ڏوهي هئڻ جي باوجود سزا ڀوڳيندو رهي ٿو. هاڻي سوال آهي تہ جيڪڏهن خدا جو قانون مڪافات برحق آهي ۽ الله تعاليٰ قادر ۽ عادل بہ آهي تہ پوءِ آخر دنيا ۾ ايڏو انڌير ۽ ظلم ڇو آهي؟ انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهرين جيڪا ڳالهہ ذهن مان اوجهل ٿيو وڃي ٿي، سا هيءَ آهي تہ هن ظالمانہ ماحول ۾ ٿورو ڪي گهڻو مظلوم جو پنهنجو هٿ بہ آهي. هن وٽ جيڪا سچائي آهي، اها خالص نہ آهي پر ان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪوڙ جي ملاوٽ موجود آهي اهو ئي سبب آهي جو ظالم غالب پئجيو وڃن ٿا ۽ مظلوم پيسجيو وڃن ٿا. جيڪڏهن سمورا مظلوم گڏجي مضبوطيءَ سان سچائيءَ جي واٽ تي وک وڌائين ۽ ظالمن جي اڳيان ديوار بڻجن تہ جيڪر ظالمانہ نظام پاڻ مرادو ختم ٿي وڃي. الله جو نظام عدل ڪيئن ڪم ڪري ٿو اهو تفصيل اسين هيٺ بيان ڪريون ٿا.



**الله جي سنت**

الله تعاليٰ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ قانون ۽ قاعدا مقرر ڪري ڇڏيا آهن. جيڪي اهڙا تہ مستقل ۽ اٽل آهن جو نہ صرف انهن ۾ ڪو ڦير ڦار نہ ٿو ڪري سگهي، بلڪ الله تعاليٰ قادر مطلق هئڻ جي باوجود پاڻ بہ پنهنجي اصول پسنديءَ جي ڪري انهن ۾ گهٽ وڌ ڪري تبديليون نہ ٿو آڻي.

اڄ ڏينهن تائين جيڪي بہ علم معلوم ٿيا آهن، سي ٻڌائين ٿا تہ هيءَ ڪائنات اڻ ٽر قانونن جو هڪڙو سلسلو آهي ۽ انهن ۾ جڪڙيل آهي، ڪائنات جي نظام بابت اهو ويساهہ ايترو تہ ڪامياب ٿيو آهي جو اڄ ڏينهن تائين انهيءَ حقيقت جي برخلاف ڪا بہ ڳالهہ دريافت نہ ٿي سگهي آهي. بلڪ سموريون علمي حقيقتون انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪنديون اچن ٿيون. هينئر هر محقق، فلاسفر، سائنسدان ۽ مفڪر پنهنجي علم جو بنياد انهيءَ يقين تي رکي ٿو تہ ڪائنات ۾ عمل ۽ رد عمل جو جيڪو سلسلو ۽ قانون هلي رهيو آهي اهو اڻ ٽر ۽ اٽل قانونن جي تحت هلي رهيو آهي. اگر ڪنهن محقق کي اهو معلوم ٿي وڃي تہ هن مستقل قانونن بابت اڄ جيڪا علمي حقيقت دريافت ڪئي آهي، اها رڳو وقتي ۽ عارضي آهي ۽ ان کان علاوه ٻيون بہ ڪي متوازي حقيقتون ڪائنات ۾ ڪار فرما آهن ۽ آئنده بہ ڪار فرما ٿي سگهن ٿيون، يا قانون مڪافات جو هر عمل بدلجي سگهي ٿو تہ اهڙي صورت ۾ اهو شخص اول تہ تلاش ۽ تحقيق جو ڪو بہ ڪم نہ ڪري سگهندو. پر جيڪڏهن مجبور ٿي ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ڪندو بہ سهي تہ ان کي نہ رڳو بيڪار سمجهي ڇڏي ڏيندو پر اهو ڪم صحيح نتيجن تائين پڻ نہ پهچي سگهندو. سنت جي اصل معني آهي، ڪنهن شيءِ جو جاري رهڻ، مسلسل ٿيندو رهڻ. ان مان ئي عادت، روش ۽ قانون جي معنيٰ نڪتل آهي. خدا تعاليٰ جتي ڪائنات جا اٽل قانون مقرر ڪري ڇڏيا آهن، اتي انسانن جي تمدني زندگيءَ لاءِ پڻ هن ائين ئي ڪيو آهي. قانون انهيءَ روش کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪا بہ ڦير ڦار نہ ٿئي. قرآن ڪريم جنهن خدا

جو تصور ڏنو آهي، اهو قانون وارو خدا آهي. ۽ خدا جي انهيءَ قانون ۽ اصول جو ئي نتيجو آهي تہ ڪائنات جو نظام اهڙي حسن ۽ خوبصورتي سان هلي رهيو آهي. جيئن تہ هيءَ دنيا اسبابن جي دنيا آهي، تنهن ڪري هتي هر عمل پنهنجو صحيح نتيجو ظاهر ڪندو رهي ٿو اگر عدل جي معنيٰ اها آهي تہ جيڪا شيءِ قانون مطابق هجي اها عدل آهي تہ ان لحاظ سان خدا بہ عادل آهي ۽ قادر پڻ. اهو ڪنهن تي بہ ظلم نہ ٿو ڪري.

**انساني آزادي**

مٿين اڻ ٽر قانونن ۾ هڪڙو قانون هي بہ آهي تہ الله تعاليٰ انسانن کي آزادي ڏني آهي. اهو نہ تہ انسان جي آزادي ۾ ڪا رڪاوٽ وجهي ٿو ۽ نہ وري سندس ڪمن ۾ ڪو دخل ڏئي ٿو. بلڪ هن انسانن کي صحيح رستو ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ ان کان پوءِ کين آزاد ڇڏي ڏنو آهي تہ جيڪا وٽين سا واٽ اختيار ڪن. هن اهو پڻ سمجهائي ڇڏيو آهي تہ جي سنکيو کائيندئو تہ هلاڪ ٿي ويندئو. ماکي شفا ڏيندڙ ۽ حيات آفرين آهي. هاڻي جنهن کي وڻي تہ سنکيو کائي، پنهنجو انت پاڻ آڻي يا وري ماکيءَ مان زندگي ۽ شفا حاصل ڪري. جن ماڻهن جي ذهنن ۾ خدا جي قادر ۽ عادل هئڻ جو اهو تصور آهي تہ جيئن ئي ڪو شخص ڪوڙ ڳالهائي تہ سندس اتي جو اتي زبان ٻيهجي وڃي يا جيئن ئي ڪو شخص ڪنهن ڏانهن بري نظر سان ڏسڻ لڳي تہ اتي جو اتي انڌو ٿي وڃي يا جيئن ئي ڪو ظالم شخص ڪنهن ڪمزور تي، هٿ کڻي تہ سندس ٻانهن اتي جو اتي سڪي وڃي. جي خدا ائين ڪري تہ پوءِ تہ اهو قادر ۽ عادل آهي ورنہ اهو عادل نہ آهي.

حقيقت ۾ اها شيءِ انسان جي آزادي واري قانون جي سراسر ابتڙ آهي، ڇاڪاڻ تہ نيڪي اها ئي آهي جيڪا انسان پاڻ مرادو شعوري طور تي ڪري، اسين ڪنهن ٻڪري کي ان ڪري نيڪ نہ ٿا چئي سگهون جو هن نہ تہ ڪنهن مظلوم جو رت چوسيو آهي ۽ نہ وري ڪنهن جي چوري ڪئي آهي، ٻڪري اختيار ۽ آزاديءَ کان بالڪل محروم آهي، اها ويچاري بالڪل

مجبور آهي. مجبور جي نہ تہ ڪا نيڪي آهي ۽ نہ ڪا برائي. جيئن تہ خدا تعاليٰ انسان کي (سندس جبلي تقاضائن کان سواءِ) باقي شين ۾ آزادي ڏني آهي تنهن ڪري اهو انسان کان سندس آزادي کسي نہ ٿو وٺي جڏهن تہ گهڻ سمجهہ رکندڙ ماڻهو جو خيال آهي تہ خدا تعاليٰ انسان کي پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ تي مجبور ڪري ٿو. پر اهو پنهنجي ٺاهيل اصولن جي پيچڪڙي نہ ٿو ڪري تنهن ڪري سندس اهو بہ هڪڙو اصول آهي تہ هو فردن جي ڪمن ۾ پنهنجي طرفان ڪا بہ مداخلت نہ ڪندو آهي جيڪڏهن الله تعاليٰ گهري ها تہ هو انسانن کي اهڙي فطرت تي پيدا ڪري ها جو هو هڪڙي خاص طريقي تي هلڻ تي مجبور ٿين ها. پر ان جي برعڪس الله تعاليٰ انسان کي اهڙي طرح پيدا ڪيو آهي جو جيڪو چاهي پنهنجي آزاديءَ سان صحيح واٽ اختيار ڪري ۽ جيڪو چاهي غلط واٽ اختيار ڪري.

جيڪڏهن ائين هجي ها تہ جيڪو شخص غلط واٽ تي وک وڌائڻ جو ارادو ڪري ها تہ سندس وک اڳتي نہ وڌي سگهي ها يا سندس ڄنگهون ڏرتيءَ ۾ پيهي وڃن تہ ظاهر آهي تہ اهڙي صورت ۾ انسان جي آزاد هئڻ جو تہ مقصد ئي فوت ٿي وڃي ٿو پوءِ تہ هو پنهنجي آزاد مرضيءَ سان نہ پر مجبور ٿي صحيح روش اختيار ڪندو. انهيءَ موضوع تي قرآن حڪيم ۾ ڪيترين ئي آيتون موجود آهن. تاريخ ۽ دنيا جا مشاهدات پڻ شاهدي ڏين ٿا تہ انسان عملن جي چونڊ ۾ تہ آزاد آهي پر عملن جي نتيجن کي روڪڻ ۾ قادر نہ آهي.

## مهلت جو قانون

هي اهو هنڌ آهي جتان ماڻهن کي غلط فهمي ٿيڻ لڳي ۽ هو سمجهڻ



لڳن ٿا تہ ”خدا جو عدل“ جي نالي سان ڪا بہ شيءِ وجود نہ ٿي رکي ۽ نہ وري ڪو ”قانونِ مڪافات“ ڪم ڪري رهيو آهي.

اصل ۾ هر عمل ۽ انهيءَ جي محسوس جي نتيجي جي ظاهر ٿيڻ ۾ وقت لڳي ٿو جيئن انب جي ڪوڪڙي ۽ وڻ تيار ٿيڻ ۽ ان ۾ ميوي تيار ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي جيئن پاڻي ديڳڙيءَ ۾ وجهي باهہ تي رکيو وڃي تہ آخرڪار اهو ٽهڪجي وڃي ٿو پر اهو سگهو ئي ابري نہ ٿو ان ۾ ڪجهہ وقت لڳي ٿو ان کي خدا جو تدريجي (درجي بدرجي وارو) قانون چيو وڃي ٿو مهلت جو اهو وقفو بہ خدا جي قانون مطابق مقرر ٿيل آهي خدا جي اڪثر فيصلن جا نتيجا اجتماعي ۽ قومي سطح تي ظاهر ٿيندا آهن, اسين انفرادي طور تي تڪڙن نتيجن جا خواهش مند هوندا آهيون انهيءَ ڪري اسان کي غلط فهمي ٿيڻ لڳندي آهي, ظالم قومن کي پنهنجي عملن جي سزا ضرور ملندي آهي پر انهن جي مهلت جو وقفو ڊگهو هوندو آهي اهو ڊگهو وقت گهٽ بہ ٿي سگهي ٿو پر اهو تڏهن جڏهن سماج ۾ ڪا اهڙي جماعت پيدا ٿئي وڃي جيڪا خدا جي قانون کي قائم ڪرڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي وڃي تہ انهن جي هٿان ڪجهہ ڏينهن جي اندر ظالمانہ نظام جي پاڙ پٽجي سگهجي ٿي.

الله تعاليٰ هن دنيا ۾ پنهنجا ڪم مومنن جي هٿان ڪرائيندو آهي. خير ۽ شر جي هن ڪشمڪش ۾ الله تعاليٰ جو طريقو اهو نہ آهي تہ ڪنهن شخص کي جيڪو سڌي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو هجي تہ الله تعاليٰ ڪيس گمراهيءَ جي واٽ تي هلائي ڇڏي يا جيڪڏهن ڪو شخص غلط روش اختيار ڪري تہ خدا ان کي زبردستي سڌي رستي تي آڻي بيهاري, الله تعاليٰ جو اهو طريقو هر گز نہ آهي. پر ان جي قانون ۾ سيني لاءِ مهلت جو وقت رکيل آهي نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هر ڪم پنهنجي خراب يا ڀلي خاصيت سببان خدا جي قانون عدل ۽ انصاف جو مظهر بنجي ويندو آهي

اها ڳالهہ اسين ڪجهہ منطقي ۽ فلسفيانہ نموني سان هڪ ٻئي طريقي سان بيان ڪريون ٿا, ڪائنات جي قانون جا ڪي اهم نڪتا بہ آهن جن

کي اسين هر وقت ڪار فرما ڏسون ٿا. پاڻي هيٺاهين رخ ڏانهن وهندو آهي. باهه حرارت جو ڪم ڏيندي آهي. ڌرتيءَ جي ڇڪ سڀني شين هيٺ ڪرنديون آهن. هوا سڀان هلڪيون شيون مٿي وينديون آهن وغيره. پر انهيءَ قانون جو هڪ ٻيو حصو به آهي جيڪو انهن اصولن کان وڌيڪ نازڪ ۽ ڏکيو آهي. انهيءَ جا نتيجا سگهو ئي سامهون نه ٿا اچن. نظريه ارتقاءُ (THE ORY OF EVOLUTION) جي ماهرن کان پڇيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته ڪنهن هڪ نوع ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪيئن نه قدرت کي هزارها سالن جو وقت گهرجي ٿو. ارتقائي مرحلا ايتري سست رفتار سان طي ٿين ٿا جو گهڙيال جي ڪلاڪن واري سئيءَ وانگر ان جي رفتار محسوس ئي نه ٿي سگهي. هي اها رفتار آهي جنهن جي پيمانن جي باري ۾ قرآن ۾ آهي ته خدا جو هڪڙو هڪڙو ڏينهن توهان جي حساب موجب هزار، هزار ۽ پنجاهه پنجاهه هزارن سالن جيترو هوندو آهي ان ڪري ارتقائي تبديلين کي نه ته اک ڏسي سگهي ٿي نه وري ڪنهن هڪ هڪڙي شخص جو دماغ ان کي محسوس ڪري سگهي ٿو. هڪ فرد ته ڇا ڏهن ويهن ويهن نسلن تائين اهي تبديليون محسوس شڪل ۾ سامهون نه ٿيون اچن. تبديلي جي انهيءَ قانون کي درجي بدرجي مهلت وارو قانون چيو وڃي ٿو يعني ڪنهن تبديلي جي پهرين حالت کان آخري حالت تائين وچون وقفو. تبديلي ته اصل ۾ پهرين نقطي کان ئي شروع ٿي وڃي ٿي، پر اسين ان کي انهيءَ وقت محسوس ڪريون ٿا جڏهن اها پنهنجي اصل شڪل ۾ ظاهري طور اسان جي سامهون اچي ٿي.

جيئن مٿي دنيا (PHYSICAL UNIVERSE) ۾ اهو قانون جاري ۽ ساري آهي، تيئن انسانن سان به اهو ئي قانون لاڳو آهي. عمل ۽ انهيءَ جي نتيجي جي وچ ۾ انتظار جو وقفو ضروري آهي ۽ جيئن مادي دنيا ۾ انتظار جي انهيءَ وقفي جا ڪاٿا نهايت وسيع آهن تيئن انساني دنيا ۾ به عملن جي نتيجن ظاهر ٿيڻ جا اهي وقفا به نهايت ڊگها هوندا آهن پر ان سان گڏوگڏ



هڪڙي ٻي حقيقت به آهي. مٿي دنيا ۾ هر شيءِ قانون جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندي آهي. ان ڪري انهيءَ مقرر ٿيل مدت ۾ گهٽ وڌائي نه ٿي سگهي. يا ڪٽي هيئن چئو ته اها قانون جي نتيجه خيزي جي رفتار ۾ ڪو ڦيرو نه ٿي آڻي سگهي. پر انسانن جي دنيا ۾ انهيءَ ڳالهه جو به امڪان موجود آهي ته نتيجي ظاهر ٿيڻ جو وقفو گهٽ وڌ ٿي سگهي ٿو.

قانون نالو آهي ڪنهن خاص واقعي تي، خدا جي هڪ خاص صفت جي ظاهر ٿيڻ جو. خود انسانن جي اندر به ننڍي پيماني تي اهي صفتون موجود آهن. ۽ جيڪڏهن انهن جي ترتيب ۽ پرورش ٿي وڃي ته اهي به خدائي صفات وانگر ظاهر ٿيڻ لڳن ٿيون ۽ انهن مان ساڳيا ئي نتيجا نڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن انسانن جو اهڙو معاشرو قائم ٿي وڃي، جنهن ۾ فردن جون اهي صفتون ترتيب حاصل ڪري خدائي صفتن وانگر خاص موقعن تي ظاهر ٿيڻ لڳن ته جيڪر خدائي قانون جي اثر انگيزي ۽ نتيجي خيزيءَ جي رفتار ڪيترائي دفعا وڌي وڃي. يعني جڏهن انسان جون صحيح قوتون خدائي قانون سان ٺهڪي اچن ته قانون پنهنجي نتيجه خيزي ۾ بيحد تيز رفتار ٿي وڃي ٿو.

پر غلط نظام جي ڪري سيني کي انصاف نه ٿو ملي ته انهيءَ ۾ قصور الله تعاليٰ جو نه آهي. اهو سڀ انساني نظام جو پنهنجو ڏوهه آهي. هن دنيا ۾ ظلم ۽ نيڪي جي لڙائيءَ ۾ الله تعاليٰ دخل نه ڏيندو آهي. ڏاڍ ڏاڍ جي قوتن خلاف عمل ڪري، انسان پاڻ ئي خدائي قانون مطابق غالب ايندو آهي، ائين ناهي ٿيندو ته الله تعاليٰ ظالمن کي پاڻ ئي مغلوب ڪري ڇڏي.

هاڻي ڏسو ته ظلم ڪيئن شروع ٿئي ٿو ۽ انساني معاشري ۾ الله تعاليٰ جو قانون مڪافات ڪيئن ڪم ڪري ٿو. جي معاشري جو نظام صحيح طرز تي جوڙيل هجي ته ان ۾ ڪو به شخص ٻئي شخص تي ظلم نه ٿو ڪري سگهي. اگر ڪٿي انفرادي طور تي ڪو شخص ڪنهن تي زيادتي ڪري

ويهي ٿو تہ معاشري جو نظام يڪدم انهيءَ جي تدارڪ ۾ لڳي وڃي ٿو. ظلم اهڙي سماج ۾ ٿيندو آهي جنهن جي جوڙجڪ غلط بنيادن تي ٿيل هجي. اصل سوال ڪنهن هڪڙي ظالم يا ان کان حساب ڪتاب وٺڻ جو نہ آهي، بلڪ مسئلو غلط بنيادن تي قائم سڄي سماج جي سڌاري ۽ اصلاح جو آهي. جنهن ۾ ظلم ۽ ستم عام جام آهي.

عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ جيڪو نظام مادي ۽ وسيلا ۽ قوتون رکندڙ هجي توڙي جو اهو ظالمانہ نظام ڇو نہ هجي، تہ اهڙي نظام کي هرگز هٽائي نٿو سگهجي. پر حقيقت ۾ اهو تصور خدا تعاليٰ جي فرمان جي سراسر خلاف آهي. خدا جو قانون اهو آهي تہ ظلم تي ٻڌل معاشرو توڙي جو اهو بظاهر ڪيڏو بہ مضبوط ڇو نہ هجي، آخرڪار اهو ڊهيو وڃي ٿو. هي آهي اهو مقام جتان عدل وڏيڪ نروار ٿي سامهون اچي ٿو. قرآن حڪيم پنهنجي انهيءَ دعويٰ جي تائيد ۾ دنيا جي ڪيترن قومن جا واقعا پيش ڪيا آهن.

**انفرادي نيڪيون**

خالي گفتگو جي حد تائين سيني سان سهڻي نموني سان پيش اچڻ يا اخلاص سان نيڪ ڪم ڪرڻ، الله تعاليٰ کان ڊڄندو رهڻ، برائين کان بچڻ، عاجزي ۽ نماڻائي سان الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ، ٻين کي ڀلائي ۽ نيڪي جي تلقين ڪرڻ اهي سڀئي عمل انفرادي نوعيت جا آهن اهڙن شخصي نيڪ عملن جي ذريعي سماج کي تبديل ڪرڻ مشڪل آهي. قرآن جي ٻڌايل مڪافات عمل جي ترازو ۾ اهي نيڪيون مڪمل نتيجو پيدا ڪري تبديلي آڻي نٿيون سگهن.

قرآن حڪيم اجتماعي زندگي تي گهڻو زور ڏئي ٿو. جيڪڏهن ڪو شخص ظلم تي ٻڌل نظام جي اندر خاموشي سان زندگي گذاري ٿو ۽ نہ فقط ظلم سهندو رهي ٿو ۽ ان ظلم جي خلاف آواز بلند نٿو ڪري تہ اهڙو شخص ظالمانہ نظام جي تقويت جو موجب بڻجي وڃي ٿو. ڪوڙ نہ ڳالهائڻ، چوري نہ



ڪرڻ، غريبن کي ڪاڌو ڪارائڻ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون اڪيچار انفرادي نيڪيون پنهنجي جاءِ تي ڪيڏيون اهم ڇو نہ هجن پر انهن جي ذريعي غلط نظام کي تبديل نٿو ڪري سگهجي.

هيءَ دنيا مڪافات عمل تي ٻڌل آهي، هتي عمل (ACTION) جو هڪڙو رد عمل (REACTIO) ظاهر ٿئي ٿو. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان دهريا بہ انڪار نٿا ڪري سگهن ۽ مڪافات (جزا سزا جو) عمل جو اهو سلسلو انهيءَ قانون واري خدا جو ئي تخليق ڪيل آهي، جنهن انسانن جي رهنمائي لاءِ ڪين ضابطہ حيات ڏنو آهي تہ جيئن انسان ذات انهيءَ نعمت کان فيضياب ٿي دنيا ۾ ئي جنت واري زندگي بسر ڪري سگهي. سماج جي اجتماعي اوسر ۽ سڌاري لاءِ رڳو ذاتي نيڪي سان گڏ اجتماعي نيڪي جي بہ ضرورت آهي. اگر سماج جو نظام صحيح جوڙجڪ تي ٻيٺل آهي تہ ان جي اندر انفرادي نيڪيون بہ انسانيت جي لاءِ بهتر ۽ مفيد ٿي سگهن ٿيون. جيستائين اجتماعي طور معاشرتي اصلاح جو ڪم نہ ٿيندو، تيستائين انسانيت جي حالت ويتر خراب کان خراب تر ٿيندي ويندي.

جيڪڏهن اسين واقعي انفرادي نيڪيون ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي اها ڳالهہ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ انهن نيڪين مان نتيجا تڏهن ئي نڪري سگهن ٿا، جڏهن ملڪي نظام ۽ ان جو جوڙجڪ صحيح هجي درياءُن ۽ ندين جو پاڻي مٺو ۽ زندگي بخش هوندو آهي، پر جڏهن اهو ساڳيو پاڻي کاري پاڻي يا سمنڊ جي پاڻي ۾ ملي وڃي ٿو تہ اهو پنهنجيون سموريون خاصيتون جيڪي ڌرتي ۽ انسانن لاءِ مفيد آهن، سي ضايع ڪري ڇڏي ٿو. پاڻي يقينن ٻوٽن لاءِ زندگي جو پيغام آهي، پر گرم پاڻي تہ ٻوٽن کي ماڳهين ساڙي ڇڏيندو آهي.

**توحيد**

انساني زندگي جو سڀ کان اهم ۽ بنيادي مسئلو الله تعاليٰ تي ايمان

آڻڻ آهي. حقيقت ۾ انساني خيالن ۽ عمل جو سارو دارو مدار انهي تي ئي آهي. اهو بنياد صحيح هوندو آهي تہ عملن مان بہ بهتر ۽ سٺا نتيجا نڪرندا. پر جي اها پيڙهہ ئي غلط هوندي تہ معاشري ۾ بہ هر هنڌ شرارت، فساد ۽ پيچ ڊاهہ ئي ڏسڻ ۾ ايندي. الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جو تصور ئي اسلامي فڪر ۽ فلسفي جو بنياد آهي. ان کي توحيد چئبو آهي. پر توحيد هڪ اهڙي شيءِ آهي. جنهن جي اصليت تائين تمام گهٽ ماڻهو پهچن ٿا. حقيقت هن ريت آهي تہ توحيد جي صحيح مفهوم ۽ معنيٰ کي نہ سمجهڻ جي ڪري ئي انساني زندگي ۾ اڪيچار خرابيون ۽ غلطيون پيدا ٿين ٿيون. نہ رڳو ايترو پر ان جي ڪري زندگي گذارڻ جون واٽون ئي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيو وڃن.

الله تعاليٰ جي ذات هڪ عالمگير حقيقت آهي ۽ ان جو انڪار ڪرڻ بجاءِ خود هڪ غلط ڳالهہ آهي. جنهن جو تفصيل تہ بهرحال اسين اڳتي هلي پيش ڪنداسين پر في الحال سوال هي آهي تہ آخر الله تعاليٰ کي مڃڻ مان خير نہ مڃڻ مان شر ڇو ٿو پيدا ٿئي؟

ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين هڪ نڪتو سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون. اهو هي آهي تہ ڪنهن بہ سماج ۾ هلندڙ قاعدن ۽ قانونن جي پابندي يا هڪ ٻئي جي حقن جي حفاظت يا ظلم ۽ زيادتي کان بچاءَ لاءِ ڪيترائي ڪارڻ هوندا آهن. پهريون ڪارڻ يا محرڪ معاشري جو رواج هوندو آهي. هڪ ماڻهو کي سوسائٽي کان حجاب ۽ حيا ٿيندو آهي يعني هن کي عام ماڻهن جي طرفان لعنت ۽ ڦٽڪار جو ڊپ هوندو آهي. جنهن جي ڪري هو ڪيترن ئي برائين کان بچي ويندو آهي. ٻيو ڪارڻ يا محرڪ حڪومت يا ملڪ جو قانون هوندو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن شخص کي خاطري ٿي وڃي تہ هو حڪومت ۽ پوليس جي پڪڙ کان بچي سگهي ٿو يا هو ايتري طاقت رکي ٿو. جو پنهنجو پاڻ کي ڪنهن بہ ڪارروائي کان بچائي سگهي ٿو تہ پوءِ عام طور تي هو غلط ڪمن کان نہ بچندو. اهو ئي سبب آهي جو افراد



۽ جماعتن ۾ توڙي قومن ۽ ملڪن ۾ ظلم اڄ تائين هلندو پيو اچي. هاڻي انهي وچ ۾ جيڪڏهن خدا جو تصور پيدا ڪيو وڃي. جيڪو عام طور تي عام ماڻهن جي آڏو نہ هوندو آهي تہ پوءِ انسان الله جي ذات بابت اهو مڃڻ لڳندو آهي تہ اهو موجود آهي ۽ سندس قانون اسان جي هر عمل کي محفوظ ڪري رهيو آهي ۽ ان جو نتيجو بهرحال اسان کي ڀوڳڻو پوندو. اهو تصور هڪ اهڙي شيءِ آهي. جيڪا انسان کي بدڪاري کان بچائڻ لاءِ هڪ وڏي ۽ يقيني روڪ بڻجي وڃي ٿي. ڇو تہ ڪيس پڪو يقين هوندو آهي تہ هو پاڻ جهڙن ماڻهن کان تہ پنهنجا گناهہ لڪائي سگهي ٿو ۽ انهن جو تہ مقابلو بہ ڪري سگهي ٿو. پر الله کان پنهنجا عمل ڪيئن لڪائي سگهجن ٿا؟ الله تہ اندر جو حال بہ ڄاڻي ٿو سندس پڪڙ کان بچڻ محال آهي. اهو يقين انسان کي بري ڪم کان پاڻ مرادو روڪي ڇڏي ٿو.

الله تعاليٰ کي مڃڻ کان پوءِ ٻيو سوال آهي وحدانيت جو يعني الله تعاليٰ کي واحد (هڪ يا اڪيلو) ڇو مڃجي؟ ۽ ائين نہ مڃڻ سان ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو؟ اها ڳالهہ سڀ ڪو ڄاڻي ٿو تہ هن ڌرتي تي گرم ۽ ٿڌا علائقا آهن. زمين جي اتر يا ڏکڻ وارن خطن يا اوپر ۽ اولهہ جي مختلف ماحول جي ڪري انسانن ۾ پهريون فرق تہ رنگ ۽ سندن قد بت جو ٿئي ٿو ۽ ٻيو فرق سندن رهڻي ڪهڻي، رسمن، رواجن ۽ ثقافت جو پيدا ٿئي ٿو اهي ٻئي اهڙا فرقا آهن جن جي ڪري دنيا ۾ قومن ۽ ملڪن لاءِ حدون قائم ڪيون ويون آهن ۽ ماڻهو ننڍن ٽڪرن ۾ ورهايل آهن. هر فرد، هر جماعت ۽ هر قوم جو مفاد ڌار ڌار هوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ انتشار، ظلم، فساد، ڦرلٽ، قتل، جنگ، خوف ۽ تباهي پيدا ٿيندي آهي انهن سڀني ويڇا وجهندڙ ڳالهين ۾ جيڪڏهن ايڪتا جو ڪو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو تہ فقط توحيد جو ئي عقيدو ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ هر فرد کي يقين هوندو آهي تہ خالق هڪ آهي تہ مخلوق بہ هڪ آهي. ڪائنات ۾ سڀ شيون هڪ ئي حاڪم جي قانون جي پيروي ڪندي سٺا نتيجا ظاهر ڪري رهيون آهن تہ انساني دنيا ۾ بہ اهو ئي

قانون، اتحاد ۽ اعتماد، خوشحالي ۽ امن جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. خدا جي وحدت کي نہ مڃڻ سان حقيقت تہ بهرحال ڪانہ ٿي مٽجي حق هر جاءِ تي حق ئي هوندو آهي پر ان کي مڃڻ سان انسان جي سمورن مسئلن جو حل ضرور هٿ اچي ٿو.

توحيد جي عقيدي مان اسان جي اجتماعي زندگي ۾ اڪيچار وحدتون جنم وٺن ٿيون جن جو اثر پڻ اسان جي اجتماعي زندگي تي پوي ٿو اهي وحدتون حقيقت ۾ هڪ ئي مرڪزي نڪتي يعني توحيد جو نتيجو هونديون آهن، انهن جي علحيده علحيده تشريح آئنده صفحن ۾ بيان ڪريون ٿا.

**وحدت معبود:**

انسان جي فطرت ۽ سماجي معاشرتي ۽ تمدني زندگي گذارڻ جي صفت رکيل آهي يعني هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ هڪ ٻئي جي مرضي جو خيال ڪرڻ، حقن ۽ فرضن جي پابندي ڪرڻ وغيره انهي وصف جي شروعات خانداني زندگي سان ٿئي ٿي ان کان پوءِ اسان جو سماج اچي ٿو سماج کان پوءِ قانون ۽ ضابطو قائم رکڻ لاءِ حڪومت جو دائرو اچي ٿو مٿين شين لاءِ انسان ۾ پيدائشي طور تي ڪي موافق ۽ ڪي مخالف خاصيتون رکيون ويون آهن يعني انسان ۾ متضاد قسم جا مزاج رکيل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انسان ۾ هڪ پاسي تہ بهادري، طاقت، ڪاوڙ ۽ بدلو وٺڻ جون خاصيتون آهن تہ جيئن هو ظالمن ۽ غاصبن جي برخلاف همت کان ڪم وٺي کين غلط ڪمن کان روڪي سگهي. ماءُ پيءُ ۾ سختي آهي تہ تہ جيئن هو ٻار جي تربيت ڪري سگهن، اهڙي طرح ڊاڪٽر مريض جو آپريشن ڪري سگهن. ساڳي طرح انسان انهي وصف کان ڪم وٺي جبلن کي ڏاري ٿو ۽ زمينن کي چيري ٿو سمنڊن ۽ آسمانن کي زير ڪري ٿو انهن ڪمن لاءِ انسان کي همت ۽ حوصلي جون خوبيون ڏنيون ويون آهن. ٻئي پاسي انسان ۾ نرمي ۽ نوڙت، عجز ۽ انڪساري، تعاون ۽ همدردي، شفقت ۽ محبت جو



جذبو پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن مظلومن، غريبن، مسڪينن ۽ معذورن جي مدد ڪري سگهجي، ماءُ پيءُ ۽ استاد ٻار سان محبت، خدمت ۽ ايثار سان پيش اچن، صبر ۽ برداشت کان ڪم وٺي سگهن، ٻار پاڻ کان وڏن جو ادب ڪن، رعيتي ماڻهو پنهنجي حڪومت جو احترام ڪن ۽ هڪ ٻئي سان ڪشاده دلي ۽ درگذر سان پيش اچن، پر انهن ٻنهي ابتڙ صفتن ۽ مزاجن ۾ اعتدال قائم رکيو وڃي مطلب تہ جتي جنهن خاصيت جي ضرورت هجي، اتي اها استعمال ڪجي ائين ڪرڻ سان معاشري ۾ حسن ۽ بهتري، امن ۽ سلامتي قائم ٿيندي آهي.

تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ انسان ان معاملي ۾ اڪثر ڪري اعتدال ۽ وچٽري واٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي. جڏهن بہ هن شجاعت ۽ طاقت جي صفت استعمال ڪرڻ شروع ڪئي تہ وڃي مرن واري وحشت ۽ بربريت کي پهتو ۽ ڦر مار ۽ قتل غارتگري جي اهڙي تہ ڪار ڪيائين جو ڳوٺ واهڻ ۽ بستيون سپ ويران ڪري ڇڏيائين ۽ هر طرف پنهنجي ڏاڍ ۽ خدائي جو ڏاڪو جمائي ڇڏيائين ٻئي پاسي وري نرمي ۽ انڪساري تي آيو تہ غلامي جو ڳٽ پنهنجن هٿن سان پنهنجي ڪنڌ ۾ وجهي ڇڏيائين، عاجزي ۽ بندگي تي آيو تہ جبلن، آسمانن ۽ انسانن، تان جو وڻن ٽڻن کي پنهنجو معبود بنائي ڇڏيائين ۽ لڳو انهن جي آڏو سجدا ڪرڻ ۽ کين پوڄڻ پنهنجي عزت، انا، آبرو سڀني کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيائين.

دراصل انسان جي طبيعت ۾ اها انڪساري، عاجزي ۽ نوڙت وارو جذبو ٻين انسانن جي خدمت ۽ محبت خاطر کيس عطا ڪيو ويو هو. جيئن تہ انسان پنهنجي اصلي صفت کي صحيح طور استعمال ڪري نہ سگهيو. تنهن ڪري اها فطري خاصيت سندس ڪمزوري جو سبب بڻجي وئي ۽ انساني نسل ابتدا کان وٺي اڄ تائين ڪنهن نہ ڪنهن کي پنهنجو مطلوب ۽ محبوب جو درجو ڏيئي سندس اڳيان سر پٽي نوايو آهي، انسان پنهنجي ضرورتن لاءِ ان کان مدد پني آهي. پنهنجين غلطين لاءِ توبہ ڪرڻ ۽ معافي

گھرڻ لاءِ پاڻئو کو ذهني ذريعو قائم پئي ڪيو آهي.

جهالت جي دور ۾ انسان سج، چنڊ، تارن، باهه، جانورن يا ڪن ٻين شين کي اتم تصور ڪري انهن کي پوڄيندو هو. ان کان پوءِ هن بتن ۾ انسانن کي خدا جو نمائندو تصور ڪيو پر اڄ سائنس انسان کي اهڙن سمورن وهمن ۽ وسوسن جي اونداهه مان ٻاهر ڪڍي روشني ۾ آندو آهي تنهن هوندي به اڄ عام طور تي ڏسبو ته گرجا گهرن ۾ حضرت عيسيٰ جون شبيهون مندر ۾ بت ۽ مسلمانن ۾ هڪ يا وڌيڪ شخصيت جو تصور قائم آهي مطلب ته هر مذهب ۾ ماڻهن ڪنهن نه ڪنهن کي پنهنجي لاءِ مطلوب، محبوب ۽ مسجود بنائي ڇڏيو آهي اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ هميشه کان وٽي پنهنجن پيغمبرن وسيلي انسانن کي هدايت ڏيندو پئي رهيو آهي ته توهان کي هر قسم جي مخلوق کان ڏار ڪري اعليٰ هستي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ توهان کي علم به ڏنو ويو آهي ۽ ساڳي وقت ساري مخلوق کي توهان جو تابع بنايو ويو آهي ۽ انهن کي توهان جي فائدي لاءِ خلقيو ويو آهي تنهن ڪري توهين پنهنجي نرمي ۽ نوڙت واري فطرت جي ڪري پنهنجي عبديت جي خواهش جي تسڪين خاطر ڪنهن به مخلوق کي پنهنجو معبود نه بنايو انهيءَ لائق ته فقط هڪڙي ئي هستي آهي، جنهن نه رڳو توهان کي بلڪ ساري ڪائنات کي خلقيو آهي. ان هستي ئي توهان ۾ جبلت يا فطري جذبو پيدا ڪيو آهي ۽ ان ئي توهان کي ڪائنات ۾ پکڙيل بيشمار شين جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ عقل عطا ڪيو آهي. هن اهو به ٻڌايو آهي ته توهان پاڻ ۾ ڪيئن اٿو ويهو ۽ وهنوار رکو جي توهين انهن ڳالهين تي هلندا ته ڪامياب ٿيندا ۽ خوشي ۽ بيخوفي ماڻيندا پر جي ابتا هلندا ته تباهي، بربادي ۽ ڏک ڏسندا.

انسان لاءِ عزت، راحت ۽ بلندي انهيءَ ۾ ئي آهي ته هو ٻين سيني کي ڇڏي پنهنجي محبت ۽ عبديت جو مرڪز فقط پنهنجي خالق کي بنائي هڪ اشرف المخلوقات انسان لاءِ اها ڪيڏي نه شرم ۽ ذلت جي ڳالهه آهي



جو هو پاڻ جهڙن ٻين انسانن يا پاڻ کان به گهٽ مخلوق جي اڳيان سر نوائي يا ٻانهپ اختيا ڪري.

### وحدت خلق

سائنسي معلومات ۽ جديد کوجنائن اها ڳالهه واضح ڪري ڏيکاري آهي ته موجوده ڦهليل ڪائنات اوائل ۾ هڪ هنڌ گڏيل حالت ۾ هئي پوءِ ان ۾ حرڪت ۽ توانائي پيدا ٿي، ٿيو ائين جو اڄ کان 15 ارب سال اڳ هڪ زبردست ڌماڪي سان هي ڪائنات وجود ۾ آئي ۽ اها مختلف حصن ۽ ٽڪرن ۾ ورهائجي پکيڙجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هن وقت هڪ ڪرب ڪهڪشائون پولار ۾ گردش ڪري رهيون آهن. هر هڪ ڪهڪشان ۾ اربين کربين تارا آهن انهن مان ڪي تارا ايڏا ته وڏا آهن جو اسان جي ڌرتي جهڙيون اربها ڌرتيون ان ۾ سمائجي سگهن ٿيون. انهن سو ارب ڪهڪشائن مان فقط هڪڙي ڪهڪشان جي به رڳو هڪڙي ڪنڊ ۾ اسان وارو سارو شمسي نظام قائم آهي، جنهن ڪهڪشان ۾ اسان جو شمسي نظام آهي اها پنهنجي چوڌاري اهڙي طرح گردش ڪري رهي آهي جو سندس هڪڙو چڪر ويهن ڪروڙن سالن ۾ پورو ٿئي ٿو ڪهڪشائن جي انهيءَ گردش سان گڏ هڪ ٻي حرڪت به جاري آهي يعني ته هي ڪائنات پنهنجي چئني پاسن ڏانهن وڌي پکڙجي رهي آهي، اهي بيشمار تارا پنهنجي پنهنجي گردش کي قائم رکندي ڪنهن ٻئي مقرر رستي ڏانهن پڄندا وڃن پيا ۽ ائين به ٿئي ٿو جو هڪڙو ڪهڪشاني نظام پنهنجن اربين ڦرندڙ تارن سان گڏ هلندي هلندي، ٻئي ڪهڪشاني نظام ۾ هڪ پاسي کان داخل ٿيندو آهي ۽ ٻئي پاسي کان ٻاهر نڪري ويندو آهي.

اها ساري حرڪت نهايت حيرت انگيز نموني بيحد منظم ۽ باقاعدي ٿي رهي آهي، اچرج آهي جو نه ته انهن جو پاڻ ۾ ڪو ٽڪراءُ ٿئي ٿو ۽ نه وري انهن جي رفتار ۾ ڪا گهٽتائي ٿئي ٿي. هر شيءِ جي حرڪت پنهنجي پنهنجي مدار جي چوڌاري نهايت منظم آحي، اها گردش ايتري قدر ته

صحيح آهي جو صدين لنگهي وڃڻ کان پوءِ بہ منجهن هڪڙي سيڪنڊ جو بہ فرق نہ پيو آهي. اهو ئي ساڳيو نظم ۽ ضبط جيڪو انهن وڏين وڏين دنيائن ۾ نظر اچي ٿو سو ساڳيو ننڍين ننڍين دنيائن ۾ بہ انتهائي مڪمل صورت ۾ موجود آهي.

هيل تائين ٿيل تحقيقات مطابق ايٽم کي ئي سڀ کان ننڍڙي شئي طور تسليم ڪيو ويو آهي، انهي ايٽم جي اندر بہ حيرت انگيز طور تي اسان جي شمسي نظام وانگر هڪ زبردست گردشي نظام موجود آهي. ايٽم بجلي جي ڪن ذرڙن جي ميڙ جو نالو آهي، پر اهي برقي ذرڙا بہ هڪ ٻئي سان مليل نہ هوندا آهن. انهن جي وچ ۾ هڪڙو ڊگهو خلا موجود هوندو آهي، اهي برقي ذرڙا وچين وٿي جي پيٽ ۾ هڪ سو ڪروڙ حصن مان هڪ حصو بہ مشڪل سان والاريندا آهن، باقي حصا بالڪل خالي هوندا آهن، ايٽم جا ڪاٿو برقي ذرڙا جن کي اليڪٽران چئبو آهي، اهي برقي ذرڙا جيڪي روشني جي هڪ جهڪ ڪرڻي مان نهيل هڪ نقطي کان وڌيڪ نہ هوندا آهن، پنهنجي مرڪز جي چوڌاري ائين گردش ڪندا رهندا آهن جيئن ڌرتي سج جي چوڌاري گردش ڪري ٿي. اها گردش ايڏي تہ تيز هوندي آهي، جو اليڪٽران جو ڪنهن هڪ هنڌ هجڻ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ پنهنجي ساري مدار ۾ ساڳئي وقت تي هر جڳهہ موجود آهي، ڇو تہ اهو پنهنجي مدار ۾ هڪ سيڪنڊ اندر اندر هزارين ارب ڦيرا ڏيئي ويندو آهي.

ڪائنات ۾ ايڏي زبردست ضابطي جي موجودگي ۾ ڪو بہ عقلمند ماڻهو اها ڳالهہ هرگز هرگز نٿو چئي سگهي تہ اهو سڀ ڪجهہ فقط انڌي مادي عمل جي ڪري اتفاق سان وجود ۾ اچي ويو آهي. ڪائنات اندر ايتري قدر حيرت انگيز تناسب ۽ تسلسل کي ڏسندي اها ڳالهہ بهرحال وسهي نٿي سگهجي تہ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ مرادو ٿي رهيو آهي.

ڌرتي پنهنجي ايڏي جسامت هوندي بہ ڪائنات جي پيٽ ۾ هڪ ذرڙي



جيتري بہ حيثيت نٿي رکي، تنهن هوندي بہ ڌرتي تي حيرت انگيز نموني اهڙيون حالتون موجود آهن، جيڪي انساني علم مطابق هن وسيع ڪائنات ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ ڪونهن، هن جي مٿاڇري تي چار وڏيون دنيائون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، يعني جمادات، نباتات، حيوانات ۽ انسان. انهن دنيائن ۾ پهرين دنيا کي ڇڏي، باقي ٽنهي ۾ زندگي هڪ اهڙي بنيادي شيءِ آهي، جيڪا اڃان تائين سڄي ڪائنات ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ معلوم ٿي نہ سگهي آهي. ان جو بہ هڪ بنيادي سبب آهي، ڌرتي پنهنجي محور تي ٽيويهن درجن جي ڪنڊ ٺاهيندي لڙيل آهي، اهو لاڙو اسان کي موسمون ڏئي ٿو جن جي ڪري ڌرتي جو وڏو حصو آبادي جي لائق ٿي پيو آهي ۽ قسمين قسمين نباتات ۽ پيداوار حاصل ٿئي ٿي، جيڪڏهن ڌرتي ائين لڙيل نہ هجي ها تہ هوند قطبن تي سدائين اونڌهہ ڇانيل هجي ها. سامونڊي ٻاف ڏکڻ ۽ اتر ڏانهن هلي وڃي ها ۽ ڌرتيءَ تي يا تہ برف جا ٿلها تهہ ڄمي وڃن ها يا وري سڄو علائقو ريگستاني ميدان ٿي وڃي ها. اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي اثر ڌرتيءَ تي پون ها. نتيجو اهو نڪري ها جو ڌرتي تي زندگي ناممڪن ٿي پوي ها، وري جيڪڏهن سج جي جاءِ تي ڪو ٻيو وڏو تارو هجي ها تہ اهو اسان جي ڌرتي کي باهہ جو ڪورو بنائي ڇڏي ها. بهرحال موجوده سج جي موجودگي جي ڪري ۽ ڌرتي تي موزونيت پيدا ٿيڻ جي نتيجي ۾ آڪسيجن ۽ هائيڊروجن گيسن جي ملڻ سان پاڻي ٺهيو، ان کان پوءِ ڪروڙها سالن تائين ڌرتي جي مٿاڇري ۽ ان جي فضا ۾ ڪيتريون وڏيون تبديليون ايندڀون رهيون، تان جو آخرڪار ڌرتي وجي پنهنجي موجوده شڪل ۾ ظاهر ٿي. ڌرتي جي فضا تي جيڪي ٻيون گيسون هيون، تن جو هڪ وڏو حصو خلا ۾ هليو ويو. هڪ حصي پاڻي جي مرتب شڪل اختيار ڪئي، هڪ حصو ڌرتي جي مٿاڇري ۾ جذب ٿي ويو ۽ هڪ حصو هوا جي شڪل ۾ اسان جي فضا ۾ ٽنگجي بيهي رهيو جنهن جو وڏو حصو آڪسيجن ۽ نائيٽروجن تي ٻڌل آهي. هوا پنهنجي گهاٽائي جي لحاظ کان ڌرتي جو

اٽڪل ڏهہ لکون حصو آهي. آخر ائين ڇو نہ ٿيو جو سڀئي گيسون ڌرتي ۾ ئي جذب ٿي وڃن ها يا ائين ڇو نہ ٿيو جو موجوده حالت جي مقابلي ۾ هوا جو مقدار تمام گهڻو هجي ها. جي ائين ٿئي ها تہ ٻنهي صورتن ۾ انسان جو هن ڌرتي تي زندهہ رهڻ ناممڪن ٿي پوي ها. آڪسيجن، هائيڊروجن، ڪاربن ڊيا آڪسائيڊ ۽ ٻيو ڪاربن گيسون ڏار ڏار شڪل ۾ مرڪب ناهي حياتي لاءِ اهم ترين شيون ٿي پيون آهن، هي اهي بنيادي شيون آهن جن تي زندگي قائم آهي. ڀلا اهو ڪيئن آهي تہ سموريون شيون هڪ ئي وقت ۾ پنهنجي مخصوص نسبت ۾ اتفاق سان پاڻهي ڌرتي تي اچي گڏ ٿيون هجن؟

زنده شيون زنده خُلين مان ٺهيل هونديون آهن. خُليو (CELL) هڪ نهايت ننڍڙو ۽ پيچيده مرڪب آهي. انهن خلين جي بدني بناوت ۾ جيڪي جزا ڪم اچن ٿا، انهن مان هڪ پروٽين آهي. پروٽين هڪ اهڙو ڪيميائي مرڪب آهي، جيڪو پاڻ بہ پنجن عنصرن مان ٺهيل هوندو آهي. اهي هي آهن: ڪاربن، هائيڊروجن، نائٽروجن، آڪسيجن ۽ گندرف. اهو تہ آهي خليي جي فقط هڪ جزي يعني پروٽين جو ذڪر، ڪائنات ۾ اهڙا سو کان بہ وڌيڪ ڪيميائي عنصر بنا ترتيب جي ٽڙيل پکڙيل آهن. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ انهن سڀني عنصرن جي ڍِڳ مان فقط اهي پنج عنصر ٻاهر نڪري پاڻ ۾ اهڙي طرح ملي ويا جو پاڻهي هڪ سالمو وجود ۾ اچي ويو؟ ۽ اهو ڪيئن ٿيو جو اهي محرڪ گيسون پاڻ ۾ بالڪل انهيءَ نسبت ۾ مقدار ۾ فضا اندر وڃي بچيون، جيڪي حياتيءَ لاءِ نهايت ضروري آهن؟

هن ڪائنات ۾ حيرت انگيز رياضياتي پختا اصول موجود آهن. هي جامد ۽ بي شعور مادو جيڪو اسان جي آڏو آهي، تنهن جو عمل غير منظم ۽ بي ترتيب هرگز نہ آهي بلڪ ڪن مقرر ڪيل قانونن جو پابند آهي. پاڻي جو لفظ ڪهڙي بہ علائقي يا ڪهڙي بہ وقت ڳالهايو وڃي ٿو تہ ان جو مطلب هڪڙو ئي هوندو آهي يعني هڪ اهڙو مرڪب جنهن ۾ 11.1 سيڪڙو



هائيڊروجن ۽ 88.9 سيڪڙو آڪسيجن هوندي آهي، جيڪڏهن ڌرتي جي چوڌاري هوا جي موجوده تهہ جي گهاٽائي گهٽ هجي ها تہ شهاب ثاقب (ڪرندڙ تارا) جيڪي روزانو ٻن ڪروڙن جي تعداد ۾ مٿاهين فضا ۾ وسڪاري وانگر داخل ٿين ٿا، جن کي اسين اونداهي ۾ راتين ۾ ٻرندي ڏسندا آهيون، سي هوند ڌرتي جي هر حصي تي ڪرن ها. پر اهو فقط هوا جو تهہ ئي آهي جيڪو پنهنجي نهايت موزون ٿولهہ جي ڪري اسان کي شهابن جي وسندڙ شعلن کان محفوظ رکي ٿو اهو هوائي تهہ بہ بالڪل اوتري ئي گهاٽائي رکي ٿو جو سج مان نڪرندڙ ڪيميائي اهميت مناسب مقدار ۾ زمين تي پهچن ٿا جيترا .

وڻن ٻوٽن کي پنهنجي جياپي لاءِ گهربل هوندا آهن ۽ جن جي ڪري نقصان ڪاربئڪٽيريا مري وڃن ٿا ۽ ساڳئي وقت وٽئمنز بہ تيار ٿي سگهن ٿا وغيره وغيره.

اها ڳالهہ ڪيڏي نہ اچرج جهڙي ڇٽبي جو ڇيو وڃي ٿو تہ هي مضبوط رياضياتي حساب تي هلندڙ زبردست نظام پاڻهي پاڻ ٺهي پيو آهي. مٿين حقيقتن تي غور ڪرڻ ۽ انهن سڀني جي مشاهدي ۽ مطالعي کان پوءِ اسين فقط هڪڙي ئي نتيجي تي پهچي سگهون ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن خالق کان سواءِ ٿي ئي نٿو سگهي، جنهن پنهنجي مرضي مطابق هڪ قاعدي ۽ توازن سان ان کي مرتب ڪيو آهي ۽ اها هستي واحد آهي، سندس ڪو بہ ڀائيوار ڪونهي، ڇو تہ شريڪ هئڻ جي صورت ۾ اختلاف جو پيدا ٿيڻ ضروري آهي، جنهن سان ڪائنات جي نظام ۾ باقاعدگي جو قائم رهڻ نہ رڳو مشڪل پر ناممڪن آهي ۽ آخرڪار گڙٻڙ ۽ فساد پيدا ٿيندو آهي.

**انساني وحدت:**

خالق جي وحدت اهو بنيادي تصور آهي، جنهن مان انساني وحدت جو خيال ڦٽي ٿو ويتر ان ۾ گهرائي ۽ گيرائي وحدتِ آدم جي تصور مان پيدا ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ڀائپي، آزادي ۽ مساوات جا اصول ظاهر ٿين ٿا.

هتي معاشي مساوات جو ذڪر ناهي، پر سماجي مساوات جي ڳالهه آهي.

اوهان انسان جي پيدائش تي غور ڪري ڏسو ته ماءُ جي رحم ۾ نطفو ڪيئن جاءِ وٺي ٿو. پوءِ نطفي مان رت جو ڏگ ڪيئن ٿو ٺهي، رت جي ڏگ مان ڄر تيار ٿئي ٿي، ان کان پوءِ هڏيون ٺهن ٿيون. پوءِ هڏين تي گوشت چڙهي ٿو ۽ آخر ۾ ماءُ جي پيٽان نڪرندي ئي ٻار روئڻ شروع ڪري ٿو. تنهن کان پوءِ به ڪافي عرصي تائين رلڪن ۾ ئي پيو پيشاب پاخانو ڪندو آهي، پوءِ گوڏن پر رڙهندو آهي، تانجو ٿاٻا کائي کائي نيٺ هلڻ شروع ڪندو آهي. نطفي کان وٺي پرورش جي پهرين ٻن سالن تائين امير توڙي غريب، بادشاهه توڙي فقير، مطلب ته سڀني جا ٻار ساڳئي دور مان لنگهن ٿا. ليڪن جانور جا ٻار تمام جلد ڏار تي زندگي گذارڻ لڳن ٿا پر انساني ٻار پنهنجي وجود ۽ زندگي لاءِ سالن جا سال ٻين جي رحم ڪرم جو محتاج هوندو آهي، انساني اوسر ۽ پرورش جا اهي دور سڀني سڀني انسانن تي هڪجهڙا گذرن ٿا. جيڪڏهن انسان سڀني ڳالهين کي پنهنجي آڏو رکي ته هوند هو پنهنجي لاچاري حالت کي ڪڏهن به ڪين وساري ۽ منجهس هٺ ۽ وڏائي يا تڪبر ۽ غرور ڪڏهن به ڪين پيدا ٿئي پر افسوس جو اسين وڏا ٿي پنهنجي اصل حقيقت کي وساري ويهون ٿا.

انسانيت جي نظر سان ڏٺو وڃي ته اها ڳالهه نهايت آساني سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي ته جيئن توهان جو هڪ ڪٽنب آهي زال آهي ۽ ٻار ٻچا آهن تيئن ٻئي ماڻهو جو به هڪ ڪٽنب آهي. هن جا به ٻار ٻچا آهن. هاڻي اوهان کي فقط اهو خيال ڪرڻ گهرجي ته توهان پنهنجن ٻارن جي ترقي، ڀلائي ۽ تربيت لاءِ پاڻ پتوڙيو ٿا، بالڪل ساڳي طرح ٻين جا ٻار به آهن، اهي به پنهنجي ٻارن لاءِ ساڳيو ئي جذبو ۽ تڙپ رکن ٿا. اوهان پنهنجي ٻارن لاءِ فطري محبت رکو ٿا، پر ٻين جي ٻارن لاءِ توهان پنهنجي اندر ۾ انساني جذبي طور محبت محسوس ڪريو ته ڳالهه ٺهي پوي. آخر انسان جو لفظ ”انس“ مان ئي ته نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ”محبت“ آهي. فطري لحاظ کان توهان



پنهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن يا ٻين مائٽن جي ٻارن لاءِ درجي بدرجي محبت محسوس ڪريو ٿا. هاڻي انهيءَ محبت کي ٿورو وسيع ڪٽي ڪريو ته پوءِ ٻيا سڀني جا ٻار توهان کي پنهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن جي ٻارن وانگر پيارا لڳندا. جيئن اوهين ڏسو ٿا ته سنو حاڪم ملڪ جي سڀني ماڻهن سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪندو آهي. سڀني جي هڪ جهڙي خدمت ڪندو آهي، سڀني کي فائدو رسائيندو آهي، اهو ساڳيو جذبو هر سني انسان ۾ پيدا ٿيڻ گهرجي. اسين ٻين جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهون، ٻين جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهون. ائين ڪرڻ سان ئي انساني مساوات قائم ٿيندي آهي ۽ ڀائپي وارو رشتو قائم ٿي ويندو آهي. سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته جيڪڏهن اڄ اسين ٻئي جي اولاد کي پنهنجو اولاد ڪري سمجهنداسون، سندس ڏکن ۾ شريڪ ٿينداسون ته سڀاڻي اسان جي اولاد کي به ڏکئي مهل تي انهيءَ همدرديءَ جي ضرورت پوندي، اها شي انهن کي ٻين وٽان ملندي. جيڪا شيءِ اڄ اسين ڏينداسين اها سڀاڻي اسان جي ئي نسل کي ڪنهن ٻي صورت ۾ موٽي ملندي.

اسان کي اها ڳالهه به سوچڻ گهرجي ۽ ڏجندو رهڻ گهرجي ته جڏهن اسين پنهنجي پوياڻ ٻي وس ۽ لاچار اولاد ڇڏي ويندا آهيون ته مرڻ وقت اسان کي پنهنجي ٻارن بابت کهڙا کهڙا نه انديشا ٿيندا آهن. ان ڪري فقط اخوت، مساوات ۽ انساني وحدت جو تصور ئي انسان ذات کي انهيءَ خوف کان بچائي سگهي ٿو.

**وحدت حاڪميت:**

ان کان پوءِ جيڪو نُڪتو اچي ٿو تنهن جو تعلق سياست سان آهي، سياست بابت توحيد الاهي جي اصولن جي روشنيءَ ۾ جيڪو ضابطو يا قانون ظاهر ٿئي ٿو سو ٻڌائي ٿو ته حاڪميت فقط خدا کي جڳائي ٿي. الله تعاليٰ ئي اقتدار مطلق جو مالڪ آهي. ٻي سموري مخلوق هن جي محڪوم آهي. دنيا ۾ ڪيترائي سياسي نظام هلندا پئي رهيا آهن. بهرحال ڪو به

نظام هجي، بادشاهي يا جمهوريت، ان ۾ اڳ ڪو فرعون يا نمرود حاڪم هوندو پر هاڻي حاڪميت يا اقتدار عوام ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي.

پهريائين شرڪ فقط هڪ شخص جي ذات ۾ مرڪوز هوندو هو هاڻي ان کي عوام ۾ پکيڙي ڇڏيو ويو آهي، ان ڪري سڀ کان پهريون ڪم اهو هئڻ گهرجي ته اسين انفرادي طور تي توحيد جي عقيدي کي پنهنجي اندر مضبوط ڪريون. ان کان پوءِ توحيدي ماڻهن سان گڏجي اهڙو نظام قائم ڪريون، جنهن ۾ نفساني خواهشن، رسمن رواجن ۽ طبيعت جي لاڙن ۾ حاڪميت نه هجي ڇو ته انساني جي ٺاهيل قانون ۾ پنهنجا پنهنجا انفرادي، اجتماعي قومي ۽ علاقائي مفاد ۽ مقصد هوندا آهن. نسل، جنس، ماحول ۽ آب و هوا جي تفاوتن جي ڪري ماڻهن جا جذبا ۽ لاڙا ڌار ڌار هوندا آهن. جدا جدا قومن ۽ ملڪن لاءِ جدا جدا قانونن هئڻ جي ڪري به هر وقت هڪ ٻئي سان تصادم جو امڪان رهندو آهي. سڀني انسانن لاءِ هڪ قانون هئڻ سان سڀني جي ترقي ۽ سڀني جي خوشحالي هڪ جهڙي ٿيندي آهي ۽ هڪ ٻئي سان جهيڙي جو امڪان ختم ٿي ويندو آهي. البته اها تلاش بيحد اهميت رکي ٿي ته الله تعاليٰ جا اهي ڪهڙا ڪهڙا احڪام آهن، جيڪي ساري انسانيت تي هڪ جهڙا لاڳو ڪري سگهجن ٿا. جيتوڻيڪ سڀئي مذهب اهڙن خدائي احڪامن جا قائل آهن، پر انهن احڪامن جي اصل هجڻ تي متفق نه آهن. جيڪڏهن اهو بنيادي اصول تسليم ڪيو وڃي ته الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ساري انسان ذات لاءِ مفيد آهي ته پوءِ اسين ڪوشش ڪري، اصل احڪام پڻ حاصل ڪري سگهون ٿا، جيڪي الله تعاليٰ اڳين نبين کي انسانن جي هدايت لاءِ ڏنا هئا ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ جي وسيلي انهن سڀني انبياءِ جي ڏنل تعليم کي مڪمل ڪيو ويو ۽ قرآن ڪريم جي صورت ۾ انهن احڪامن کي هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو ويو آهي. توحيد جي مفهوم حاڪميت الاهي جو اهو ئي مرڪزي تصور موجود آهي ته اسين انهن احڪامن کي دل سان بنا تعصب جي



صحيح تلاش ڪريون ۽ پنهنجو پاڻ تي توڙي ٻين انسانن تي اهي احڪام پوري طرح لاڳو ڪريون.

**وحدت ملڪيت:**

توحيد جو سڀ کان اهم نُڪتو اقتصاديات سان تعلق رکي ٿو ۽ اها سڀ کان نازڪ ۽ مشڪل سان سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهه آهي. توحيد جو عقيدو جيئن حاڪميت بابت سڀني رواجي تصورات جو انڪار ڪري ٿو تيئن ملڪيت بابت به عام تصور کي رد ڪري ٿو ڇو ته جڏهن الله لاءِ حاڪميت تسليم ڪئي وئي ته پوءِ نتيجي طور اهو تصور پاڻ مرادو پيدا ٿئي ٿو ته هي ملڪ به الله جو ئي آهي، انسان پاڻ به الله جو آهي ۽ سندس مال ملڪيت به الله جي ئي آهي. ملڪيت کي انسان استعمال ته ڪري سگهي ٿو پر الله جي حڪمن اندر. اهو ئي سبب آهي جو ملڪيت بابت امانت هئڻ جو تصور توحيد جي ويجهو آهي، بلڪ ان جو لازمي نتيجو ئي آهي.

مليڪت ۽ امانت جي وچ ۾ هڪ اهم فرق آهي، جنهن کي اسين هڪ اڌ مثال سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. هر ملڪ ۾ هڪ حڪومت هوندي آهي، جنهن کي هلائڻ لاءِ عامل مقرر هوندا آهن. حڪومت جي عاملن کي اهو اختيار هوندو آهي ته هو ماڻهن کان ٽيڪس وٺن ۽ ان ٽيڪس کي ملڪ جي بچاءَ ۽ بهبود تي خرچ ڪن، پر اسان کي خبر آهي ته ايترن اختيارن هوندي به اها سموري دولت انهن وٽ امانت وانگر هوندي آهي. عاملن ۾ ڦير ڦار به ٿي سگهي ٿو اهي پاڻ به عملداري ڇڏي سگهن ٿا يا سندن جاءِ تي ٻيا عامل رکي سگهجن ٿا ڪڏهن به سندن دماغ ۾ اهو تصور پيدا نٿو ٿئي ته اها دولت ڪا سندن ذاتي ملڪيت آهي. اهي رعيت کان دولت قوم جي لاءِ وٺي گڏ ڪن ٿا ۽ قوم تي ئي خرچ ڪن ٿا. پنهنجي لاءِ فقط ايترو ئي ڪٽن ٿا جيترو ملڪ جي قانون انهن لاءِ معاوضو مقرر ڪيو هوندو آهي. ٻئي پاسي وري ڏسو ته توهان جي پنهنجي ملڪيت توهان وٽ آهي پر جي حڪومت ڪو اهڙو قانون ٺاهي ٿي ته توهان جي دولت جو هڪ حصو

ٽيڪس جي شڪل ۾ حڪومت جي قبضي ۾ هليو ويندو آهي پر ڇا اها دولت اوهان جي ملڪيت ٿي ويندي آهي؟ نہ اها دولت حڪومت وٽ قوم جي امانت هوندي آهي جا قوم تي خرچ ڪرڻ جي پابندي هوندي آهي.

جيتوڻيڪ حڪومت وٽ تمام گهڻو اختيار هوندو آهي ۽ ان اختيار ۾ ڪو بہ ٻيو دخل اندازي ڪري نہ سگهندو آهي. تنهن هوندي بہ حڪومت يا اهي ملازم انهي دولت کي ذاتي ملڪيت هرگز تصور نہ ڪندا آهن. بس اهو ئي تصور اسلام اسان کي ذاتي ملڪيت بابت ڏي ٿو يعني تہ اسين پنهنجين ملڪيتن جا هر طرح مالڪ نہ آهيون. اصل مالڪ تہ الله تعاليٰ ئي آهي اسان کي الله تعاليٰ اها ملڪيت امانت طور ڏني آهي. اهو ئي تصور اسلامي وحدت مليڪت جو تصور آهي.

هاڻي تہ امانت جي لفظ يا تصور بابت اوهان کي ڪو مونجهارو درپيش نہ هوندو. ڇاڻا سمجهو تہ توهان کي پنهنجي دولت تي حڪومت کان بہ وڌيڪ اختيار حاصل آهي؟ جڏهن حڪومت ايتري اختيار هوندي بہ انهي دولت کي پنهنجي ملڪيت تصور نٿي ڪري تہ پوءِ توهين پنهنجي ملڪيت جو تصور ختم ڪرڻ کان ڇو ٿا گهٻرايو؟ اختيار ۽ ڪنٽرول تہ بهرحال توهان جو ئي رهي ٿو فرق سو ايترو ٿئي ٿو تہ جيئن حڪومت ان دولت کي ماڻهن جي مفاد انهن جي ڀلائي ۽ بهبودي تي خرچ ڪرڻ جي پابند هوندي آهي تيئن توهين بہ پنهنجي مرضي سان ڪو اهڙو پروگرام رٿيو جو توهان جي هٿان نيڪي جا ڪم ٿين. اهڙي طرح توحيد جو عقيدو اوهان جي جسم ۽ جان ۾ پيوست ٿي ويندو ۽ معاشرو بہ سُڌرندو ويندو.

ملڪيت جي معاملي ۾ اسان کي ڪي قدر ڳوڙهي سوچ کان ڪم وٺڻو پوندو. انسان جي دنياوي زندگي جو اصل مسئلو معاشي مسئلو آهي. زندگي جي ساري جاکوڙ ۽ ڊوڙ ڊڪ روزگار لاءِ ڪئي پئي وڃي. عزت يا خدمت جو تصور پوءِ پيدا ٿئي ٿو. هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي تہ روزگار حاصل ڪرڻ ۾ انسان جي پنهنجي ڪوشش جو ڪيترو حصو آهي. حقيقت ۾ تہ هر فرد کي



جيڪي ڪجهہ ملي ٿو سو سڀ الله تعاليٰ جو ئي ڏنل هوندو آهي. اسان جي پيدائش، خانداني پس منظر، جسماني طاقت، عقل، دولت، حڪومت، زمين جي زرخيزي، معدنيات جي ڪثرت، درياءَ، برساتون وغيره، اهي سڀئي شيون خدا جي طرفان پيدا ڪيل هونديون آهن. خدا جي انهن نعمتن کي فقط پنهنجي ذات لاءِ مخصوص ڪري ڇڏڻ اسان جي منهن تي نٿو پوي. انهن نعمتن کي ڦهلائڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ اسان تي فرض آهي.

اسان کي اها ڳالهہ چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ انسانن جي وچ ۾ گهٽ وڌ صلاحيتن جو فرق رکڻ الله تعاليٰ جي مصلحت ۽ اسان جي ضرورت آهي نہ تہ دنيا جا ڪم ڪيئن هلن ها. مينيجر، انجنيئر، اڪاؤنٽنٽ، ڪلارڪ، پٽيوالا، مزدور، هاري، مستري، لوهار، واڍا، درزي، مالي، بورچي، حجم، پنگي وغيره. جا ڪم ڪيئن ٿين ها. انساني دنيا ۾ ارتقاءَ، تعمير، تمدن ۽ سماجي زندگي جا مختلف مرحلا طئي ڪرڻ لاءِ درجن ۽ مرتبن جو فرق ضرور آهي. الله تعاليٰ ماڻهن جي وچ ۾ عقل، سمجهہ ۽ عمل جو فرق رکيو آهي تہ جيئن هر ڪو پنهنجو ڪم سر انجام ڏيئي سگهي، پنهنجيون ذاتي ضرورتون بہ پوريون ڪري ۽ معاشرتي تعمير ۽ ترقي جو ڪم بہ سر انجام ڏئي. تعمير ۽ ترقي ۾ انساني محنت ۽ پورهي کي بہ دخل آهي. پر بنيادي طور تي هر فرد کي سمجهہ، عقل، طاقت، دولت ۽ اسباب وغيره سڀئي شيون الله جون ئي عطا ڪيل هونديون آهن.

اسلام اسان ۾ اهو جذبو پيدا ڪرڻ چاهي ٿو تہ الله تعاليٰ مختلف انسانن جي وچ ۾ جيڪو فرق رکيو آهي، تنهن کي اسين پيداوار جي ورڇ جي لحاظ کان هڪ اٽل ۽ مستقل ڳالهہ نہ ٺهرايون ۽ خدا جي ڏنل صلاحيتن ۽ قابليتن جي وسيلي جيڪي ڪجهہ بہ حاصل ڪريون، ان مان فقط ايترو حصو پنهنجي لاءِ جائز سمجهون جنهن مان اسان جون ضرورتون مناسب نموني پوريون ٿي سگهن. باقي بچيل مال جيڪو الله جي فضل وعنايت سان اسان کي مليو آهي سو الله تعاليٰ جي انهن ٻانهن تي خرچ ڪريون جيڪي

انهن نعمتن کان محروم آهن.

اها ته هئي ڳالهه هڪ فرد ۽ ٻئي فرد جي وچ ۾ قدرتي فرق جي، هاڻي اچو ته قومن ۽ علائقن تي به نظر ڪريون. الله تعاليٰ ڌرتي جي ڪنهن ٽڪر ۾ معدنيات رکي ڇڏيون آهن ته ڪنهن ٽڪر کي زراعت لاءِ موزون ڪيائين، ڪٿي سون جون کاڻيون آهن ته ڪٿي ٽامي ۽ لوهه جون، ڪٿي زمين هيٺ تيل آهي ته ڪٿي وري ڪوئلو ڪٿي ڪڻڪ ٿئي ته ڪٿي وري ڪپهه ڪٿي رڇ آهي ته ڪٿي ڪاٺ، ڪٿي پاڻي ۾ رهندڙ جانور گهڻا آهن ته ته ڪٿي وري خشڪي جا جانور بيحساب. هاڻي ٻڌايو ته اهي سيئي شيون قدرت ڌار ڌار خطن ۾ پنهنجي مرضي سان رکيون آهن يا انهن ۾ اوهان جي مرضي کي به ڪو دخل آهي؟ هاڻي جيڪڏهن توهان قدرتي وسيلن ۽ ذخيرن سان ڀرپور ملڪ ۾ پيدا ٿيا آهيو ته اها الله تعاليٰ جي توهان تي خاص مهرباني آهي. اهڙي طرح اوهين غور ڪري ڏسو ته زمين جي هيٺان پيل خزانن يا سمنڊ هيٺان پيدا ڪيل دولت يا زرعي پيداوار حاصل ڪرڻ ۾ اوهان جو پنهنجو ڪيترو حصو آهي، توهان درياءَ يا سمنڊ ۾ جا ر اڇلايو ۽ مٽن جا مڻ مڇي ماريو پوءِ ساڳي جاءِ تي جار اڇلايو ته اوهان ڏسندؤ ته وري به ساڳئي انداز ۾ مڇي پيدا ٿيندي رهي ٿي، خشڪي تي جانور پيدا ٿيندا رهن ٿا ۽ وڌندا رهن ٿا. جبلن کي کوٽڻ سان سون، لوهه ۽ ڪوئلو نڪري ٿو زمين جي گهري کوٽائي سان تيل نڪري اچي ٿو زمينون آباد ڪجن ٿيون ته ڪروڙين مڻ ان پيدا ٿئي ٿو. ٻني ٻاري ۽ پوک جي سرشتي کي ڏسو ته ان ۾ اسان جو ڪيترو حصو هوندو آهي ۽ الله جو قانون ان ۾ ڪيترو حصو ادا ڪندو آهي. اسين ته رڳو ٻني ۾ هر هلائي ٻج ڇٽي ڇڏيون ٿا، پر ان ٻج مان سلو ڪير ٿو ڪيڍي؟ ۽ آخرڪار فصل پچائي تيار ڪير ٿو ڪري ڏئي؟ پاڻي تي به غور ڪري ڏسو جنهن تي نه رڳو اسان جي زراعت جو پر اسان جي جياپي جو به مدار آهي، ڇا ان کي ڪڪرن ذريعي اسان وسايون ٿا يا الله؟ سج جي روشني ۽ گرمي آخر ڪنهن جو عطيو آهي؟ هوائون ڪنهن



جي حڪم سان هلن ٿيون؟ رزق پيدا ڪندڙ ڪائنات جي مشينري تي غور ڪريو توهان محسوس ڪندا ته ان سلسلي ۾ اسين ته فقط محنت ڪريون ٿا باقي سارو بندوبست الله تعاليٰ جي طرفان ئي هوندو آهي، ايترين سارين ڳالهين هوندي به اسان کي ڪهڙو حق آهي جو اسين انهن نعمتن کي پنهنجي ملڪيت ئي سمجهون ۽ ٻين کي ان ۾ شريڪ ڪرڻ کان ڪيٻايون؟

اسين اها ڳالهه هڪ ٻئي طريقي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هونئن ته آمدني ڪيترن ئي شين مان حاصل ٿيندي آهي پر ان جا خاص ذريعا چار آهن:

محنت: جيڪا هر شخص پنهنجي ليکي ڪري ٿو.

صلاحيت: يعني عقل، ذهانت ۽ جسماني قوت وغيره.

اسباب: غريب، زميندار يا سرمائيدار جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ وغيره.

ماحول، حالتون ۽ علائقو: اهڙي علائقي ۾ پيدا ٿيڻ، جتي رزق جا اڪيچار قدرتي وسيلا موجود هجن افغانستان جي بدران سعودي عرب يا ايٿوپيا جي بدران امريڪا ۾ پيدا ٿيڻ.

مٿين شين مان فقط محنت ئي اها شي آهي جنهن تي اسان کي اختيار حاصل هوندو آهي. اسين محنت کي گهٽائي به سگهون ٿا ته وڌائي پڻ سگهون ٿا. پر صلاحيت، اسباب، ماحول يا ڪنهن علائقي ۾ پيدا ٿيڻ، اهي اهڙيون شيون آهن، جيڪي اسان جي پنهنجي وس کان ٻاهر آهن. اها الله تعاليٰ جي ذات ئي آهي جيڪا انسان کي ڪنهن خاص علائقي ۾ پيدا ڪري ٿي ۽ عقل ۽ ذهانت کان پڻ نوازي ٿي، گهٽي ٻاڱي آمدني جو دارومدار انهن ئي شين تي هوندو آهي ان ۾ يقيناً محنت کي عمل دخل حاصل هوندو آهي پر گهٽ.

انهن مثالن ذريعي اسين اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهيون ٿا ته انسانن جي وچ ۾ صلاحيتن جو جيڪو فرق رکيو ويو آهي اهو ان ڪري

رکيو ويو آهي تہ جيئن اهو ارتقائي منزلون طئي ڪري اڳتي وڌندو رهي، پر ان سان گڏوگڏ ڪيس اهو بہ احساس هجي تہ جيڪڏهن ڪا خاصيت ڏني وئي آهي يا ڪنهن زرخيز علائقي ۾ پيدا ڪيو ويو آهي يا محنت سببان هو جا پيداوار حاصل ڪري ٿو ان ۾ سندس پنهنجي ذاتي محنت جو حصو ڪيترو آهي. انهيءَ غور و فڪر مان معلوم ٿيندو تہ انهن نعمتن جي حاصلات ۾ انسان جي پنهنجي محنت کي عمل دخل گهٽ حاصل آهي جڏهن تہ الله تعاليٰ جو فضل وڏيڪ شامل آهي. اهو ئي احساس آهي جيڪو اسان کي خدا جي نعمتن ۾ سڀني کي شريڪ ڪرڻ تي آماده ڪري سگهي ٿو. هاڻ اسين اها ئي ڳالهہ هڪ ٻئي طريقي سان سمجهايون ٿا. حيواني جسم جي حيثيت فرد جي حيثيت جهڙي نہ هوندي، پر معاشري ۽ جماعت جيان هوندي آهي. جنهن جا فرد جسم جا خليا هوندا آهن جيڪي ڪلئي جسم جي اڳواڻ يعني دماغ جي ماتحت متحد ۽ منظم هوندا آهن. نظام عصبيہ جو ميڪانيو انهن کي رت جي صورت ۾ غذا پهچائيندو آهي. هر خليو (فردي جزو) فقط اوتري ئي غذا حاصل ڪري ٿو جيتري ان جي واڌ لاءِ ضروري هوندي آهي ۽ باقي بچيل خوراڪ ٻين خلين ڏانهن موڪلي ڇڏيندو آهي ۽ خوراڪي جي اها مساويانہ ورڇ جسم جي مرڪزي نظام جي ماتحت هوندي آهي. اگر ڪن خليات وٽ گهڻي رت گڏ ٿي وڃي ٿي تہ ان کي بيماري جي حالت سمجهيو ويندو آهي ۽ جيتري قدر رت زياده مقدار ۾ گڏ ٿيو پوي، اوتري قدر بيماري زياده شدت اختيار ڪيو وڃي. اهڙي حالت ۾ جسم جي مجموعي طاقت ۾ گهٽتائي اچيو وڃي ۽ جسم زندگي کي باقي رکڻ لاءِ اثرائتي ۽ ڪارگر جدوجهد ڪرڻ کان لاچار ۽ قاصر ٿيو پوي.

هڪ خليي (جسم جي بنيادي جزي) جي بچيل خوراڪ جسم جي مرڪزي نظام وسيلي ٻين خلين ڏانهن موڪلڻ اهو سندس انفاق آهي، انفاق جڻ هر خليي جي انفرادي صحت ۽ ساري جسم جي درستي ۽ صحت لاءِ هڪ لازمي شي آهي. هر خليي جي زڪوات مان جسم جي خوراڪ



سڀني خلين جي وچ ۾ مساوي طور تقسيم ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح اگر جماعت جي ڪنهن فرد وٽ ضرورت کان وڌيڪ معاشي قوت ۽ دولت گڏ ٿي وڃي ۽ هو پنهنجي بچيل قوت کي پوري طرح ۽ يڪدم جماعت جي ٻين ماڻهن جي حوالي نہ ڪري تہ جماعت جي اندر بيماري جي حالت پيدا ٿي پوي ٿي، جنهن سان هر فرد جي انفرادي طاقت ۽ سڄي جماعت جي قوت گهٽ ٿيو پوي. ان بعد جماعت لاءِ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اثرائتي ۽ ڪارگر جدوجهد ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿيو پوي. دولت ۾ ٻين ڀائرن کي شريڪ ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪري اسلام ان ڳالهہ تي زور ڏي ٿو تہ توهين تيستائين مسلمان ٿي نٿا ٿي سگهو جيستائين پنهنجي لاءِ جيڪا شئي پسند ڪريو ٿا، اها ئي شئي پنهنجي ڀاءُ لاءِ بہ پسند نہ ڪريو. هاڻي ٻڌايو تہ جنهن قوم جا فرد محنت سان ڪم ڪرڻ جي باوجود ضرورت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ سان نفرت ڪندا هجن ۽ پنهنجي واڌو دولت کي ضرورتمندن تي خرچ ڪرڻ کان سواءِ ڪين آرام نہ ايندو هجين ۽ خدا جي نعمتن ۾ قوم جي ٻين ماڻهن کي برابر شريڪ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي ايمان کي اڌورو تصور ڪندا هجن تہ آخر اهڙي قوم ۾ افلاس ۽ غربت ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿي.

هينئر اسين اسلام جي معاشي نظام جي ٻهرين جز يعني آمدني جي طريقي ڏانهن اچون ٿا تہ اسلام وٽ انسانن جي وچ ۾ معاشرتي تعلقات جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن. ان ڏس ۾ هوندئن تہ ڪيترائي معاشي نظريا پيش ٿيندا پئي رهيا آهن، پر انهن سڀني نظرين ۾ وڌ ۾ وڌ جيڪا تعليم ڏني آهي اُها اِها آهي تہ ڪمائي ۽ آمدني مان محرومن ۽ ضرورتمندن لاءِ حصو ڪڍيو وڃي. موجوده دور ۾ تہ مفاد پرست دولتمند بہ غريبن سان ايتري همدردي رکن ٿا جو ضرورتمندن لاءِ ٿورو ڪي گهڻو حصو ضرور رکن ٿا. چاڪاڻ تہ جي هو ائين نٿا ڪن تہ ٻي صورت ۾ سندن ڪارخانا هلي نٿا سگهن، پيداوار جي کپت نٿي ٿي سگهي، ان ڪري امريڪ هجي يا روس، جاپان هجي يا عرب ملڪ، انهن سڀني ملڪن پاڻ وٽ امداد جو نظام قائم

ڪيو آهي، پر ان سڄي نظام ۾ اصول هڪڙو ئي ڪار فرما آهي تہ ٻھريائين جيئن تيئن ڪري ٻين کان الھ تلھ کسي وٺو ان کان پوءِ کين ڪجھ حصو واپس موٽائي ڏيو.

اشتراڪي نظام ۾ ماڻھن کان سندن آزاد مرضي سان وٺڻ جي بجاءِ ڪائن زوريءَ سڀ ڪجھ کسيو وڃي ٿو. عام ماڻھن تي پابنديون عائد ڪيون وڃن ٿيون، جڏھن تہ اقتدار تي چند ماڻھو قابض ٿي ويا آھن. ھي سماج مساوات ۽ انساني اخوت کان بہ خالي آهي، بلڪہ اٿلندو ھن نظام ۾ خوف و ھراس جي سخت فضا قائم ڪئي ويئي آھي. محنت ڪرڻ جو اھو جذبو جنھن ذريعي ماڻھو خوشيءَ سان پنھنجي جان ۽ مال سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي، ھي نظام اھو جذبو پيدا ئي نٿو ڪري.

اھو ئي سبب آھي جو سرمائيداري ۽ ڪميونزم نظام انسان کي امن امان ۽ ڇوٽڪارو ڏيڻ ۾ صفا ناڪام ٿي ويا آھن. حقيقت ۾ صحيح معاشي نظام تہ اھو ئي ٿي سگھي ٿو جنھن ۾ دولت جو ھڪڙو حصو اپت وڌائڻ تي خرچ ڪيو وڃي تہ ٻيو حصو ماڻھن جي خريداري جي طاقت وڌائڻ تي خرچ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ جيڪو سماج عام غربت ۽ افلاس ۾ مبتلا ھئڻ سبب شيون خريد ڪري نہ سگھي تہ ان ۾ رڳو پيداواري صلاحيت وڌائڻ يعني وڌ ۾ وڌ سامان تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آڻڻ سان ماڻھو خوشحال ٿي نٿا سگھن.

اشتراڪي معاشي نظام ۾ سڀ کان وڏي اوڻائي اھا آھي تہ ھن نظام ۾ عام ماڻھن ۾ اھا صلاحيت پيدا نٿي ٿئي جو ھو آساني سان ضرورت جون شيون خريد ڪري سگھن. ٻئي طرف سرمائيداري نظام ۾ اھا خاصيت آھي تہ ان ۾ پيداوار تہ وڌي ٿي ۽ عوام شيون خريد ڪري سگھڻ جي لائق بہ ٿئي ٿو پر ھن نظام ۾ معاشرتي ويڇا ۽ امير غريب جي وچ ۾ فرق نھايت وڌندو رھي ٿو. انھيءَ فرق کي گھٽائڻ جو ڪو بہ انتظام موجود ڪونھي.

ٻي مھاڀاري لڙائي کان پوءِ ھڪ پاسي جرمني ۽ جاپان تہ ٻئي پاسي روس ۽ چين جنگ جي تباھي مان نڪري جڏھن اسرڻ لڳا تہ معلوم ٿيو تہ



روس ۽ چين صنعتي پيداوار ۽ ٽيڪنالوجي ۾ تمام گھڻو پٺتي رھجي ويا آھن. غذا يعني زرعي پيداوار ۾ بہ اھي ملڪ اڃان پاڻ ڀرو نہ ٿي سگھيا آھن. عام شين جي قوت خريد ۾ تہ انھن ملڪن جي عوام جي حالت ويتر ابتر ٿي ويئي آھي. جڏھن تہ جرمني ۽ جاپان صنعت ۽ ٽيڪنالوجي ۾ تمام گھڻو اڳتي وڌي ويا آھن. توڙي جو انھن ملڪن ۾ ڪچو مال بہ پيدا نٿو ٿئي.

جرمني ۽ جاپان جي گڏيل اقتصادي حالت روس ۽ چين کان چوٿي پنجوٿي کان بہ مٿي آھي. جڏھن تہ انھن ملڪن جي آدمشماري بہ گھٽ آھي. جرمني ۽ جاپان ۾ عام ماڻھن جي آمدني معيار زندگي کان بہ وڌيڪ بلند آھي. جنھن نظام ۾ مساوات جو مطلب سڀني ماڻھن جي معيار زندگي کي گھٽائي ھيٺ آڻڻو ھجي تہ اھڙي نظام کي فلاحي نظام ھرگز چئي نٿو سگھجي.

اسلام جي معاشي نظام ۾ دولت ميڙڻ ۽ وڌيڪ نفعو ڪمائڻ جي گنجائش صفا موجود ڪونھي. ڳالھ سمجھ ۾ بہ اچي ٿي تہ جڏھن انسان پاڻ ۾ برابري يعني مساوات ۽ اخوت جو ناتو قائم ڪن ٿا تہ پوءِ مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ جو حرص ئي باقي نٿو رھي ۽ ڪنھن جي رقم ڦٻائڻ ۽ کائن وڌيڪ وٺڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

موجوده معاشي نظام ۾ نفعي مان مراد اھ ورتي وڃي ٿي تہ قيمت گھٽي ۾ گھٽي رکي وڃي، توڙي جو ڪروڙين ماڻھن ۾ خريد جي سگھ ھجي يا نہ ھجي. ان جي برعڪس اسلام ۾ منافعي جو مفھوم بالڪل ٻيو آھي اسلام چوي ٿو تہ شين جي قيمت مناسب رکي وڃي تہ جيئن عام ماڻھن مٿان وڌيڪ بار نہ پوي ۽ ھو سستي اگھ شيون خريد ڪري سگھن. ائين ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي جو دولت جمع ڪرڻ جو حرص پيدا نٿو ٿئي. اسين جيڪڏھن ٿورو بہ غور فڪر ڪريون تہ معلوم ٿيندو تہ اھا ڪا نئين ۽ اچرج ۾ وجھندڙ ڳالھ ڪانھي. ھر ملڪ ھنگامي حالتن ۽ جنگ جي ڏينھن ۾ بنيادي ضرورت جي شين ۽ قيمتن تي ڪنٽرول ڪندو آھي تہ جيئن

واپاري مال جي گهٽتائي مان ناجائز فائدو حاصل نہ ڪن ۽ عوام کي مناسب اگهہ تي شيون ملنديون رهن. ڪميونسٽ نظام ۾ واپاري ڏيتي ليتي ۽ اگهن وغيره تي حڪومت جو ڪنٽرول هوندو آهي، پر اسلام سڪيا ڏي ٿو تہ ماڻهو رضا خوشي سان پاڻ تي اهي پابنديون گوارا ڪن. هتي اها پڻ وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ اسلام اهو پسند نٿو ڪري تہ شين تي منافعو وڌيڪ رکي ان مان دولت ڪمائي وڃي ۽ اها دولت غريبن جي غربت دور ڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ ۾ استعمال ڪئي وڃي. ان جي ابتڙ اسلام اها تعليم ڏي ٿو تہ ضرورت جون شيون سستي ۽ مناسب اگهہ تي ڏنيون وڃن. اهڙي طرح عام ماڻهن جي سگهہ ۽ قوت خريد کي سامهون رکيو وڃي.

ان لاءِ ضروري آهي تہ سڀ کان پهريائين شيون وڌيڪ اپايون وڃن ۽ اهي شيون معمولي منافعي تي سڀني علائقن ۾ ڦهلايون وڃن. ائين ڪرڻ سان ڇا ٿيندو جو هر فرد محسوس ڪرڻ لڳندو تہ ڪيس دنيا جي خوشحالي ۾ برابر شريڪ ڪيو ويو آهي، ان سان گڏوگڏ دنيا ۾ چين ۽ امن جي اها فضا پڻ پيدا ٿيندي آهي جنهن سان جنگ و جدال جا اسباب ئي ختم ٿي ويندا، تصور تہ ڪريو تہ اها دنيا ڪيڏي نہ جنت نما هوندي جنهن ۾ انساني اخوت ۽ وحدت جي بنياد تي امريڪہ، روس کي سستي اگهہ تي ڪڻڪ ڏيندو تہ اهڙي صورت ۾ روس کي آخر ڪهڙي ڪتي ڪنئي آهي جو هو پنهنجي ضرورت خاطر ٻين ملڪن تي چڙهائي ڪندو وتي يا پنهنجي ڪمزور پوزيشن سببان ڪاوڙ ۾ اچي امريڪہ ڪان بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪري، اهڙي طرح جڏهن امريڪہ ايران کي صنعتي سامان گهٽ اگهہ تي وڪرو ڪندو تہ بدلي ۾ ايران ڪيس گهٽ اگهہ تي تيل سپلائي ڪندو. ان ڪان پوءِ آخر امريڪہ کي ڪهڙي ضرورت آهي جو هو ايران تي حملو ڪري ڏي، اهو ئي طريقو آهي جنهن سان ملڪن جا هڪ ٻئي سان جهيڙا جهتا پاڻ مرادو ختم ٿي وڃن ٿا ۽ قومون پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي وڃن ٿيون.

هتي اسان جن ملڪن ۽ قومن جا نالا ڪنيا آهن سي مثال طور ڪنيا آهن



حقيقت ۾ تہ اسلام ملڪن ۽ قومن جي وچ ۾ اختلاف ۽ دشمني جو ماڳهين قائل ئي ڪونهي. جهڙي طرح هڪ مهذب حڪومت پنهنجي ملڪ جي باشندن کي هڪڙي اک سان ڏسندي آهي، ملڪ جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪنهن بہ فرد کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ حڪومت جا ڪارندا ڪيس مدد لاءِ وٽس پهچي ويندا آهن. اهڙي طرح اسلام جو معاشي نظام بہ بنا ڪنهن قوم ۽ علائقي جي تفريق ۽ ويڇي جي سڀني کي هڪجهڙو فائدو رسائي ٿو پر اها شئي تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن ايمان مضبوط ۽ طاقتور هجي. ايمان کان بغير جيڪڏهن سڄي دنيا جا انسان پاڻ ۾ گڏجي ڪري بہ ڪوشش ڪن تہ بہ اها شئي حاصل ٿي نٿي سگهي.

هتي اسين اها ڳالهہ ورجائڻ چاهيون ٿا تہ تجارت ۽ واپار شين جي مٽا سٽا ۽ ماڻهن کي ضروريات مهيا ڪري ڏيڻ، اهي سڀئي جائز روزگار ڪمائڻ جون صورتون آهن. تجارت کي منافع خوري ۽ مال جمع ڪرڻ جو ذريعو هر گز نہ بنائڻ گهرجي.

حقيقت ۾ توحيد جو معاملو انسان جو انفرادي ۽ ذاتي مسئلو هر گز نہ آهي. توحيد تي ايمان ۾ پوري اجتماعيت شامل هوندي آهي. عقيده توحيد جي ڪري انساني فڪر ۽ عمل متاثر ٿين ٿا. توحيد تي ايمان، زندگي ۾ عدل ۽ احسان ڪرڻ لاءِ اپاري ٿو جنهن ۾ اجتماعي ڀلائي بہ آهي تہ انسان ذات جي استحڪام ۽ ارتقاءَ جو سامان پڻ آهي. انساني زندگي ۾ اصل خرابي شديد جذبات، وقتي مفادن، تعصب ۽ خواهشن جي گهٽائي مان پيدا ٿئي ٿي. توحيد تي ايمان انهن جذبات جي گهٽائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ جي قوت ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ توحيد کي مڃڻ يا نہ مڃڻ جي ڪري الله تعاليٰ جي قدرت ۾ ڪو بہ فرق نٿو پوي، پر جڏهن انسان توحيد جو انڪار ڪري ٿو ۽ دنيا ۾ ڪنهن هستي کي عبادت جي لائق سمجهي ٿو يا ڪنهن ٻئي جي بالادستي مڃي ٿو يا قدرتي قانون جي پڪڙي ڪري ٿو تہ ان سان معاشري ۾ گڙ ٻڙ پيدا ٿئي ٿي. فساد ڦهلجي ٿو ۽ تصادم ٿئي ٿو ڇو تہ توحيد جي غير

موجودگي ۾ هر شخص هر قوم ۽ هر ملڪ کي پنهنجي پنهنجي مفاد ۽ پنهنجي پنهنجي اقتدار جو خيال ورائي ٿو. توحيد کي نه مڃڻ جو اهو منطقي نتيجو آهي.

هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪي ماڻهو توحيد جو عقيدو اختيار ڪندا آهن سي عام طور تي الٽو تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا ٿي ويندا آحن. تنهن ڪري اها ڳالهه غلط ثابت ٿئي ٿي ته توحيدي نظام جي ڪري آساني ۽ سهولت پيدا ٿئي ٿي سو ان لاءِ عرض هي آهي ته جڏهن به ڪنهن سٺي نظام لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته اهو هڪ اصول آهي ته ان جي اولين داعين کي بهرحال مشڪلاتون آڏو اينديون آهن ڇاڪاڻ ته عام ماڻهو آساني سان اڳوڻي رواجي نظام کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. پر جڏهن ڪن باهمت ماڻهن جي قربانين سان اهو سٺو نظام قائم ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ توحيد جون مٿيون وصفون موجود هجن ته پوءِ عام ماڻهو جلد محسوس ڪندا آحن ته امن، سلامتي ۽ عافيت وارو نظام توحيد تي ئي ٻڌل آهي ۽ ان تي ايمان آڻي هو پنهنجي لاءِ، پنهنجي عزيزن لاءِ، پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ بلڪه ساري دنيا لاءِ خوشحالي جو دروازو کولي سگهن ٿا.



# ايمان ۽ اسلام جي حقيقت

قرآن جي پيش ڪيل نظام جون سڀ کان اهم ۽ بنيادي اصطلاحون به آهن، جن جو امن ۽ سلامتي يعني ايمان ۽ اسلام سان تعلق آهي. عربي زبان جو قاعدو آهي ته ان جا سڀئي لفظ بنيادي طور تي مادي ۽ ماخذ ۾ ورهايل هوندا آهن. اهي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن اکرن تي مشتمل هوندا آهن. وري انهن مان ڪي اکيچار لفظ ٺهن ٿا ۽ نڪرن ٿا جن جو اصل مادي ۽ ماخذ سان تعلق قائم رهندو آهي.

لفظ ايمان جو مادو ا ـ م ـ ن آهي، جنهن مان امن جو سادو لفظ ٺهي ٿو جنهن جي معنيٰ اطمينان، سڪون يا بي خوفي آهي، اهڙي طرح اسلام جو مادو س ـ ل ـ م آهي، جنهن مان ڪيترائي لفظ نڪرن ٿا، پر انهن سڀني ۾ سلامتي حفاظت ۽ عافيت جو مفهوم شامل هوندو آهي.

ٿورو غور ڪيو ته صاف نظر ايندو ته امن ۽ سلامتي لڳ ڀڳ ساڳيائي لفظ آهن، بلڪ اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته اهي هڪ ئي تصوير جا ٻه ساڳيا رخ آهن. ان مان فطري طور تي هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته قرآن حڪيم ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم وارن ٻين لفظن کي پنهنجي بنيادي اصطلاحن لاءِ ڇو اختيار ڪيو؟ ۽ انهن مان ڪو اهڙو لفظ ڇو نه مخصوص ڪيو؟

ٿورو غور ڪيو ته معلوم ٿيندو ته دراصل انساني شخصيت جا ٻه پهلو آهن، جن مان هڪ باطن سان تعلق رکي ٿو ته ٻيو ظاهر سان. انهن مان پهرين پهلو جو تعلق انساني فڪر، نظريي ۽ اعتقاد سان آهي ۽ ٻئي جو عمل، اخلاق ۽ ڪردار سان. انسان جي زندگي جا اهي ٻئي رخ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ ڳيتل آهن. يعني صحيح فڪر مان چڱو عمل جنم وٺي ٿو ته غلط نظريئي مان برو عمل ظاهر ٿئي ٿو. اهڙي طرح انسان جي اندروني سڪون ۽ راحت مان سندس عملي زندگيءَ ۾ سلامتي ۽ ڀلائي پيدا ٿئي ٿي، جڏهن ته ذهني ۽ قلبي انتشار مان فتنو ۽ فساد برپا ٿئي ٿو.

قرآن حڪيم انسان کي جيڪو فڪر ۽ عقيدو ڏئي ٿو تنهن جو عنوان ”ايمان“ آهي. وري ايمان جو نتيجو داخلي امن يعني ذهني ۽ قلبي سڪون آهي ۽ عمل جي معاملي ۾ قرآن جيڪو سڌو رستو ڏسيو آهي تنهن کي اسلام چيو وڃي ٿو. جنهن مان معاشرتي سڪون ۽ اجتماعي سلامتي حاصل ٿئي ٿي.

هن بحث مان جيڪو نتيجو نڪري ٿو سو هيءُ آهي تہ جتي ذهني ۽ قلبي سڪون ۽ معاشرتي ۽ اجتماعي سلامتي نہ هوندي آهي اتي ايمان ۽ اسلام نہ هوندو. اصولي طرح تہ انهيءَ مسئلي جو نتيجو اهو ئي هڪ نڪرڻ کپي پر مسئلي جو هڪ ٻيو بہ پهلو آهي جيڪو ايمان ۽ اسلام جي اصطلاحي معنيٰ تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو.

**ايمان**

الله تعاليٰ ڪائنات ۾ جيڪا بہ شيءِ پيدا ڪئي آهي تنهن جي لاءِ تخليق سان گڏ هدايت ۽ رهنمائي جو بہ انتظام فرمايو اٿس. انهيءَ هدايت جا درجا مختلف آهن. مثلاً جمادات ۽ نباتات ۽ حيوانات لاءِ ڌار هدايتون آهن. اهي شيون قدرت جي مقرر ڪيل طبعي قانون جي تر جيتري بہ پيچ ڪڙي نٿيون ڪري سگهن. انهن کي ڪو بہ اختيار يا آزادي حاصل نہ آهي. حيوانن ۾ پنهنجي مرضي سان چرپر ڪرڻ جي ٿوري گهڻي جهلڪ نظر اچي ٿي. پر اهو سڀني کي معلوم آهي تہ انهن جي هر قسم جي چر پر سندن جبلت جي تابع آهي.

البتہ انسان ئي اها اڪيلي هستي آهي. جنهن کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي آزادي ڏني ويئي آهي اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪائنات جي ساري مخلوق ۾ انسان کي هڪ بلند مقام حاصل آهي. ان ڪري انسان جي شرافت، عظمت ۽ چوٽڪارو ئي انهيءَ ۾ آهي تہ هو بغاوت ۽ سرڪشي جو اختيار رکندي بہ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان پنهنجي خالق جي اطاعت ۽ تابعداري ڪري ۽ نافرماني جي سگهہ هوندي بہ نيڪي جو



رستو اختيار ڪري. يا بدلو وٺڻ جي طاقت هوندي بہ معاف ڪري ڇڏي. جيڪڏهن انسان کي پنهنجي مرضيءَ سان سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي آزادي نہ هجي ها تہ پوءِ سندس نيڪي ۽ هدايت تي هلڻ بي فائدي هجي ها، اختيار هوندي بہ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ انسانيت جي شان وٽان آهي. اهو ئي طريقو آهي جنهن سان زندگي جون ارتقائي منزلون طئي ڪري سگهجن ٿيون.

ان ڳالهہ کي مختصر لفظن ۾ هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ انسان ۽ حيوان جي تخليق ۾ هڪ بنيادي فرق آهي. حيوانن کي جيڪي ڪجهہ بڻجڻو آهي، ٻئي جي رهنمائيءَ کان سواءِ هو ازخود بڻجي ويندو آهي. فطرت منجهس بڻجڻ جا جيڪي بہ اهڃاڻ رکيا آهن. اهي پاڻ مرادو تڪميل تي پهچي ويندا آهن ۽ هڪ مڪمل فرد بنائي ڇڏيندا اٿس. شينهن جو ٻچو شينهن بڻجي ويندو آهي ۽ ٻڪري جو ڦر ٻڪري. پر انساني ٻار ۾ فطرت جيڪي لڪل صلاحيتون رکيون آهن. سي ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون حيواني يا طبعي صلاحيتون. جيڪي هن جي اندر ٻين حيوانن وانگي پاڻ مرادو اسرنديون ۽ وڌي چوٽ چڙهنديون آهن. تان جو ٻار حيوان ناطق يعني انسان بڻجي ويندو آهي، پر ٻئي قسم جون صلاحيتون جيڪي خالص انساني آهن سي از خود پروان نٿيون چڙهن. انهن جي لاءِ مناسب تعليم ۽ تربيت جي ضرورت هوندي آهي. اها تربيت ڪيس معاشري ۽ ماحول مان ملندي آهي. جهڙو سماج هوندو آهي تهڙو ئي انسان تيار ٿيندو آهي. شرافت جو ماحول هوندو تہ انسان بہ شريف تيار ٿيندو، پر جيڪڏهن معاشرو خراب ۽ ظالم هوندو تہ انسان بہ خراب ۽ ظالم تيار ٿيندو سواءِ ڪن ٿورن انسانن جي جيڪي ماحول جي اثرن کان اتفاق سان بچي ويندا آهن. هاڻي سوال هي آهي تہ آخر هڪ سٺو انسان ڪيئن تيار ڪجي؟

انهيءَ مقصد لاءِ الله تعاليٰ حيوانات جي برخلاف انسان کي آزاد مرضيءَ سان گڏ ضمير ۽ عقل پڻ ڏنو آهي. ضمير جي ڪري انسان کي چڱي

۽ بري جي خبر پوي ٿي ۽ پڻ ضمير انسان کي نيڪيءَ جي شهه ڏياري ٿو. پر عقل عام طرح ڪيس پنهنجي مفاد جي حفاظت لاءِ اڪسائي ٿو. انهن لاڙن ۾ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ انسانن جي رهنمائي لاءِ انسانن منجهان ئي ڪي نيڪ بندا چونڊيندو آهي، جيڪي سيرت ڪردار ۽ اخلاق ۾ بين ڪان نهايت بلند هوندا آهن. الله تعاليٰ انهن ٻانهن تي وحي جي ذريعي هدايتون نازل فرمائيندو آهي. اهڙي صالح ٻانهن کي نبي چئبو آهي. نبين سڀني وحي جو اهو پيغام ٻين انسانن تائين پئي پهچايو آهي ۽ کين ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن هو انهيءَ هدايت تي هلندا ته کين هر قسم جون خوشيون ۽ آسائشون نصيب ٿينديون. پر جي هو انهيءَ طريقي کان منهن موڙيندا ته تباهي ۽ بربادي جي صورت ۾ نتيجو ڏسندا. جن ماڻهن پيغمبرن سڀني جي انهن هدايتن تي عمل ڪيو تن کي مومن ۽ نيڪ انسان چيو وڃي ٿو.

### اسلام

اهڙي ريت اسلام جو اصطلاحي مفهوم هيء آهي ته الله تعاليٰ انسان کي جيڪا آزادي ڏني آهي، انسان پنهنجي مرضيءَ ۽ خوشيءَ سان انهيءَ آزاديءَ تان هٿ کڻي ڇڏي. جيئن سندس سمورو جسماني جوڙ جڪ الله تعاليٰ جي طبعي قانون ۾ جڪڙيل آهي، تيئن هو پنهنجي آزادي ۽ اختيار جي دائري ۾ به الله تعاليٰ جي انهن احڪامن ۽ هدايتن جي پابندي قبول ڪري، ڇو ته سندس ڇوٽڪارو انهيءَ ۾ ئي آهي.

انسان کي بهرحال ڪو نه ڪو رستو ته اختيار ڪرڻو آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي جي پيروي ته ڪرڻي آهي. يا ته هو پنهنجي اڳوڻي ثقافت، پنهنجن رسمن رواجن، پنهنجي ابن ڏاڏن، پنهنجي نفس جي خواهشن جي پيروي ڪندو آهي يا وري پنهنجي يا ڌاريءَ حڪومت جي ڪڍ لڳندو آهي. پر اهي سڀئي طور طريقا انسان جا پنهنجا ئي گهڙيل هوندا آهن. ان جو مطلب اهو آهي ته انسان پاڻ جهڙن انسانن جي طريقي تي هلي ٿو. اهڙي



طرح گويا هُو پنهنجي آزاديءَ تان دستبردار ٿئي ٿو پر ڪيس اهو به سوچڻ گهرجي ته پاڻ جهڙا انسان ڪيئن هن جي رهنمائي ۽ باهمي تعلقات جو هڪ عادلانه ۽ متوازن نظام تشڪيل ڏيئي سگهن ٿا؟ ڇو ته انهن مان هر هڪ جا انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ علائقائي مقصد ۽ مفاد به هڪ ٻئي کان بنهه ڌار ڌار آهن. بلڪ متضاد آهن ۽ نسل، جنس، ماحول ۽ آبهوا جي فرق جي ڪري سندن جذبات ۽ لاڙن ۾ به وڏو فرق هوندو آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ الله تعاليٰ (وحي جي وسيلي) انسان جي رهنمائيءَ لاءِ زندگي جو جيڪو جوڙ جڪ ۽ دين موڪليو آهي، سو انهن سڀني ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کان پاڪ آهي ۽ ساري انسان ذات لاءِ هڪ جهڙو مفيد پڻ آهي. هن ۾ ڪا به ٻه اڪيائي ڪونهي. تنهن ڪري انسان جي نجات جو رستو صرف اهو ئي آهي ته هو ٻين سڀني نظامن ۽ طريقن کي ڇڏي فقط الله جي هدايت ۽ احڪامن مطابق زندگي بسر ڪري. ٻين لفظن ۾ هن کي گهرجي ته عملاً هو پنهنجي زندگي اسلام جي ڏنل هدايتن مطابق تشڪيل ڏئي.

### اسلام جو مرڪزي تصور:

اسلام جو مقصد انسان ذات لاءِ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ آهي. يعني عدل ۽ انصاف تي ٻڌل هڪ اهڙو نظامِ حيات جنهن ۾ سچائي جو چلتو هجي، حق جو ڇوٻول هجي، انصاف ۽ قانون جي حڪمراني هجي، حاڪم ۽ محڪوم ۾ ننڍ وڏائيءَ جو فرق باقي نه رهي، توڙي جو ڪم ڪار ۽ ذميدارين جون حدون الڳ الڳ هجن. پر انسان بحيثيت انسان جي ساڳيو رتبو رکندڙ مان مرتبي ۽ عزت آبرو جي ڪسوٽي دولت ۽ اقتدار نه هجي، پر خدمت ۽ اخلاق هجي.

حقيقت ۾ اهڙي قسم جو سماج ٻين سڀني مذهبن، ملڪن ۽ قومن جي ضرورت آهي. هن وقت عملاً اهڙو نظام دنيا جي هڪ انچ زمين تي به قائم ڪونهي. اسلام چوي ٿو ته اهڙو سماج "ايمان" جي آڌار تي ئي قائم ڪري

سگهجي ٿو. يعني ته الله جي عظمت تي يقين ۽ سندس ڏسيل طبعي، تمدني ۽ تشريعي قانون مطابق روش ۽ انسان جي آزاد مرضيءَ جي حدن بابت ڄاڻ.

ايمان ئي اها شيءِ آهي جنهن سان فرد ۾ صالح عمل جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. اسلام انسان ذات کي ڀهريائين محبت ۽ اخوت جي رشتي ۾ ڳنڍي ٿو. ان ڪانپوءِ هو ڪين عادلانه نظام جي قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جدوجهد تي آماده ڪري ٿو. اهو ايمان ئي آهي جنهن جي ڪري فرد هن اصول جي تقاضا تي پنهنجي جان، مال وغيره مطلب ته هر شيءِ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. تان ته ڏکويل انسانيت کي غربت، ظلم، انڌير ۽ مصيبتن جي اوڙاهه مان ڪڍي، امن سلامتي ۽ حفاظت جي ماحول ۾ آڻي سگهجي پر ايمان جي طاقت کان سواءِ سڄي دنيا جا انسان ملي ڪري به انسانيت لاءِ اهڙو ماحول ۽ معاشرو قائم ڪري نٿا سگهن.

**ايمان حاصل ڪرڻ جو ذريعو:**

هونئن ته ايمان نالو آهي نبين ۽ رسولن جي چوڻ تي اڻ ڏٺل حقيقتن کي مڃڻ جو پر ان جو اصل جوهر ۽ خلاصو الله تي ايمان آڻڻ آهي. يعني الله جي هستي ۽ سندس توحيد ۽ اعليٰ صفتن جو ڪامل شعور ۽ انهن سيني جو مول متو اهو آهي ته الله جي عظمت جو نقش انسان جي قلب تي قائم ٿي وڃي ۽ هن جي دل خدا جي تعريف، توصيف، تحسين ۽ آفرين جي جذبن سان سرشار ٿي وڃي ۽ اها شاهدي ڏيڻ لڳي ته الله تعاليٰ ڪائنات جو هي نظام بي مقصد هرگز نه خلقيو آهي. انهيءَ جو سولي ۾ سولو طريقو اهو آهي ته خدا جي تخليق تي غور ڪيو وڃي. ڇو ته ڪائنات جي وسعت ۽ عظمت دراصل ڪائنات جي خالق جي ئي عظمت جو عڪس ۽ پاڇو آهي. اهڙي طرح ڪائنات ۾ جاري طبعي ۽ تمدني قانون خدا جي قدرت ۽ حڪمت جو اهڃاڻ ۽ نشان آهن ۽ انهن قانونن تي يقين مان ئي الله جي اٽل ارادن جو شعور اڀري ٿو. الله تعاليٰ جي عظمت ۽ سندس مقرر ڪيل قانونن جي



محڪم هجڻ جي ڄاڻ ۽ ان ۾ ويساهه پيدا ٿئي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ انفس ۽ آفاق يعني انسان جي پنهنجي اندروني نظام ۽ سڄي ڪائنات جي مطالعي تي زور ڏنو آهي ان جي اهميت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته قرآن ڪريم ۾ آفاق جي مشاهدي بابت لڳ ڀڳ ست سو آيتون آهن. جن ۾ بي شمار حقيقتن کي گواهه طور پيش ڪيو ويو آهي.

اهو قرآن جي طرفان ڪائنات تي غور ڪرڻ تي زور ڏيڻ جو ئي نتيجو هو جو مسلمانن پنهنجي عروج جي زماني ۾ انهي ڏس ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو ايستائين جو يونان ۽ هندستان ۾ ان موضوع تي، جيڪو به علم موجود هئا تن سيني کي عربي زبان ۾ ترجمو ڪري انهن مان استفادو ڪيو ويو ان بعد انهن علمن کي نه فقط ترقي ڏئي عروج تي پهچايو ويو بلڪ ڪيترائي نوان علم ۽ فن پڻ ايجاد ڪيا ويا ۽ مجموعي طور تي انساني قافلي کي جهالت جي اونداهيءَ ۽ وهمن جي تاريڪيءَ مان ڪڍي مشاهدي، تجربي، تحقيق ۽ ايجاد جي شاهراهه تي گامزن ڪيو ويو. اها هڪ عالم آشڪار ۽ مڃيل حقيقت آهي ته علمن جي واڌاري ۽ ترقي جي سڄي تحريڪ عربن جي اثر هيٺ ئي برپا ٿيلي جنهن اڄ جديد سائنس ۽ ٽيڪنالوجي کي انتهائي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

افسوس آهي جو پوئين دور ۾ مسلمانن ڪائنات جي نظام تي غور و فڪر ڪرڻ ۽ تلاش ۽ تحقيق کان اکيون ڦيري ڇڏيون. نتيجو اهو نڪتو جو ايمان عقل کان بالاتر ۽ ورثي ۾ مليل هڪ نظرئي جي صورت اختيار ڪري ويو ۽ هاڻي هي ڪن بي روح رسمن جو نالو بڻجي ويو آهي. اڄ هڪ دفعو وري هن ڳالهه جي ضرورت آهي ته نه رڳو ايمان ۽ اسلام جي روح کي زنده ڪيو وڃي پر ٻيهر آفاق ۽ انفس جي علمن سان انهن جو تعلق جوڙيو وڃي. ان لاءِ ته جيئن طبعي ۽ تمدني قانونن جي پختگي سان الله تعاليٰ جي

ذات جي عظمت جو اندازو ڪري سگهجي.

انهيءَ ضرورت کي آڏو رکندي هيٺ ڪجهه معلوماتي مضومن پيش ڪجن ٿا. سائنس بابت اها معلومات مڪمل يا آخري حقيقت هر گز ناهي. انسان انهيءَ لاءِ ڳولا ۽ تلاش ۾ لڳاتار مصروف آهي ۽ الله تعاليٰ جو هن کان اهو ئي مطالبو آهيہ تہ هو ڪائنات جي تسخير ڪري ۽ انسان ذات کي فائدو پهچائي.



# ايمان جو اثر پاڻ تي ۽ پنهنجي اولاد تي

عام طور تي هر ماڻهو پنهنجي ذات کان بہ وڌيڪ پنهنجي اولاد جي مستقل بهتر بنائڻ لاءِ غلط سلط ڪم ڪندو رهندو آهي. ان سلسلي ۾ جڏهن بہ ڪا گفتگو ٿيندي آهي تہ اوهان اڪثر اهو جملو ٻڌو هوندو تہ آءُ ايڏي جاکوڙ ٻچن لاءِ پيو ڪريان ۽ جسم ۽ جان کي سورن ۾ بہ انهيءَ مقصد لاءِ پيو ڳاهيان. رشوت وٺان ٿو سرڪاري ٽيڪس گهٽ ڏيان ٿو گراهڪن کي ڌوکو ڏيان ٿو اهڙي طرح ڪجهہ ڌوکڙ ڪمايان ٿو وغيره وغيره، پر جڏهن ڪانئس پڇجي ٿو تہ تنهنجي اندر تہ ڪٽي اها صلاحيت آهي جو تون چالبازي ۽ هوشياري کان ڪم وٺي نفعو ڪمائين ٿو پر جڏهن توکان گهٽ عقل رکندڙ تنهنجي اولاد کي ٻيا ماڻهو انهيءَ طريقي سان ٺڳيندا، تہ ڇا ان وقت تنهنجي دل نہ ڏکندي؟ اها هڪ حقيقت آهي، جنهن کان ڪير انڪار نٿو ڪري سگهي تہ اڄ جيڪو شخص مال مهانگو ڪري کپائي ٿو تہ سڀاڻي سندس اولاد کي مهانگو مال خريد ڪرڻو پوندو. جيڪو شخص اڄ ملاوٽ وارو يا خراب مال سپلائي ٿو ڪري تہ سڀاڻي سندس اولاد کي بہ اهڙو ئي يا ان کان بہ ويتر خراب مال ملندو. اها هڪ روش آهي جيڪا جاري رهندي اچي ٿي ۽ جاري رهندي ايندي ڇو تہ ڌوهن ۽ براين جو بنياد جيڪڏهن اڄ رکيو ويندو تہ ان تي برائي جي عمارت مستقل ۾ پاڙيهي ٺهندي ويندي آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ اسان جڏا ڪم ڪري پنهنجي اولاد جو ڀلو نہ ٿا ڪريون بلڪ ائين تہ اسين انهن لاءِ اٿلندو کڏ کوٽي رهيا آهيون. جنهن ۾ معاشرو بہ نيٺ تباهہ ٿي ويندو، جيڪڏهن اهو نڪتو هر ڪنهن ماڻهوءَ جي سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ جيڪر معاشري ۾ برابري قائم ٿي وڃي ڪو بہ ڪنهن جو حق نہ ماري، ڪو بہ ڪنهن کان وڌيڪ نفعو حاصل نہ ڪري، ڪمائيءَ لاءِ ڪوڙ ۽ غلط طريقا اختيار نہ ڪيا وڃن. رشوت جو چلتو ختم ٿي وڃي محنت کان وڌيڪ مزدوري نہ ورتي وڃي، نہ وري گهٽ ڪم ڪيو

وجي اهڙيءَ طرح هڪ اهڙو نظام قائم ٿي ويندو جنهن ۾ ڪو بہ ڪنهن جي ڪمزوري، نا اهلي ۽ گهٽ صلاحيت مان ناجائز فائدو حاصل نہ ڪري سگهندو.

هر مومن کي بهرحال ذاتي طور تي آزمائشن مان لنگهڻو پوندو آهي. پر اهو عمل هڪ اهڙي نظام کي تشڪيل بہ ڏيندو جنهن ۾ ايندڙ نسل امن ۽ امان، سک ۽ سانت سان زندگي گذاري سگهندو. ٿي سگهي ٿو تہ اهي شروعاتي دور وارا فرد سٺن عملن سببان خود پاڻ بہ اهڙو معاشرو ڏسي سگهن.

حقيقت ۾ ايمان ۽ يقين ئي اها شيءِ آهي جنهن سان زندگي صحيح رخ تي هلڻ لڳي ٿي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ايمان انسان کي خراب ڪمن کان روڪي ٿو ۽ سٺن ڪمن تي اڀاري ٿو. فرض ڪريو تہ اوهان ڪيترن ئي ڏينهن جا بکايل آهيو. انهيءَ حالت ۾ هڪڙو شخص اچي، اوهان جي سامهون مزيدار کاڌا آڻي رکي ٿو. کاڌي جي خوشبوءِ جي ڪري توهان جو وات پاڻي پاڻي ٿي وڃي ٿو پر هو اوهان کي اهو پڻ ٻڌائي ٿو تہ کاڌي ۾ بورچيءَ لوڻ بدران سنکيو (زهر) وجهي ڇڏيو آهي. ڇا اجا بہ اوهان اهو خوشبودار ۽ مزيدار کاڌو کائيندوَ پڪ سان تہ اوهان اهو کاڌو ڪڏهن بہ نہ کائيندؤ. توڙي جو بک اوهان کي ڪيڏو بہ ڪٺي تنگ ڪيو هجي. ڇو تہ اوهان کي يقين آهي تہ سنکيو موت مار شيءِ آهي ۽ سنکيو ملايل کاڌو زندگيءَ جو خاتمو آڻي ٿو. انهيءَ يقين سببان اوهين زهر کائڻ کان روڪجي وڃو ٿا. هاڻي ائين چوڻ جي بجاءِ تہ هن کاڌي ۾ سنکيو ملايل آهي جيڪڏهن هيئن چيو وڃي تہ اهو کاڌو حرام مال مان تيار ٿيل آهي تہ ڇا اُن وقت بہ اسين کاڌي کي کائڻ بنا واپس ڪنداسين؟ جيئن زهر جو نالو ٻڌي واپس ڪريون ٿا. ظاهر آهي اسان ائين نٿا ڪريون ڇاڪاڻ تہ اسان کي اهو تہ پورو يقين آهي تہ سنکيو ماريندڙ آهي. پر حرام مال مان بہ موت اچي ٿو. هيءَ اها ڳالهہ آهي جنهن تي اسان کي پڪو يقين نہ آهي. حالانڪ حرام



مال مان فرد ۽ معاشرو اهڙي طرح موت جو شڪار ٿي پوي ٿو. جهڙي طرح زهريلي کاڌي سان ماڻهو موت جي منهن ۾ وڃي پون ٿا. جيتوڻيڪ اهو موت يڪدم نٿو اچي بلڪ ان جو نتيجو آهستي آهستي ظاهر ٿئي ٿو.

عقيدو يا ايمان هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جو اثر خارجي قانون يا ڏپ ڏاءُ کان سواءِ ظاهر ٿئي ٿو. فرض ڪريو تہ هڪ نوجوان نهايت بدنام، بدمعاش، عياش ۽ جنسي لذت جو مريض آهي. ڪا بہ ڇوڪري سندس هٿان سلامت نٿي رهي. ڇوڪري جي هڪ نوجوان خوبصورت ڀيڻ آهي اهي ٻئي هڪڙي ئي ڪمري ۾ رهن ٿا ۽ رات جو بہ اتي ئي سمهن ٿا. عورت هجڻ جي حيثيت ۾ هن ڇوڪريءَ ۽ انهن ٻين ڇوڪرين جي وچ ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي جن جي پنيان هو لاهي پاهي پيو گهمندو آهي. پر رات جي اڪيلائي ۾ اونداهيءَ ۾ بہ هو پنهنجي ڀيڻ ڏانهن ميري اک سان نہ نٿو ڏسي. آخر ائين ڇو آهي؟ ان جو سبب فقط اهو عقيدو آهي جيڪو هن جي دل ۾ گهر ڪري چڪو آهي تہ ڀيڻ سان جنسي تعلقات قائم ڪرڻ نهايت غلط ۽ شرمناڪ آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جي هٿان سندس ڀيڻ جي عزت سدائين سلامت رهي ٿي.

انهيءَ لاءِ نہ ڪنهن قانون جي ضرورت آهي، نہ وري ڪو سپاهي درڪار آهي. اندر جو عقيدو ۽ تصور ٻاهرئين ڏپ ڏاءَ يا قانون کان سواءِ ئي هن جي هٿان ڀيڻ جي عصمت جي حفاظت ڪرائي ٿو. نہ فقط ايترو پر جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو سندس ڀيڻ تي غلط نظر وجهي ٿو يا وجهڻ جي جرئت ڪري ٿو تہ هو غيرت وچان تپي باهہ ٿي وڃي ٿو ۽ اڳلي جون اکيون ڪڍڻ لاءِ بہ تيار ٿيو وڃي. ايستائين جو ڀيڻ جي عصمت کي خطري ۾ ڏسي اُن جي حفاظت لاءِ هو پنهنجي جان بہ قربان ڪريو ڇڏي يا ٻئي ماڻهو جو خون ڪريو وجهي.

ان مان معلوم ٿيو تہ اصل مسئلو عقيدو آهي ۽ اسان جي ڪرڻ جو ڪم بہ اهو ئي آهي تہ اسين اندر جي ايمان ۽ عقيدي کي مضبوط ڪريون تہ

جيئن اسين پنهنجي ڀيڻ جي عصمت جا قائل آهيون، تيئن ٻين جي نياڻين جي عزت به اسان جي هٿان محفوظ ٿي وڃي. يا جهڙي طرح اسين سنڪئي کي پنهنجي جان لاءِ موت سمجهون ٿا تهڙي طرح اهو به يقين ڪرڻ سکون ته حرام ڪمائي سان تيار ٿيل کاڌو اسان جي ايمان کي ڪمزور ڪري ٿو ۽ اهو هوريان هوريان معاشري کي تباهه ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

هن دنيا ۾ ڏوهن جي تيز رفتاري ۽ گهٽائي بابت وڌيڪ چوڻ جي ضرورت ڪانهي. هر حساس انسان جي دل انهن جي ڪري درد محسوس ڪري ٿي ۽ هر بصيرت واري اک انهن تي روئي ٿي. ساري دنيا جي دانشورن، ڏاهن، سياستدانن ۽ سماجي سڌارڪن جي دانهن ٿي پوي، پر انهي بلا جو قدم نه رڳو هڪ هنڌ بيهي نٿو پر هر گهڙي ۽ هر ساعت اڳتي وڌندو ٿو وڃي. ان جو آخر ڪهڙو سبب آهي؟

اها ڳالهه ته بهرحال توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا. ته انسان جي طبعي زندگيءَ جون عام تقاضائون، کائڻ پيئڻ، زنده رهڻ، پنهنجي ذات ۽ پنهنجي نسل جي حفاظت ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ ۽ آخرڪار مري مٽي ٿي وڃڻ آهي. اهي تقاضائون حيوانن ۽ انسانن ۾ بالڪل هڪجهڙيون ۽ ساڳيون آهن. حياتيءَ جي سموري جاکوڙ فقط انهن تقاضائن جي پورائيءَ لاءِ ڪئي ويندي آهي.

حيوانن ۾ انهن طبعي تقاضائن تي قدرت جي طرفان هڪ قسم جو ڪنٽرول هوندو آهي. مثال طور شينهن جي عضون ۾ زبردست طاقت هوندي آهي، پر جڏهن سندس پيٽ ڀرجي ويندو آهي تڏهن هو ڪنهن به ٻئي جانور تي حملو نه ڪندو آهي. ساڳئيءَ طرح هڪ ڍڳي جي اڳيان گاهه جا ڍڳ اڇلائي ڇڏيو. جڏهن پيٽ ڀريس ته مانڙي ڪري ويهي مزي سان اوڳر ورائيندو آهي. هن کي اڳيان پيل گاهه جي ڍيرن جي ڪا به ڳڻتي نه ستائيندي آهي ته ايترو گاهه ڪيڏانهن ڪندس. نه رڳو ايترو پر شينهن بک وگهي مري ويندو پر گاهه ڏانهن اک کڻي به ڪين نهاريندو ۽ ڍڳو ڪيڏو به



بکايل هوندو پر گوشت جي ويجهو ڪين ويندو.

جنسياتي جذبو سڀني جذبن کان وڌيڪ زور آور هوندو آهي پر ان تي به قدرت جي طرفان اهڙو ڪنٽرول هوندو آهي جو ڪو سانُ، ڍڳو، ڍڳين جي ڌڻ ۾ پلي پيو سارو سال گهمي، پر ڪنهن به ڍڳيءَ ڏانهن توجهه مور نه ڪندو آحي. پر جڏهن کيس قدرت طرفان اهڙو اشارو ملندو آهي ته پوءِ ڦرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. حيوانن ۾ جنسي لاڳاپو خاص موسم ۾ خاص زماني تائين محدود هوندو آهي ان ڪري حيوانن ۾ ڏوهه نه ٿيندا آهن. اهي پنهنجي مقرر ٿيل حدن کان اڳتي هرگز نه وڌندا آهن. ان جي برعڪس جيتوڻيڪ انسانن ۾ به جبلي تقاضائون ته اهي ساڳيون ئي هونديون آهن جيڪي حيوانن ۾ هونديون آهن پر قدرت جي طرفان انهن تي ڪنٽرول نه هوندو آهي، انهيءَ ڪري ئي انسان کي پنهنجي طرفان پاڻ انهن تي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو آهي. سو جيڪڏهن هو انهن تي ضابطو رکندو ايندو ته پوءِ ڏوهه ڪيئن ٿيندا. پر جيڪڏهن انهن کي ڇيڪ ڇڏي ڏيندو ته پوءِ ڏوهه گهٽا ٿيندا. ان صورت حال ۾ نه فقط ايترو جو ڏوهه عام جام ٿي ويندا پر ڏوهن جي نوعيت ۽ شدت ۾ به بي پناهه واڌارو اچي ويندو. ڪو به شينهن هڪ وقت ۾ فقط هڪ هرڻ ئي کي ئي ماري سگهي ٿو ۽ سندس شڪار جون حدون به وڌ ۾ وڌ پنجن ڏهن ميلن تائين پکڙيل هونديون آهن پر ٿورو سوچيو ته صحيح ته جنهن جاندار جو پٽ چنڊ تائين پهچي ٿو ۽ جنهن وٽ ايٽم بم ٺاهڻ جي صلاحيت آهي ۽ جنهن جي جذباتي تقاضائن تي به ڪنهن جي طرفان ڪو به ڪنٽرول نه آهي تنهن جي مار ڌاڙ ۽ فساد انگيزي جي حد آخر ڪٿي هوندي؟ سو اصل سوال اهو ئي آهي ته انسان تي ڪنٽرول ڪيئن ڪجي؟

تجربن مان ثابت ٿي چڪو آهي ته قانون جي پڪڙ ڪندڙن جو ذهن قانون ٺاهيندڙن جي ذهن جي ڀيٽ ۾ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ تيز هوندو آهي. تنهن ڪري اثرائتو ۽ ڪامياب علاج فقط اهو ئي ثابت ٿيندو آهي جنهن ۾ انسان پاڻمرادو پنهنجو پاڻ تي ڪي پابنديون عائد ڪري. اهي

پابنديون انسان تڏهن ئي عائد ڪري سگهي ٿو جڏهن، هن جو تصور زندگي، حوانيت مان بدلجي انسانيت ٿي پوي، نہ رڳو ايترو پر هن کي اها بہ پڪ هجي تہ انساني حياتي، حيواني حياتيءَ کان بلند ۽ برتر درجو رکي ٿي ۽ هو پنهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ پنهنجي لاءِ هڪ مقصد ڪري سمجهي. انسان جي طبعي زندگي کي قائم رکڻ لاءِ طبعي شيون ضروري هونديون آهن پر هن جي انساني زندگي بهرحال خدائي اخلاقي قدرن تي ئي مدار رکي ٿي.

جيتوڻيڪ انسان جي طبعي زندگي جو وجود بہ نهايت ضروري آهي، پر سندس انساني زندگي جي قدر قيمت سندس طبعي زندگي جي ڀيٽ ۾ سوين ڀيرا وڌيڪ آهي. تنهن ڪري جڏهن بہ طبعي زندگي جي تقاضائن ۽ انساني زندگي جي تقاضائن جي وچ ۾ ترجيح جو سوال درپيش هجي تڏهن اوليت بهرحال انساني زندگي جي تقاضائن کي ئي ڏيڻ کپي.

ڪو بہ هوشمند انسان جنهن شئي کي پاڻ لاءِ هاڃيڪار محسوس ڪندو آهي تنهن کان پڄي پاسو ڪندو آهي. ڪيس ان شيءِ کان پري هٽائڻ لاءِ ڪنهن بہ خارجي پابنديءَ جي ضرورت نہ هوندي آهي. هو سنکئي ڪائڻ کان پري انهيءَ ڪري ڪونہ ڀڄندو آهي تہ ڪو پوليس جو سپاهي هن کي پڪڙي ونندو يا باهہ ۾ هٿ انهي ڪري ڪونہ وجهندو آهي تہ ڪنهن مئجسٽريٽ هن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو آهي اها تہ هن جي اندر هڪ تقاضا آهي جنهن جي ڪري هو پاڻمرادو پنهنجو پاڻ تي اهڙي قسم جي پابندي عائد ڪري ٿو. اها پابندي بہ تڏهن ئي هن لاءِ ممڪن آهي، جڏهن هن کي اهو يقين ٿي وڃي ٿو تہ هاڃيڪار شين کان پري رهڻ هن لاءِ نفعي جي ڳالهہ آهي. يا هن جي انساني زندگي لاءِ قوت ڏيندڙ ۽ طاقت بخش طريقو اهو ئي آهي. اها تہ ڳالهہ ٿي انسان جي طبعي زندگي جي، پر اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ جوڳي آهي تہ فقط طبعي زندگي جي نظريي مان انساني زندگي جو تصور پيدا ٿي نٿو سگهي پو تہ ان نظريي ۾ ڪڏهن بہ انسان جي انسانيت



بابت ڪنهن بہ مفاد يا مضرت لاءِ سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ان ۾ تہ نفعي نقصان جو حساب فقط طبعي معيار مطابق ئي ٿيندو آهي يعني تہ جيڪا شيءِ طبعي زندگيءَ لاءِ نفعي بخش آهي تنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن وسيلي حاصل ڪرڻ ڪاميابي هوندي آهي پر انهيءَ جو نتيجو تہ توهان هينئر ئي ڏسي چڪا آهيو تہ اهو فقط فساد، بربادي ۽ تباهي ئي پيدا ڪندو آهي.

# ايمان کان سواءِ طبعي قانونن جا نتيجا

الله تعاليٰ جو هر قانون اڻ ٽر همه گير ۽ سڀني لاءِ هڪ جهڙو آهي ائين ڪڏهن به نه ٿيو ته مسلمان جي کوه جو پاڻي منو هجي پر ڪافر جي کوه جو پاڻي کارو ۽ صحت لاءِ نقصان ڪار هجي ميڻهن موحد پرست ۽ بت پرست ٻنهي جي ٻنين تي برابر وسي ٿو ۽ ٻنهي کي هڪ جيترو فائدو پهچائي ٿو. اهڙي طرح بهار جي موسم مان سڀئي ماڻهو هڪ جهڙو لطف حاصل ڪن ٿا. پاڻي هوا ۽ روشنيءَ جهڙيون نعمتون سڀني لاءِ عام جام آهن ۽ مفت مهيا ڪيون ويون آهن. الله تعاليٰ جو رحمت ۽ ربوبيت وارو قانون هر قسم جي ٻيائي ۽ ويڇائي کان سراسر پاڪ آهي.

ڪائنات جي هر شيءِ الله تعاليٰ جي قانون مطابق ٿئي ڪافر توڙي مومن کي نفعو ۽ نقصان پهچائي ٿي اسان جي چوڌاري جيڪي به شيون ڪم ڪن ٿيون، سي سڀئي خدائي قانونن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن ۽ سندن حڪمن مطابق ٿئي مصروف آهن. اهو انسان ٿئي آهي جيڪو ڪائنات جي هر شيءِ کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت رکي ٿو. حيوانات، نباتات، جمادات ۽ اهڙي قسم جون انيڪ شيون الله تعاليٰ انسان جي تابع ڪري ڇڏيون آهن. اهي انسان جي خدمت لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن ۽ اهي پنهنجي صلاحيت مطابق اها خدمت سرانجام ڏينديون رهن ٿيون.

اها ڪهڙي نعمت آهي جيڪا ڌرتي ۾ پوشيده ناهي، جڏهن ڌرتي ۾ هر ڪاهجي ٿو ته ٻج ڇٽجي ٿو پاڻي ۽ پاڻ ڏجي ٿو ته اها اسان جي لاءِ سر سبز فصل اگائي ٿي، اهو خدائي قانون ٿئي آهي جنهن مطابق اسين سهڻيون جايون، عاليشان باغ، باغيچا، وڻندڙ رستا ۽ گلن جا هارا تيار ڪندا رهون ٿا.

اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا جبلن ۾ موجود نه هجي. لوهه، پيتل، شيهو چاندي، سون ۽ پلاٽينم وغيره ـ وري انهن ڌاتن ۾ ٻيون اڪيچار شيون مخفي آهن. لوهه جي اندر سُئيءَ کان وٺي ٽينڪ ۽ پاڻي جي وڏن وڏن جهازن



تائين مصنوعات لڪل آهن اهڙي طرح جبلن مان ڪاٺ به ملي ٿو ڪاٺ مان عمارتون ٻيڙيون ۽ ٻيو سامان ٺهي ٿو.

ڪنهن شيءِ جي اصل جوهر کان ڪم وٺي ان کي تابع ڪرڻ، قرآن ڪريم جي اصطلاح ۾ ان کي تسخير چيو ويجي ٿو. الله تعاليٰ سمنڊ کي اسان لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو آهي ۽ تسخير جي محسوس شڪل اها آهي ته وڏا وڏا جهاز سمنڊ جي سيني تي ترندي اسان جي خدمت ۾ مصروف آهن. پر انهن جهازن جو هلڻ به پاڻي جي مخصوص خاصيت جي ڪري ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي، پاڻي جي ظاهري خاصيت اها آهي ته اهو هر شيءِ کي ٻوڙيندو آهي جيڪڏهن اسين سمنڊ ۾ به هزار ٽن لوهه جي خوبصورت چادر کي تارڻ جو ارادو ڪريون ته سمنڊ ان کي غرق ڪري ڇڏيندو پر پاڻيءَ ۾ هر شيءِ کي تارڻ جي خاصيت به موجود آهي اگر اسين چادرن کي موڙي هڪ خاص نموني سان تيار ڪريون ته اهي آساني سان سمنڊ ۾ تري سگهن ٿيون ۽ سمنڊ انهن جي تابع ٿي وڃي ٿو.

سج جي تيز روشني ۾ ڪيترين ئي ريڊيائي لهرون لڪل آهن اهڙي طرح هوا ۾ اڪيچار قسم جون گيسون پوشيده آهن. ايٿر کي ڪٿي وٺو جيڪو اڄ ڏينهن تائين اسان کي سج جي گرمي ۽ روشني پهچائيندو هو. اڄ اهو پنهنجي مخفي خاصيتن جي ذريعي جيڪي لکن سالن کان منجهس لڪل هيون وائرليس (ريڊيو جون لهرون) اسان تائين پهچائي رهيو آهي ۽ ان ڪانسواءِ عڪسي لهرن جي وسيلي ٽيلويزن جون تصويرون پڻ دنيا جي سامهون پيش ڪري رهيو آهي.

انسان کي قدرت طرفان اندروني قوتون به ڏنل آهن مثلاً ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ڇهڻ جن کي حواس خمسه چيو وڃي ٿو. ان کان علاوه سوچڻ، ڳالهائڻ حافظو ۽ هاضمي جون قوتون به آهن جيڪي انسان جي ڀلائيءَ خاطر کيس عطا ٿيون آهن.

جيڪڏهن انهن سڀني شين کان طبعي قانونن مطابق ڪم ورتو وڃي

ته انهن جو نتيجو ضرور سنو ظاهر ٿيندو ۽ انهيءَ نتيجي ۾ عرب يا غير عرب ڪاري يا گوري، مومن يا ڪافر جو ڪو به فرق نه هوندو آهي. الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ يا نه آڻڻ جو اثر اسان جي انهيءَ قسم جي عملن جي نتيجن تي نٿو پوي، ڇو ته هر ڪم لاءِ جيڪي طبعي قانون مقرر آهن جيڪڏهن انهن مطابق ڪم ڪيو ويندو ته لازمي نتيجو به صحيح نڪرندو. پر جي انهن قانونن ۽ ضابطن جي پيچڪڙي ڪبي ته فطرت جي خود اها تقاضا آهي ته نتيجا به الٽا ۽ ابتڙ نڪرن. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ ڪائنات ۾ جيڪي به طبعي قانون مقرر ڪيا آهن تن موجب هر عمل جو نتيجو انهن جي مطابق ئي نڪرندو يا نڪري ٿو. اهڙي طرح اسين ڏسون ٿا ته تمدني ۽ معاشرتي قانون مطابق صحيح عمل ڪرڻ سان هر اها قوم ترقي ڪري ٿي جيڪا صحيح طريقي مطابق استقلال ۽ ضابطي ڪان ڪم وٺي ٿي.

مسلمانن پنهنجي ابتدائي دور ۾ قدرت جي تمدني ۽ معاشرتي قانون تي جڏهن عمل ڪيو ۽ ضابطي ۽ انصاف سان هليا ته دنيا جي وڏي حصي تي سوين سالن تائين عزت، وقار، نيڪ نامي ۽ هر دلعزيزي سان حڪومت ڪندا رهيا. پر جڏهن سندن اخلاق ۽ ڪردار ۾ ڪمزوري اچي ويئي ته مٿن سنو ڪردار رکندڙ ٻيون قومون غالب ٿي ويون. ايستائين جو انگريز ست سمندر لتاڙي اچي برصغير هند تي قابض ٿي ويو. جيتوڻيڪ محڪوم قومن سان انگريز جو رويو سنو نه هو پر منجهن حڪمراني ڪرڻ ۽ امن امان قائم ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي، هو پنهنجي قانون نافذ ڪرڻ ۾ مخلص هئا عدل ۽ انصاف جي صلاحيت منجهن موجود هئي انفرادي طور تي به اهي چڱن گڻن جا مالڪ هئا. ان ڪري روزمره جي معاملن ۾ صفائي سان هلندا هئا. وعدي پاڙڻ جا پابند هئا، ڏيتي ليتي ۽ معاملات ۾ به چڱو ڪردار هئن. محنت ۽ جفاڪشيءَ ۾ به هو اڳڀرا هئا. انهن گڻن جي ڪري ئي نه فقط حڪومت حاصل ڪيائون پر دولت به جهجهي ڪمايائون. انگريزن جي جاءِ تي هينئر اهو ڪردار جرمني ۽ جاپان وارا ادا ڪري رهيا آهن. هن وقت اهي



ساري دنيا جي واپار تي ڇانيل آهن. محنتي، جفاڪش ۽ سچار آهن. سنو مال تيار ڪن ٿا ۽ وقت تي مال پهچائين ٿا. تنهن ڪري دنيا جون بازارون سندن تيار ٿيل سامان سان سٿيون پيون آهن. تجارت ذريعي مال ۽ دولت ڪمائڻ سان گڏوگڏ سندن عزت ۽ نيڪ نامي به واڌارو ٿي رهيو آهي، سندن ڪردار جي هر هنڌ واکاڻ ٿي رهي آهي. هوڏانهن چين به پنهنجي ملڪ جي معاشي پهلو ڏانهن ڌيان ڏنو آهي. قوم ۾ مساوات جو روح ڦوڪيو اٿن. حڪمرانن ۽ رعيت جي وچ ۾ معاشي فرق کي گهٽائي ڇڏيو ويو آهي، سادگي کي قومي خاصيت بڻائي ڇڏيو اٿن. چوري چڪاري ۽ رشوت جي لعنت کي پاڙان پٽي ڇڏيو اٿن. معاملات ۾ قوم کي ديانتداري جو سبق ڏنو اٿن. محنت ۽ اصول پرستي سندن قومي شعار بڻجي پيو آهي. عام تعليم جي ڪري بدڪاري ۽ اخلاقي برائين جو خاتمو اچي ويو آهي ۽ دولت جي ضايع ٿيڻ جو ڊپ لهي ويو اٿن.

اسان کي اها به خبر آهي ته ٿورو وقت اڳ ويٽ نام دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت آمريڪا کي، جنهن وٽ هٿيارن جا ڍير ۽ دولت جا انبار هئا، پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍيائون. ان جو سبب فقط اهو هو جو اتي جي حڪومت جو سرشتو اهڙي نموني سان قائم ڪيو ويو هو جنهن ۾ زندگي ۾ رهڻي ڪهڻي جي ليول هڪ جهڙي رکي ويئي هئي. ننڍ وڏائي کي ختم ڪيو ويو هو. پوري قوم جي اندر اخلاص ۽ عمل گڏيل جدوجهد جو جذبو پيدا ڪيو ويو هو جنهن جي ڪري اهي راڪاس کي پڇاڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا. سندن ڪاميابي به ڪائنات جي طبعي قانون جي عين مطابق هئي. پر جيئن ته اهي ملڪ ۽ قومون ايمان جي دولت کان محروم آهن ۽ هيون ان ڪري انهن جي سڄي مادي ترقي ۽ مفاد جو دائرو فقط فقط پنهنجي قوم تائين محدود رهيو. ٻين ملڪن کي ان مان ڪو به فائدو نه رسيو. انهن هر چڱو ڪم صرف پنهنجي لاءِ يا پنهنجي قوم ۽ ملڪ خاطر ئي پئي ڪيو ٻين قومن سان سندن رويو اجتماعي ۽ سياسي ٺڳي ۽ ڪوڙ تي ٻڌل هو انهيءَ

ساڳئي ويٽ نام اڳتي هلي ڪمپوچيا سان جيڪي ڪلور ڪيا سي ڪنهن کان به ڳجها نه آهن. هن معاشي ۽ معاشرتي انصاف ۽ قانون جي جيڪا ڪسوٽي پنهنجي قوم لاءِ مقرر ڪئي سا ڪمپوچيا وارن سان معاملي ڪرڻ مهل وسري وين. اها بدقسمتي آهي جو هر ملڪ صرف پنهنجي قوم جي ماڻهن سان ئي ايمانداري وارو رويو اختيار ڪري ٿو ته جيئن پنهنجي ملڪ اندر امن سان رهي سگهن پر ٻين قومن سان وهنوار ۾ عدل ۽ انصاف جو رويو ڪير به اختيار نه ٿو ڪري، سياست ۽ بين الاقوامي تعلقات مان ته ايمانداريءَ جو نالو مورڳو ئي نڪري ويو آهي.

انسان جي اندر حقيقي انقلاب فقط تڏهن ئي پيدا ٿي سگهي ٿو جڏهن خالق ڪائنات تي ايمان ۽ طبعي تمدني قانونن سان گڏوگڏ هن جي دل به تبديل ٿئي ۽ ان ۾ خدا جو خوف پيدا ٿئي. اها ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن سان زندگيءَ جو قالب ئي مٽجيو وڃي. انسان ٻين سان ڀلائي ۽ خير خواهي، رواداري ۽ محبت ڪرڻ سان خوشي محسوس ڪري ٿو. دنيا ۾ فقط ايمان ئي امن سڪون ۽ خوشي سان ٺمتار جنت قائم ڪري سگهي ٿو. ايمان اها عالمگير برادري قائم ڪري ٿو جنهن ۾ ساري دنيا جا انسان هڪ ئي رشتي ۾ ڳنڍجيو وڃن. خدا جي ڏسيل هدايتن تي انسان جيترو به عمل ڪندو ويندو اوترو ئي هو شاندار نتيجا ڏسندو. وهنوار صحيح ڪندو ۽ ايمانداريءَ کان ڪم وٺندو ته سندس ساک قائم ٿيندي، مال ۽ دولت پڻ حاصل ٿيندس. تحقيق ۽ ڳولا ۾ جيتري ڪوشش ڪندو ته خدا جون لڪل نعمتون اوتريون ئي سندس اڳيان ظاهر ٿينديون وينديون. هو چنڊ، مريخ ۽ مشتري تائين به پهچي ويندو، پر مڪمل نتيجو ۽ ڦل ڪيس فقط تڏهن ئي حاصل ٿيندو، جڏهن هو تحقيق ۽ ڳولا جو ڪم خدا جي ذات تي ايمان ۽ يقين جي حالت ۾ ڪندو. ايمان مان ڪيس خود به فائدو ٿيندو ته قوم ۽ ملڪ کي به نفعو حاصل ٿيندو، بلڪه ان مان ساري انسان ذات لاڀ پرائيندي بنا ايمان جي اهي سموريون ترقيون عارضي رهنديون ۽ ڪي ٿورا انسان ئي



انهن مان فائدو وٺي سگهندا. عالمگير امن، پائدار خوشي ۽ هميشه قائم رهندڙ صلح، سانت، ايمان کانسواءِ ٻئي ڪنهن به شيءِ مان حاصل نه ٿي سگهندا.

اهي ماڻهو جيڪي نه پنهنجي اندر ايمان جو صحيح اسپرٽ پيدا ڪن ٿا ۽ نه وري ان تي صحيح عمل ڪن ٿا، تن کي دين ۽ دنيا جي فائدن مان ڪجهه به پلئه نه پوندو ۽ شايد اسين مسلمان اڄ انهيءَ گروهه ۾ ئي شامل آهيون، جو نه ته اسين پنهنجي ايمان کي حقيقي ۽ ڪامل بڻايون ٿا ۽ نه وري عمل ئي صحيح ۽ صالح ڪريون ٿا. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي ته بنا ايمان جي دائمي امن ۽ مستقل اطمينان حاصل ٿي ئي نه ٿو سگهي، البت عارضي طور تي ڪجهه ٽاپر ٿي ويندي آهي، جيئن ماده پرست قومن کي ظاهري ترقي حاصل آهي چو ته ايمان کان سواءِ انسان پنهنجي ذاتي، قومي ۽ ملڪي مفادن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به سوچي نٿو سگهي. انسان ذات جي مفاد ۽ ڀلائي جو جذبو صرف ايمان سان ئي پيدا ٿئي ٿو. ايمان نه هجڻ جي حالت ۾ ماده پرست قومون ٻين قومن تي ظاهري طرح جيڪي به نوازشون ۽ مهربانيون ڪن ٿيون، اهي به فقط استحصال خاطر ئي هونديون آهن. اهڙي طرح آخرڪار بين الاقوامي لڙائي جهڳڙي جا ٻج ڇٽجي ويندا آهن. اهي قومون ٻين جي مفادن کي قربان ڪري پنهنجي قوم کي نوازڻ جون ڪوششون ڪنديون آهن. جڏهن ته ٻين قومن لاءِ هن جي طرفان استحصال برداشت ڪان ٻاهر هوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي جيڪي قومون انهيءَ طريقي سان ٿوري ڪي گهڻي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪنديون آهن، سا ٿوري ئي عرصي ۾ سندن ٽڪراءُ ۽ لڙائي جي نذر ٿي ويندي آهي.

مٿي اهو بيان ٿي چڪو آهي ته الله تعاليٰ جا طبعي قانون ۽ انهن جا نتيجا ڪڏهن به تبديل نٿا ٿين. جيئن اسان کي يقين آهي ته سنکيو ملايل ڪاڙو ماريندڙ آهي تيئن اسان کي ان ڳالهه تي به پڪو ايمان ۽ ڪامل يقين رکڻ گهرجي ته حرام ڪمائي جو هڪ گرهه به ايمان لاءِ قاتل زهر آهي ۽

پوري سماج ۾ انسانيت لاءِ موت جو ڪارڻ آهي. حرام ڪمائيءَ جا اثر اڄ اسان جي آڏو اچي چڪا آهن. انسانيت موڪلائي چڪي آهي. انس ۽ محبت نالي ماتر وڃي رهي آهي. هر ملڪ ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جو ماس کائي رهيو آهي. دنيا جا اڪثر ملڪ هڪ ٻئي جي خلاف سازشن ۾ مصروف آهن. انسان جڏهن الله جي هدايل دڳ کي ڇڏي هڏي چم ۽ ماس تي مدار رکندڙ مادي زندگي جي پويان ڪاهي پوي ٿو ته پوءِ هو جانور ۽ حيوانن جي ليول تي پهچي وڃي ٿو. سندس زندگي سراسر لڙائي ۽ فساد جو نمونو بڻجيو وڃي ٿي. فرق رڳو ايترو هوندو آهي ته جانور ڏندن ۽ چنبن سان وڙهن ٿا ۽ هي انسان جنگ ۾ ايٽمي راڪيٽ ۽ هائيڊروجن وارا ميزائل استعمال ڪري ٿو.

جيڪڏهن انسانن تي حيوانن وارو رنگ چڙهي وڃي ته پوءِ هو پنهنجي علم ۽ هنر کي تباهي آڻيندڙ اوزار ۽ هٿيارن ناهڻ ۾ استعمال ڪرڻ لڳي ٿو. اهي هٿيار ۽ اوزار اڳي گهٽ علم هئڻ سبب انسان کي ميسر نه هوا. هاڻي جڏهن علم جي ذريعي اهي هن کي هٿ آيا آهن ته ٻي عالمگير جنگ ۾ انسانيت جي خلاف استعمال ٿيا.

اسان کي پنهنجو جائزو وٺڻ گهرجي ته ڇا واقعي اسان خالق ڪائنات جي جوڙيل جزا ۽ سزا جي قانون کي مڃون ٿا ۽ جي مڃون ٿا ته پوءِ اهي ڪم ڇو ٿا ڪريون، جن کان الله تعاليٰ واضح طور تي جهليو آهي؟ اسان کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي ته هن چند سالن جي ڄمار ۾ اسين ريا، ملاوٽ، رشوت، چور بازاري ۽ مهانگائي، فريب، ظلم، ماپ تور ۾ گهٽتائي ۽ ٻين ڪيترن قسمن جي ذاتي مفاد پرستي کي ڏنڊو بنائي ڇو ويٺا آهيون؟



# اوائلي دور جو اسلام

ايمان جي صحيح مفهوم کي سمجهڻ لاءِ اسان کي حضور ﷺ جن جي شروعاتي دور کي نظر مان ڪڍڻو پوندو. ايمان جي جيڪا دعوت اسلام جي شروعاتي دور ۾ ڏني وئي هئي، اها دراصل پوري انساني زندگي ۾ هڪ زبردست انقلاب آڻڻ جي دعوت هئي. جن ماڻهن ايمان آندو هو، تن جي زندگي حيرت انگيز نموني مڪمل طور تي بدلجي ٿي ويئي. ڇو ته کين ڄاڻ هئي ته ايمان سڄي زندگي جي قالب کي بدلائي ڇڏڻ جو نالو آهي. تنهن ڪري دين کي قبول ڪندڙ انسان اهڙو ته مضبوط يقين رکندڙ ماڻهو ٿي ويا، جو جڏهن هڪ ڀيري ايمان آندائون ٿي ته پوءِ طرحين طرحين مصيبتون ۽ ڏک ڏکڙا سنائون ٿي، پر سندن ايمان ۾ ڪو لهر لوڏو نه ٿي آيو. اهڙين هستين ۾ حضرت بلال حبشي به هو. آنحضرت ﷺ جن کي سچو ۽ امين سمجهندا هئا ۽ اهو پاڻ ڄاڻندا هئا ته پاڻ سڳورا ڪڏهن به ڪوڙ نٿا ڳالهائين. پر انهيءَ علم جي باوجود اهي سندن سخت مخالف ٿي بيٺا ۽ مومنن کي تڪليفون ٿي ڏنائون. انهن مخالفن ۾ ابوجهل جو نالو مڙني کان مٿيرو آهي. ٽئين قسم جا اهي ماڻهو هئا، جيڪي حضور ﷺ جن سان گهڻي محبت ڪندا هئا ۽ پاڻ سڳورن جي حمايت به ڪندا رهندا هئا، پر اهي پڇاڙيءَ تائين پنهنجي اباڻي مذهب کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه ٿيا. آنحضرت ﷺ جن جو چاچو ابو طالب انهن ۾ سرفهرست هو. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته عربستان جا ماڻهو ايمان جي حقيقي تقاضا کان چڱي طرح واقف هئا. اهي ماڻهو پنهنجي زبان دانيءَ جي ڪري ڪلمي لا اله الا الله جي مطلب ۽ معنيٰ کان پوري طرح آگاهه هئا. کين نه فقط اها ڄاڻ هئي ته توحيد جي معنيٰ الله جي واحد ذات کان سواءِ سڀني باطل معبودن جو انڪار ڪرڻ آهي، بلڪ اهو پڻ معلوم هئن ته ان جو لازمي نتيجو الله تعاليٰ جي حاڪميت اعليٰ جي آڏو پنهنجو ڪنڌ نمائڻ آهي، مطلب ته هي ڪلمون هر اقتدار جي برخلاف

هڪ ڪليل چيلينج آهي. خود پنهنجي ذات ۾ نفس جي خلاف جهاد پڻ آهي. انهيءَ ڪملي جو اهو ئي اهو شعور هو، جنهن ڪري اول تہ هو ايمان کان ٿهندا رهيا، پر جڏهن ايمان آندائون تہ پوءِ ڪابہ شيءِ کين ايمان کان ڦيرائي نہ سگهي.

ايمان جي اها دعوت، زندگي جي ڪنهن بہ هڪ پهلو کي بدلائڻ جي دعوت ڪانہ هئي، پر سڄي زندگيءَ کي انهيءَ دعوت مطابق بنائڻ ئي اصل مقصد هو اهو ئي سبب آهي جو ايمان آڻڻ کان پوءِ صحابہ ڪرام رضہ جن جون زندگيون بنهہ بدلجي ويون هيون. ڪوڙ کان نفرت، سچائيءَ سان محبت، عمل ۾ اخلاص، خير خواهي، صاف گوئي، حق شناسي، حق جي شاهدي، ظاهري ۽ باطني پاڪائي، اهي سڀئي صفتون سندن طبيعت جو جزو بڻجي ويون هيون. تنهن ڪري هڪ مومن اهو سوچي بہ نہ پيو سگهي تہ هو ايمان جي حالت ۾ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي يا دوکو ڏيئي سگهي ٿو. يا ڪا خيانت بہ ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ شيون ايمان جي ابتڙ ۾ ضد آهن. هو ڪنهن جو بہ حق غصب نہ ٿو ڪري ۽ هو پنهنجو پئسو وقت ۽ پنهنجون صلاحيتون ٻين جي بهبوديءَ لاءِ استعمال ڪري خوشي محسوس ڪري ٿو هو ايثار جو اهڙي طرح مظاهرو ڪري ٿو جو پنهنجون ضرورتون گهٽائي بہ، ٻين جون ضرورتون پوريون ڪري ٿو. هو قول جو سچو ۽ وعدي جو پڪو هوندو آهي. هو سڀني معاملن ۾ کرو ۽ صاف سٿرو هوندو آهي، سندس معاشي زندگي پاڪائيءَ ۽ سچائي جو مڪمل نمونو هوندي آهي. اهي سمورا اخلاق ۽ سنا گڻ سندس ايمان جو لازمي جزو هوندا آهن. ايمان آڻيندي ئي هن جي زندگي جو رنگ ڍنگ بدلجي ويندو آهي. ان ڪري اسلام جي ابتدائي تاريخ ۾ جتي اسين عربن کي اسلام جي برخلاف لڙائي ڪندي ڏسون ٿا، اتي اهو بہ نظارو ڏسون ٿا تہ هو اسلام قبوليندي ئي نهايت پرجوش داعي ۽ مبلغ بڻجي وڃن ٿا ۽ هو اسلام جي لاءِ جان ۽ مال خوشي سان قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار ڏسجن ٿا. اهو انقلاب اسلام قبول ڪندي



ئي منجهن پيدا ٿي وڃي ٿو.

**ڪلمہ طيبہ**

انسان، اسلام ۾ ڪلمو پڙهي داخل ٿئي ٿو. اهو ڪلمو چند لفظن تي مشتمل آهي. لا اله الا الله محمد رسول الله. زبان سان اهي لفظ ادا ڪندي ئي انسان ڇا مان ڇا ٿي وڃي ٿو. اهو ڪلمو پڙهندڙ هڪ امت ٿي وڃن ٿا. جڏهن تہ ان جو انڪار ڪندڙ سڀئي ٻي امت ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ هڪ ماڻهو جيڪو ڪلمو پڙهي ٿو اهو هڪڙي پاسي ٿي وڃي ٿو ۽ سڄي دنيا جا ماڻهو ٻئي پاسي ٿي وڃن ٿا. هي ڪلمو اهڙي شيءِ آهي، جيڪو پراون کي پنهنجو ڪري ٿو ۽ پنهنجن کي پراون جي صف ۾ شامل ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي ٿورو غور ڪري ڏسو تہ آخر ايڏو فرق ڇاجي ڪري پيدا ٿي وڃي ٿو. ڪلمي ۾ رکيو ڇا آهي، فقط چند حرف ئي تہ آهن. رڳو وات کولي ۽ زبان استعمال ڪري چند لفظن ادا ڪرڻ سان آخر ايڏي تبديلي ڪيئن واقع ٿي وڃي ٿي.

هتي لفظن کان وڌيڪ اصل شيءِ معنيٰ آهي. لفظن جي تاثير معنيٰ سان آهي، جيڪڏهن معنيٰ جو اثر دل ۾ نٿو ويهي تہ اسان جا اخلاق ۽ عمل تبديل نٿا ٿين تہ خالي لفظن ادا ڪرڻ سان ڪو بہ اثر نہ ٿيندو. اها ڳالهہ هڪ مثال سان سمجهي سگهو ٿا. فرض ڪريو تہ اسان کي سخت سردي لڳي ٿي. جيڪڏهن اسان زبان سان سَوڙ سَوڙ چوندا رهنداسي تہ ظاهر آهي تہ سردي بند نہ ٿيندي، توڙي جو اوهين رات ڀر لک ڀيرا سِوڙ سَوڙ پڪاريندا رهو پر ان جو سردي تي ڪو اثر نہ پوندو جيستائين ڪہ اوهين سردي کان بچڻ جي لاءِ سوڙ نهرائي، اها مٿان پائڻ نہ لڳو. فرض ڪريو . اسان کي اڄ لڳي ٿي. اسين صبح کان شام تائين پاڻي پاڻي پڪاريندا رهنداسين تہ اڄ هرگز نہ لهندي، ها پاڻي ڪٽي پيئنداسين تہ ان کان پوءِ جگر کي آرام ضرور حاصل ٿيندو.

اهو ئي حال ڪلمہ طيبہ جو آهي، فقط زبان سان ڇهہ ست لفظ ادا ڪرڻ

جي ڪري ايڏو وڏو فرق نٿو پوي، اگرچہ (ڪلمي پڙهڻ سان فرد، ايمان جي دائري ۾ داخل ٿي ويجي ٿو) پر زندگي حقيقي فرق تڏهن پوندو ، جڏهن پهريائين انهن لفظن جو مطلب سمجهيو وڃي ۽ اهو مطلب اسان جي دلين ۾ ويهي وڃي، ان ڪان پوءِ جڏهن اسين اهي لفظ زبان مان ڪڍون تہ اسان کي چڱي طرح احساس هجي تہ اسين الله تعاليٰ ۽ ساري دنيا جي سامهون ڪيڏي اهم ڳالهہ جو اقرار ڪري رهيا آهيون ۽ انهيءَ اقرار سان ئي اسان جي مٿان ڪيڏي ذميواري عائد ٿي وئي آهي. جڏهن اسان شعوري طور ڪلمي جو اقرار ڪيوسي تہ ان ڪان پوءِ اسان جي خيالن ۽ اسان جي سڄي زندگي تي انهي ڪلمي جو غلبو هئڻ گهرجي ۽ پوءِ اسان کي هميشہ لاءِ اهو فيصلو ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ جيڪا ڳالهہ انهي ڪلمي جي ابتڙ آهي، اها غلط آهي ۽ هي ڪلمو ئي سچو آهي. پوءِ اسان جي زندگي جي سمورن معاملن ۾ ڪلمي کي ئي بالادستي حاصل هئڻ گهرجي. ڪلمي جو اقرار ڪرڻ ڪان پوءِ اسين ٻين وانگر آزاد ناهيون تہ جيڪي وڻي، سو ڪريون، بلڪ هاڻي اسين انهي ڪلمي جا پابند آهيون، جيڪي اهو چوي، سو ئي ڪرڻو پوندو ۽ جنهن شيءِ کان جهلي، انهيءَ کي ڇڏڻو پوندو. اهڙي طرح ڪلمو پڙهڻ سان انسان مسلمان ٿي ويندو آهي ۽ ائين ڪلمي پڙهڻ جي ڪري انسان ۽ انسان جي وچ ۾ وڏو فرق واقع ٿي ويندو آهي.

### ايمان ۽ ذهني انقلاب

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ ايمان آڻيندي ئي هڪ مومن جي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو اچي ٿو. تنهن ڪري اهو سمجهڻ صحيح نہ آهي تہ ايمان آڻڻ کان پوءِ زندگي جو نمونو اڳوڻو ئي قائم رهندو آهي يا جي تبديلي ايندي بہ آهي تہ تمام آهستي آهستي: جڏهن تہ حقيقت ان جي ابتڙ آهي. ايمان، فرد جي دل ۾ جاءِ والاريندي ئي هڪ ذهني انقلاب برپا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان کان پوءِ ذاتي زندگي جي سڀني شعبن ۽ خاص طور تي معاشي زندگيءَ ۾ پنهنجو عمل دخل شروع ڪري ڏيندو آهي. البت انهيءَ انقلاب جا اثرات



پوري سماج يا سوسائٽي ۾ آهستي آهستي نمودار ٿيندا آهن. دراصل انهيءَ معاشرتي انقلاب لاءِ گڏيل ڪوششون گهربل هونديون آهن ۽ ڪو بہ معاشرو طويل عرصي تائين لڳاتار ڪوشش ڪان پوءِ مس وڃي اصلاح تي آماده ٿيندو آهي. جيئن تہ معاشرو فردن جي ميڙ جو نالو آهي، تنهن ڪري فرد جيترا بہ نيڪ صالح ٿيندا ويندا، معاشرو ساڳي رفتار سان نيڪي تي هلڻ لڳندو آهي، جيڪڏهن ماڻهن جي اڪثريت جو ايمان ڪمزور هوندو آهي تہ انهيءَ ڪمزوريءَ مان بدديانتي، خيانت، رشوت ۽ دوکي وغيره جهڙيون اخلاقي بيماريون ظاهر ٿينديون آهن ۽ اهو معاشرو بدترين لکيو ويندو آهي، پر جيستائين فردن جي زندگين ۾ تبديلي نٿي اچي، تيستائين معاشري جو سڌارو ٿي نٿو سگهي.

### آزمائش

اهي انسان جيڪي دين قبول ڪرڻ ۾ سڀني کان اڳتي قدم وڌائين ٿا، تن کي اهو نڪتو چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ جتي ايمان ۾ پيش قدمي ڪرڻ جو وڏو درجو آهي. ساڳئي وقت ذميواري بہ تمام وڏي آهي. اهڙن ماڻهن کي آزمائش جي بٺيءَ مان ضرور لنگهڻو پوندو آهي. جيئن حضور ﷺ جن خود نبوت جي ابتدائي زماني ۾ سخت مصيبتن ۽ سختين مان گذريا هئا. پاڻ سڳورن ۽ صحابہ ڪرام رضہ کي معاشي مصيبتن ۽ ٻين طرح طرح جي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو هو.

اسلام هڪ لڳاتار جاکوڙ ۽ جدوجهد جي دعوت آهي. هيءَ مشرڪانہ عقيدن تي تنقيد آهي. خراب اخلاق تي روڪ آهي ۽ سٺي اخلاق جي سکيا آهي. ان جي موٽ ۾ مشرڪن جي پاران ظلم ستم آهن. ايذاءَ ۽ تڪليفون آهن. پر مڪي ۾ حڪم ٿيو آهي تہ مار کائو پر پنهنجي بچاءَ ۾ طاقت استعمال نہ ڪريو. توڙي ڪٽي توهان کي ٽانڊن ۽ اماڙين جي مٿان ليٽايو وڃي، جو هيٺان زمين مان باهہ نڪرندي هجي ۽ مٿان سج جي تپش جا الا وسندا هجن، ويتر توهان جي سيني تي مٿان پٿر جي ڇپ بہ رکي وڃي ۽

تنگن کي رسين سان ٻڌي ڪري گهليو به وڃي، سڀ ڪجهه سهندا وڃو پر ٻڙڪ ٻاهر نه ڪيو.

خود حضور ﷺ جن جي ذات پاڪ تي اهي ڪلور ٽيا، جو بيان ڪان ٻاهر آهن. سندس رستي ۾ ڪنڊا پکڙيا ويا، جنهن جي ڪري سندس پير زخمي ٿيا. سندن گهر ۾ گند اڇلايو ويو ۽ نماز ۾ ٻڪڇيءَ جي چوڏاري چادر ويڙهي، ان کي اهڙو ته مروتو ڏنو ويو، جو پاڻ سڳورن جون اکيون ٻاهر نڪري آيون، سجدي جي حالت ۾ پاڻ سڳورن مٿان نجاست سان ڀريل اٺ جو اوجهه رکي ڇڏيو ويو پاڻ سڳورا اهي سڀ ظلم سهندا رهيا، پر مڪي ۾ اهو ئي حڪم هو ته برداشت ڪندا رهو ۽ صبر ڪريو.

ٽن سالن تائين شعب بني هاشم جي قيد ۾ مٿن اهڙي مهل به آئي جو کاڌي لاءِ وٽن ڪجهه به ڪين بچيو، اڄ ۽ ٻڪ جي وگهي بني هاشم جي ٻارن جون زبانون خشڪ ٿي ويون. بني هاشم جو سارو قبيلو نبي اڪرم ﷺ سان گڏ انهيءَ گهاٽيءَ ۾ بند ٿيل هيو. طائف وارو واقعو ڏسو جتي هڪڙي ڏينهن ۾ ئي اهڙو ويل وهي ويو جو مڪي ۾ ڏهن سالن جي عرصي اندر به اهڙو قهر نه ٿيو هوندو، طائف جي سردارن حق ۽ توحيد جي دعوت کي حقير ڪل پوڳ سمجهي نڪرائي ڇڏيو نه فقط ايترو پر جڏهن نبي ﷺ جن اتي جي حالتن کي ڏسي واپس موٽڻ لڳا، ته شهر جي ڪن سردارن، غنڊن کي سندن پويان ٻچي ڇڏي، جن پٿرن جو وسڪارو لائي ڏنو ۽ خاص طور تي پيرن جي ٽڪين کي چٽي چٽي ٿي هنيائون. مٿان وري هنبوچيون ۽ ٽاڙين جو نڪاءُ هئن. تان جو حضور ﷺ جن جو جسم مبارڪ رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. جوتن اندر ترا ته رت سان ڀرجي ويا، جنهن ڪري پير مبارڪ جوتن سان چنبڙي پيا هئا. هي اهڙو موقعو هو جنهن تي جيڪر ڌرتي ڏٻي وڃي ها ته عجب نه هو.

مصيبتن جا اهي سخت ڏهاڙا رسول الله ﷺ جن جي ذات تي آيا ته صحابه ڪرام تي به. اسان جي لاءِ غور ڪرڻ لائق نڪتو هي آهي ته اها



ساري جدوجهد ۽ جاکوڙ انساني سطح تي ئي ٿي آهي، جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته رسول الله ﷺ جي پيرن ۾ ڪنڊو نه لڳي ها، پر ائين نه ٿيو. ڇو ته جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته پوءِ ته (قيامت تائين ايندڙ فردن تي) خدا جي پاران ايمان جي حجت پوري نه ٿي سگهي ها. جيئن ته اهو انقلاب فقط عربستان تائين محدود ڪرڻو نه هو، پر ساري دنيا ۾ برپا ڪرڻو هو ۽ ان تي عمل به انسان کي ئي ڪرڻو هو. تنهن ڪري رسول الله ﷺ جو عمل اسان جي لاءِ حجت تڏهن ئي ٿي سگهيو آهي، جڏهن اهو خالص انساني سطح تي هجي ها، سو ائين ئي ٿيو پاڻ سڳورن هر قسم جا ڏک ڏاکڙا سنا، بکون ڪاٽيون، پٿر کاڌا، تان جو پنهنجيون جايون جڳهيون ۽ اڏيون مڏيون ڇڏي هجرت ڪري مديني شريف ۾ اچي رهيا، پر اتي به دشمنن پيڇو نه ڇڏيو. لڳاتار حملا ۽ لڙايون ڪندا رهيا. آخرڪار هتي حڪم ٿيو ته هاڻي انهن سان توهين به مقابلو ڪريو ۽ دشمنن کي مزو چکايو. انهن لڙاين ۽ جنگين کان پوءِ مس مس وڃي اسلامي نظام قائم ٿيو.

هن دور ۾ اسين به دين کي ٻيهر زنده ڪرڻ لاءِ جڏهن به اٿنداسين ته مصيبتن ۽ مشڪلن جي اهي ئي سنت هلي اچي. اها ئي رسولن جي واٽ آهي. هن دعوت جو ڪم هٿ ۾ ڪٽڻ سان ئي سڄي دنيا جون قومون بلڪه پنهنجي ملڪ جا ماڻهو به اسان جا دشمن ٿي پوندا. ڇو ته جيڪو معاشرو توحيد جي نقشي مطابق نهندو، تن کي پلا باطل ڪيئن برداشت ڪندو.

پر اسان جي سڃاڻپ اها آهي ته اسين پنهنجي مقصد لاءِ ڪو به غلط طريقو اختيار نه ڪريون. وعدي خلافي نه ڪريون، دوکو نه ڏيون ۽ نه وري ڪنهن جو حق ماريون. هر ڪم خدا جي حڪم مطابق ڪريون ۽ ٻين کي به اهو ئي تاڪيد ۽ نصيحت ڪندا رهون. حق ۽ باطل جي لڙائي بالڪل طبعي حقيقت آهي. اسلام ۽ ڪفر به هڪ ٻئي کان بالڪل ڌار ڌار ملتون آهن. انهن جي پاڻ ۾ عداوت ۽ جنگ ته هميشه رهڻي آهي. اسان کي اهو جاچڻو پوندو ته اسين ڪهڙي ملت ۾ شامل آهيون.

# آخري عرض

هن مقالي لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ ايمان جي دعويدار قوم، ايمان جي صحيح مطلب ۽ مراد کان واقف ٿئي ۽ سڀ کان اڳ صحيح انسان بڻجي ۽ ان کان پوءِ حقيقي مسلمان بڻجي وڃي، هن کي اهو يقين هجي تہ مسلمان ڪڏهن ڪوڙ نٿو ڳالهائي سگهي، دوکو ڏيئي نٿو سگهي، ڪنهن جو حق نٿو ماري، هو وهنوار ۾ سنو ڏيڻ، ڏيڻ وٺڻ ۾ کرو، ڳالهہ جو سچو ۽ وعدي جو پڪو هوندو آهي، ڪمائيءَ ۾ سچائي ۽ ايمانداري کي آڏو رکندو آهي. پاڻ تڪليف سهي بہ ٻين کي آرام پهچائيندو آهي ۽ هي اهو ئي ايثار آهي جنهن جي قرآن ۾ ساراهہ ٿيل آهي.

هن مضمون جو اهو مقصد بالڪل نہ آهي تہ اسين شڪ شبهي يا پريشاني ۾ پئجي وڃون بلڪ ان کان سواءِ ٻيو ڪو غرض نہ آهي، تہ اسين انهيءَ غلط فهمي مان ٻاهر نڪرون تہ اسان جي زندگي جو موجوده رنگ ۽ ڍنگ اسلام جي عين مطابق آهي، حقيقت اها آهي تہ الله تعاليٰ، اسلام جي جيڪا واٽ اسان لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي، اسين انهيءَ کان ٿڙي ويا آهيون. اسلام جي نئين سر اپڙڻ جو رستو فقط هڪڙو ئي آهي. اهو هيءُ آهي تہ ڪي دردمند ۽ فڪرمند انسان اٿي کڙا ٿين، جن جون دليون اسلام جي روشني کي ڦهلائڻ جو پڪو پهہ ڪن، توڙي ڪٺي ڪين انهيءَ راهہ ۾ پنهنجي جند جان ۽ مال اولاد ڇو نہ قربان ڪرڻا پون.

اهڙي طرح هوريان هوريان اهڙن ماڻهن ۾ واڌارو ٿيندو ويندو، ايستائين جو هڪ اهڙو معاشرو تيار ٿي پوندو جنهن ۾ صحيح طريقي مطابق زندگي گذارڻ سولو ٿي پوندو ۽ غلط زندگي گذارڻ وارن لاءِ وڏ ۾ وڏ مشڪلاتون پيدا ٿي وينديون، اسلام تي عمل ڪرڻ جا ٽي درجا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، پهريون ايمان، ٻيو وڏن گناهن کان بچڻ، ٽيون ديني احڪامن



تي عمل ڪرڻ، پر اسان جي حالت اها آهي تہ اسين اسلام جي پهرين ٻن درجن کي ڇڏي ٽين ۽ آخري ڏاڪي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ظاهر آهي، اها ڪوشش لاحاصل آهي. اسان کي منزلون درجي بہ درجي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي طئي ڪرڻيون پونديون، جيڪڏهن اسان ائين نہ ڪيو تہ پوءِ ٻي صورت ۾ پنهنجي غلط عملن جي سزا تہ اڳي پوڳي رهيا آهيون. حالت اها آهي، جو هر فرد پنهنجي تحفظ جي فڪر ۾ لڳل آهي، تہ متان ڪو ٻيو ماڻهو ڪيس ڳڙڪائي نہ وڃي، جيتوڻيڪ هو پاڻ بہ انهيءَ ڏوهہ ۾ لڳو پيو هوندو آهي تہ ڪو موقعو مليس تہ ٻين جو مال ڦٻائي وڃي. انهيءَ ڦر مار ۽ وٺ پڪڙ واري ذهني عذاب ساري دنيا کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ هر هڪ ماڻهوءَ تي اهو خوف ڇانيل آهي.

وڏن گناهن ۾ جتي ٻيا ڪيترائي عمل اچيو وڃن ٿا، اتي مصلحت خاطر يا فائدي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ يا پنهنجي مفاد لاءِ ڪنهن شيءِ جي اصل حقيقت ظاهر نہ ڪرڻ بہ وڏن گناهن ۾ شمار ٿئي ٿو. اها شيءِ اسان جي زندگيءَ ۾ ايتري تہ رائج ٿي چڪي آهي، جو اسين انهيءَ کي مورڳو گناهہ ئي نٿا سمجهون، جيتوڻيڪ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ دوکو ڏيڻ، ٻين ڪيترن ئي برائين جو بنياد آهي، حج جهڙي نيڪ ۽ مقدس عمل دوران بہ اسين پاڻ کي انهيءَ برائي کان آجو نٿا ڪريون، ناجائز طريقن سان ڪرنسي حاصل ڪريون ٿا. حج تان موٽڻ مهل اسان جي سامان جي تلاشي ورتي وڃي ٿي تہ بندش پيل شيون تہ نہ آنديون اٿئون. اها صورت حال انهيءَ ڪري پيدا ٿي آهي، جو اسان حقيقت کي لڪائڻ جا ڪيترائي بهانا ڳولي ڪڍيا آهن، پنهنجي غلط عمل سبب اسين پنهنجو اعتماد ۽ اعتبار وڃائي ويٺا آهيون، جنهن ڪري اسان کي ڪرنسي بہ پوري نہ ٿي ملي تہ جيئن حج دوران ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪڍڻي پوي ۽ موٽڻ وقت اسين سامان جي تلاشيءَ کان پڻ بچي پئون. تلاشي وٺندڙن کي اهو يقين ٿي ويو آهي تہ اسين ناجائز ۽ غير قانوني

سامان هر صورت ۾ آڻيندا سون. جيڪڏهن اسان همت کان ڪم وٺون ۽ صحيح ڪم ڪندا رهون ته اسين هڪ اهڙو معاشرو تشڪيل ڏيئي سگهون ٿا، جنهن ۾ اسان کي شيون لڪائڻ ۽ ڇپائڻ جي مورڳو ضرورت ئي نه پوي. معاملو فقط ڪسٽم جو ناهي، بلڪ روزمره زندگي ۾ اسين اهڙي قسم جا ڦڏن وارا ڪيئي ڪم ڪندا رهون ٿا.

مثال طور حڪومت جي مقرر ڪيل ٽيڪس کي لڪائڻ جا ڪيترائي طريقا ڳولهي ڪڍيا آهن، جيتوڻيڪ اسين لڳاتار صحيح ٽيڪس جي رقم ادا ڪري ٽيڪس لڳائيندڙن کي آماده ڪري سگهون ٿا ته اهي گهٽ ۾ گهٽ آمدني تي ٽيڪس لڳائين. پر ان جي لاءِ پهريائين اسان کي قرباني ڏيڻي پوندي، جيڪا اسلام جي راه تي هلڻ لاءِ لازمي آهي. بلڪ اسان کي ته انهيءَ لاءِ خوشيءَ سان تيار رهڻ گهرجي ته اسين وڌ ۾ وڌ ٽيڪس ادا ڪريون ۽ ڪامورن کي مجبور ڪريون ته اهي ٽيڪس جي اها رقم عوام جي ڀلائيءَ ۽ بهتري لاءِ خرچ ڪن ۽ حڪمران ۽ سرڪاري ملازم پنهنجي زندگي سادي کان سادي نموني گذارين، ڇاڪاڻ ته اسلامي معاشري ۾ حڪمران ۽ سرڪاري ملازمن تي اهو واجب آهي ته اهي پنهنجي زندگي جو نمونو معاشري جي غريب ماڻهن جهڙو رکن. بهرحال ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته جڏهن اسين خود چوري ڪريون ٿا ته حڪمرانن کي ڪيئن مجبور ڪري سگهون ٿا ته اهي ٽيڪس جي رقم گهٽائين يا وڌيڪ ٽيڪس وصول ڪرڻ جي صورت ۾ اها صحيح طرح خرچ ڪن.

معاشري جي حالت اها آهي يا ٿي پيئي آهي، جو ٽيڪس جي ادائگي جو معاملو هجي، توڙي ڪٽي ڪسٽم جي ڳالهه هجي يا وري ايڪسائيز جي، ڪوشش اها هوندي آهي ته رقم اول ته ٻنهه نه ڏجي، پر جي مجبوريءَ ۾ ڏيڻي پوي ته گهٽ ۾ گهٽ ادا ڪئي وڃي ۽ اسين اصل صورت حال کي لڪائڻ لاءِ هر قسم جا طريقا اختيار ڪريون ٿا. جڏهن اسين حڪومت کان ڪا شيءِ وٺندا آهيون، جيئن لائنسن، ڪوٽا، راشن يا پرڏيهي ناڻو وغيره ته ان وقت



اسان مان هر هڪ انهيءَ حرص ۾ مبتلا هوندو آهي ته اهي شيون وڌ ۾ وڌ هن کي ئي ملن. اٿلندو ٻين جو حصو ٻه سندن پلئه پوي ته ڏاڍو چڱو.

گهڻي حاصل ڪرڻ جي حرص ۾ اسين نه فقط ٻين جو حق غصب ڪريون ٿا، پر ناجائز طريقا پڻ اختيار ڪريون ٿا. حقيقت هيءَ آهي ته عوام ۽ سرڪاري ملازم ٻئي ساڳئي بيماريءَ ۾ مبتلا آهن، اها آهي ايماني ڪمزوري جي بيماري.

اڄ ڪلهه مسلمان ملڪن ۾ اسلامي نظام يا شرعي قانون جي نفاذ تي ڏاڍو زور ڏنو پيو وڃي، پر حقيقت ۾ اهو طريقو صحيح نه آهي، صحيح طريقو اهو ئي آهي ته پهريائين ماڻهن جي دلين ۾ ايمان جو صحيح تصور پيدا ڪيو وڃي ۽ سچي ايمان جو ٻج ڇٽيو وڃي. وڏن گناهن کان بچائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن. تنهن کان پوءِ دين جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڏنو وڃي. اسلام هڪ فرد تي ڏار ڏار نافذ ڪيو وڃي يا مجموعي طور تي سوسائٽي تي نافذ ڪيو وڃي. پر اول ماڻهن جي دلين، ذهنن ۽ فڪر کي تبديل ڪيو وڃي. اسلامي نظام، اسلامي معاشري ۾ ئي قائم ٿي سگهي ٿو ۽ اسلامي معاشرو اهڙي شي ناهي، جنهن کي مٿان مسلط ڪيو وڃي.

معاشرو ماڻهن جي ميڙ جو نالو آهي ۽ اسلامي معاشرت مان مراد ماڻهن جو اهڙو ميڙ ۽ مجموعو آهي، جن جي سيرت ۽ ڪرادر اسلامي هجن، حضور نبي ڪريم ﷺ جن پهريائين معاشري جي فردن کي اسلام جي قالب ۾ پلٽيو، پوءِ انهن ماڻهن جي هٿان ئي اسلامي نظام قائم ڪيو. اڄ جيڪا ٻه قوم اسلامي نظام ڪرڻ گهري ٿي، تنهن کي اهو ساڳيو رستو اختيار ڪرڻو پوندو. حضور ﷺ جن پنهنجي رسالت جو اڌ کان وڌيڪ عرصو يعني ٽيويهن سالن مان تيرنهن سال فردن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ وقف فرمايا هئا. پاڻ سڀورن پهريائين اهي فرد تيار ڪيا، جيڪي اسلامي نظام جي لاءِ بنياد وانگر ثابت ٿيا، پاڻ ساري توجهه ساٿين جي سيرت سازي ڏانهن ڏيندا هئا، ڇاڪاڻ ته منزل تائين پهچڻ جو رستو اهو ئي آهي، ڪا ٻه قوم تيستائين

پنهنجي حالت ۾ تبديلي نٿي آڻي سگهي، جيستائين ان قوم جي ماڻهن جون دليون ۽ ذهن تبديل نٿا ٿين. ٻيا انساني نظام مٿان کان مسلط ڪيا ويندا آهن، پر اسلامي نظام دل جي گهراين مان ڦٽي نڪري ٿو. اهو فقط صحيح ۽ پختي ايمان جي ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو. ان مقصد لاءِ ابتدا ۾ هڪ مضبوط اقليت بہ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري ٿي. وڌ ۾ وڌ قربانيون ڏئي ٿي. ان کان پوءِ ئي سڄو معاشرو ان جي نقش قدم تي هلڻ لڳي ٿو.

هن مقالي مان اها ڳالهہ از خود واضح ٿيو وڃي ٿي تہ اسلام ۽ ٻين مذهبن جي وچ ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي. سڀني مذهبن جي ملڪي توڙي بين الاقوامي چارٽرن ۾ اخلاق، معاملات، حقوق، توڙي فرائض لڳ ڀڳ هڪ جهڙا ئي آهن. اهي هڪ ٻئي کان مختلف ناهن. هت سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ آخر اها ڪهڙي شئي آهي، جيڪا اسلام کي ٻين مذهبن، دستورن ۽ يو اين اي جي چارٽر کان نمايان ۽ ممتاز ڪري ٿي. ان سلسلي ۾ غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ انسان جي فطرت ۾ اصل کان وٺي خراب ۽ سٺين شين جي وچ ۾ تميز رکي وئي آهي، سچائي، انصاف، وعده وفائي ۽ امانت کي هميشہ سٺو سمجهيو ويو آهي، انساني تاريخ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو دور نہ آيو آهي، جنهن ۾ ظلم، ڪوڙ بدعهدي ۽ خيانت کي پسند ڪيو ويو هجي ۽ خود غرضي، بخل، تنگ نظري کي چڱو سمجهيو ويو هجي، ساڳي طرح اجتماعي زندگي جي چڱن ۽ خراب وصفن بابت بہ انسانيت هميشہ متفق رهي آهي. اها سوسائٽي هميشہ عزت جي نظرن سان ڏٺي ويندي آهي، جنهن ۾ نظم ۽ ضبط قائم هوندو آهي ۽ جنهن ۾ هڪ ٻئي سان تعاون، محبت خير خواهي، اجتماعي انصاف ۽ معاشرتي مساوات قائم هوندي آهي، نااتفاقي، انتشار، بدنظمي ۽ ظلم وغيره کي ڪڏهن بہ نيڪي شمار نہ ڪيو ويو آهي، ساڳيو ئي معاملو انساني ڪردار جي نيڪي ۽ بدي متعلق پڻ آهي، چوري، زنا، قتل، ڌاڪہ زني، جعل سازي ۽ رشوت کي ڪڏهن بہ چڱو نہ سمجهيو ويو آهي، جڏهن تہ مٽن مائٽن ۽ همساين سان سٺي سلوڪ، يتيمن ۽ غريبن جي خبر



گيري ڪرڻ، مريضن جي سار سنڀال لهڻ ۽ مصيبت ۾ ڦاٿل انسانن جي مدد ڪرڻ وغيره انهن شين کي هميشہ نيڪي سمجهيو ويو آهي، انسانيت جو جوهر اهي ئي ماڻهو ليکيا ويا آهن. جيڪي سچار، اصول پسند ۽ اعتبار جوڳا هوندا آهن، جن جي ظاهري ۽ باطني قول ۽ فعل ۾ ڪو فرق نہ هوندو آهي، جيڪي پنهنجي حقن تي قناعت ڪندڙ ۽ ٻين جا حق ادا ڪندڙ هوندا آهن ۽ جيڪي پاڻ امن سان رهن ٿا. ٻين کي امن فراهم ڪندا رهن ٿا ۽ جن مان هر هڪ کي ڀلائي جي اميد هجي ۽ ڪنهن کي بہ برائي جو انديشو نہ هجي، ان مان معلوم ٿيو تہ انساني اخلاقن کي عالمگير حيثيت حاصل آهي ۽ سمورا انسان اها ڳالهہ تسليم ڪندا اچن ٿا.

هاڻي سوال هي آهي تہ جيڪڏهن سڀئي مذهب سٺن اخلاقن جا قائل آهن ۽ دنيا هميشہ کان ڪن صفتن جي نيڪ ۽ ڪن جي خراب هجڻ تي متفق آهي تہ پوءِ آخر اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جي آڌر تي اسين چئون ٿا تہ اسلام وٽ ڌار ۽ مستقل اخلاقي نظام موجود آهي ۽ آخر اهو اخلاقي نظام ڪهڙو آهي؟ اصل حقيقت اها آهي تہ اسلام دستور ۽ اخلاق کان بہ اڳ ايمان کي اهميت ڏئي ٿو ۽ ٻين سڀني شين کي ايمان جي تابع رکي ٿو. ان سلسلي ۾ جڏهن دنيا جي ٻين اخلاقي نظامن جو جائزو وٺجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ انهن مان هر مذهب ۽ نظام وٽ اخلاق جا معيار ڌار ڌار آهن ۽ انهن جي وچ ۾ ان ڳالهہ تي پڻ وڏو اختلاف آهي تہ قانون جي پٺيان ڪار فرما اصل قوت ڪهڙي هجڻ گهرجي، جنهن جي ڪري معاشري ۾ قانون نافذ ٿي سگهي ۽ انسان کي قانون جي پابندي تي آماده ڪري سگهجي اصل شيءِ جنهن انهن سڀني اخلاقي نظامن جا رستا ڌار ڌار ڪري ڇڏيا آهن. اها هي آهي تہ انهن جي وچ ۾ ڪائنات جي تصور، انسان جي حيثيت ۽ انساني زندگي جي مقصد ۽ عمل جي نتيجي تي يقين ۽ ايمان ۾ اختلاف آهي، انهي اختلاف انهن کي پاڙ کان وٺي ٿارين تائين کين هڪ ٻئي جو مخالف بنائي ڇڏيو آهي.

اسلام جتي ڪائنات ۽ انسان جو تصور ڏي ٿو، اتي هو اسان کي نيڪ ۽ خراب اخلاقن بابت بہ تفصيلات ڏسي ٿو. اسلام جي ٻڌايل اخلاق جو تعلق محض عقل، خواهشات، تجربي يا انساني علم سان ناهي، جو انهن شين ۾ ڦير ڦار ٿيڻ سان اخلاقي حڪم بہ تبديل ٿي وڃن. بلڪ اسلام اسان کي مستقل اصول ڏي ٿو . جيڪي اسان وحي جي ذريعي ۽ پيغمبرن جي وسيلي حاصل ڪريون ٿا. انهي علم ۾ زندگي جي معاملات بابت وسيع اخلاقي اصول ملن ٿا. جيڪي عملي زندگي سان بالڪل ٺهڪي اچن ٿا. اهڙا اخلاقي اصول هئي ڪنهن بہ علم جي وسيلي حاصل ٿي نٿا سگهن.

اسلام معاشري ۾ هڪ اهڙي عام راءِ تيار ڪرڻ چاهي ٿو جيڪا اجتماعي زندگي ۾ فردن ۽ گروهن کي اصول جي پابندي تي مجبور ڪري، ان سان گڏوگڏ اسلام هڪ اهڙو سياسي نظام بہ ڏي ٿو . جنهن ۾ حڪومت طاقت جي ذريعي اخلاقي نظام قائم ڪري، ليڪن اسلام ٻاهرين دٻاؤ تي گهٽ زور ڏي ٿو، اهو وڌ ۾ وڌ زور اندروني دٻاءُ تي ڏي ٿو. اهو اندروني دٻاءُ خدا جي ذات ۽ صفتن تي علم ۽ عمل جي نتيجن تي يقين رکڻ جو نالو آهي، اسلام اخلاقي احڪام ڏيڻ کان اڳ انسان جي دل ۾ اها ڳالهہ ويهارڻ گهري ٿو تہ سندس معاملو انهي قادر مطلق ذات سان آهي، جيڪا هر وقت اسان کي ڏسي ٿي. اسين دنيا کان تہ لڪي سگهون ٿا، پر انهيءَ هستي کان لڪي نٿا سگهون، ٻين سڀني کي تہ ڌوکو ڏيئي سگهون ٿا، پر ان کي ڌوکو نٿا ڏيئي سگهون، دنيا کان تہ ڀڄي سگهون ٿا، پر ان جي گرفت کان بچي نٿا سگهون، دنيا محض اسان جي ظاهري حالت کي ڏسي ٿي، پر اهو اسان جي نيتن ۽ ارادن کي بہ پروڙي ٿو . سندس اڳيان رشوت، سفارش، ڪوڙي گواهي دوکو ۽ فريب وغيره ڪابہ شي هلي نٿي سگهي ۽ اهو مستقل بابت بي لاڳ فيصلو فرمائيندو . اهو عقيدو ويهاري، اسلام جڻڪ انسان جي دل ۾ پهريدار ويهاري ڇڏي ٿو . جيڪو ڪيس اندران ئي حڪمن جي تعميل تي مجبور ڪري ٿو، خواهہ انهن حڪمن جي پابندي ڪرائڻ لاءِ ٻاهر پوليس، عدالت، جيل موجود



هجي يا نہ هجي. اسلام جي اخلاقي قانون جي پويان اصل اها ئي شيءِ آهي جنهن ڪري قانون نافذ ٿئي ٿو. عام رائي ۽ حڪومت جي طاقت ان جي تائيد لاءِ موجود هجي تہ ان سان تہ مورڳو تمام گهڻو فائدو پهچي ٿو جي اها شي نہ هجي تہ ايمان ۾ ئي ايڏي طاقت آهي جو اهو اڪيلي سر مسلمان قوم کي سڌي رستي تي هلائي سگهي ٿو شرط فقط اهو آهي تہ ايمان سچ پچ دلين ۾ موجود هجي.

انهن وچورن مان واضح ٿي ويو تہ اسلام وٽ ڪائنات جو تصور خير ۽ شر جو تصور علم ۽ اخلاق اصول ۽ عمل تي اپاريندڙ قوت اهي سيئي شيون ٻين کان نرالي صورت ۾ موجود آهن، انهن شين جي وسيلي هو اخلاقيات کي زندگي جي تمام شعبن ۾ جاري ڪري ٿو ان ڪري اهو چوڻ صحيح آهي تہ اسلام هڪ مڪمل ۽ مستقل نظام آهي.

اسلام انهن اخلاقي وصفن کي اپنائي ٿو جيڪي معروف آهن اهي اخلاقي وصفون اسلام اهڙي طرح تہ اپنائي ٿو جو زندگي ۾ توزان قائم ٿيو وڃي ٿو ۽ زندگي جو ڪو بہ اهڙو شعبو ۽ حصو ناهي جيڪو اخلاقي اثر کان بچي وڃي. انفرادي ڪردار، خانگي معاشرت، شهري زندگي، ملڪي سياست، ڪاروبار، درسگاهون، عدالت، پوليس، فوج، جنگ ۽ صلح، مطلب تہ اسلام جو اخلاقي پهلو سڀني شين تي حاوي آهي ۽ اهو هر شيءِ ۾ اخلاق کي حڪمران بڻائڻ چاهي ٿو سندس ڪوشش اها آهي تہ خواهشات ۽ اغراض جي بجاءِ زندگي جون واڳون اخلاق جي هٿ ۾ هجن.

حقيقت هيءَ آهي تہ اسلام ايمان کي اولين اهميت ڏي ٿو دستور کي ٻي نمبر تي حيثيت ڏي ٿو. اسلام جي دستور جا بنياد قومون، ملڪ، ڏنڊا، هنر، رنگ، زبانون يا نسل ناهن هي تہ فقط انهن انسانن لاءِ آهي جي اول ايمان آڻين ٿا تہ الله قادر مطلق آهي ۽ جنهن عمل جو جيڪو نتيجو هن مقرر ڪيو آهي تنهن تي يقين رکن ٿا. انهيءَ عمل جي نتيجي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن کي نہ تہ ڪنهن فوج جي ضرورت آهي ۽ نہ وري پوليس جي. بلڪ عملن جا نتيجا

پاڻمرادو ٿين ٿا. جيتوڻيڪ بظاهر اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ گنهگار ماڻهو ترقي ڪندا رهن ٿا ۽ اسان سندن ترقيءَ کان متاثر بہ ٿيون ٿا، پر اها تہ فقط ظاهري صورتحال آهي،جيڪا اسان کي نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ اهڙا سڀ ماڻهو سدائين خوف ۽ ڊپ جي حالت ۾ رهن ٿا. ڪڏهن اهو پوءُ ٿيندو اٿن تہ متان حرام ذريعن سان حاصل ڪيل مال، ملڪيت جو ڪاٿئن حساب نہ ورتو وڃي ۽ ڪڏهن وري ڪو ٻيو خوف طاري هوندو اٿن.

اڄ ڪلهہ خوف جي بيماري قومن ۽ ملڪن کي بہ هڪ ٻئي کان لڳل آهي تہ فردن کي پڻ اها بيماري لاڳو آهي. هر ڪنهن تي اهو خوف مسلط آهي تہ هن جيڪا ترقي ڪئي آهي، سا متان هن کان کسجي نہ وڃي، دراصل اهو سڀ اسان جي خراب عملن جو ئي نتيجو آهي. معاشري ۾ اهڙو سڪون ۽ امن، جنهن سان هر شخص کي پنهنجن ٻارن ٻچن، پنهنجي ملڪ، قوم ۽ ساري انسانيت لاءِ اطمينان هجي تہ متن ڪو بہ چڙهائي نہ ڪندو، اهو اطمينان فقط انهيءَ صورت ۾ حاصل ٿي سگهي ٿو ، جڏهن معاشري ۾ خدا پاڪ جي وڏائي ۽ جزا سزا جي قانون تي يقين وڌ ۾ وڌ موجود هجي. انهي ڪري اسان هن ڪتاب ۾ ايمان جي لاءِ بہ شيون ضروري قرار ڏنيون آهن، هڪ الله جي ذات ۽ سندس عظمت تي ايمان، ٻيو اهو يقين تہ هر عمل جو بدلو اهو ئي ملندو ، جيڪو الله تعاليٰ مقرر ڪيو آهي. انهن ڳالهين جو علم الله تعاليٰ وحي جي ذريعي اسان کي ڏنو آهي. انهن ٻنهي شين سان ئي ايمان جي تڪميل ٿئي ٿي، اسلامي دستور ۽ ٻين سڀني مذهبن ۽ دستورن ۾ اهو ئي بنيادي نقطو آهي، جنهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. يعني تہ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل طبعي قانونن وانگر انساني معاشري تمدن جي بهتري ۽ پلاٽيءَ لاءِ بہ ساڳيو جزا ۽ سزا وارو مڪافاتي قانون جاري آهي ۽ انهيءَ کي ڪا بہ قوت بدلائي نٿي سگهي. معاشرتي قانون ۽ عمل جا نتيجا سڀني انسانن، سڀني طبقن ۽ سڀني قومن، سڀني ملڪن ۽ سڀني نسلن تي هڪ جهڙا لاڳو ٿين ٿا. اهي هر زماني ۾ اڻ ٽر هوندا آهن. انهن ۾ نہ اڳ ڪڏهن ڦيرو آيو



آهي ۽ نہ وري آئنده ڪا تبديلي اچي سگهي ٿي.

اسلام خدا جي ڪنهن نرالي هستيءَ جو تصور پيش نہ ڪيو آهي، بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ اسلام کان اڳ خدا تي ايمان، اخلاقي اصول ۽ عملي زندگي اهي سموريون شيون هڪ ٻئي کان ڌار ڌار هيون. اسلام انهن ٽنهي شين کي هڪ هنڌ جمع ڪيو آهي ۽ انهن جي ميلاپ ذريعي دنيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جو هڪ مڪمل نقشو قائم ڪري ڏيکاريو آهي. اسلام سيکاريو آهي تہ الله تي ايمان فقط هڪ فلسفياڻي حقيقت کي مڃڻ جو نالو نہ آهي، پر اهو ايمان هڪ خاص قسم جي مزاج سببان خاص قسم جي اخلاق جي تقاضا ڪري ٿو۽ اهو اخلاق زندگي جي سڀني ڪنڊن ۽ شعبن ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي، اهو آهي ايمان ۽ صالح عمل جو گڏيل ميلاپ. جنهن کي والذين آمنو وعملو الصالحات جي جملي ۾ بار بار ورجايو ويو آهي.

هن مضمون ۾ اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ اصل ڳالهہ کي سادن لفظن ۽ مختصر فقرن ۾ پيش ڪريون. خدا ڪري اسين انهي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا هجون.